# سنڌ گهمندڙ سيلاني

دادا سنڌي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌ گهمندڙ سيلاني

ليکڪ:

**دادا سنڌي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

2009ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[سمورا حق واسطا بحق سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون		سال 2009ع		تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ رپيا
[ Price Rs. 100-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

دنيا جا سمورا سيلاني، دنيا جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ جا وڏا راوي رهيا آهن. قديم سنڌي شعري ادب جي تذڪرن ۾ ٻڌ مذهب جو پرچارڪ "سرهيو سيلاني" هڪ وڏو نالو رهيو آهي. جنهن جو شعر، قديم سنڌ جي آڳاٽي ادبي تذڪرن ۾ لڀي ٿو. ان ريت يوناني سياح هيرودوٽس وٽان هخامنشي (ايراني) حاڪمن ۽ ان دور جي سنڌي سپاهہ جو تذڪرو ملي ٿو، جيڪي ايراني فوج ۾ ڀرتي ٿي ڪري يونانين سان جنگ ڪندا هئا. هيرودوٽس سنڌ ۾ 489ق.م ۾ ڪپهہ جا ٻوٽا ڏسي حيران ٿي ويو ۽ لکيائين تہ سنڌ ۾ اهڙا ٻوٽا ٿين ٿا، جن ۾ پشم پيدا ٿئي ٿي، سنڌ تي عرب دور حڪومت کان اٽڪل هڪ صدي اڳ چين جي تانگ گهراڻي جي دور حڪومت (607-618ع) ۾ مهاتما ٻڌ جو هڪ پوئلڳ هيونسانگ سنڌ پهچي ٿو، هن پنهنجي سفر دوران سنڌ جي عالمن ۽ اڪابرن سان وڏا علمي بحث مباحثا ڪيا ۽ ٻڌ ڌرم جي 75 بنيادي قلمي مخطوطن کي چيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو، هن لکيو آهي تہ مهاتما گوتم ٻُڌ سنڌ آيو هو ۽ هن جي مقدس رک جو هڪ حصو سنڌ ۾ موجود رهيو. وري عرب سيلانين جي تذڪرن ۾ اهو پڻ ملي ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪيو ۽ ڪيترائي اصحابيؓ پڻ

سنڌ آيا هئا. اهڙو تذڪرو سنڌ جي ٺٽي جي مشاهيرن پڻ ڪيو آهي. هڪ اصحابيؓ ندي ڪناري آرامي آهي. عرب دنيا، چين ۽ يورپ جي مختلف سيلانين سنڌ ڪي جيئن ڏٺو، ان جو تفصيل محترم دادا سنڌيءَ سهيڙي 36 مضمونن جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي، آءٌ بورڊ پاران تاريخ جي ههڙي املهه سوکڙيءَ کي پيش ڪندي سرهائي محسوس ڪريان ٿو. اميد آهي ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ تذڪرن سان دلچسپي رکندڙن وٽ پذيرائي حاصل ڪندو.

جام شورو، سنڌ
اڱارو 9 ربيع الاول 1430هه
بمطابق 7- مارچ 2009ع

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


| نمبر شمار | سياح | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | هيرودوٽس | 7 |
| .2 | ميگئسٿينز | 11 |
| .3 | اسٽرابو | 14 |
| .4 | هيونسانگ | 17 |
| .5 | ابو زيد حسن سيرافي | 20 |
| .6 | سليمان تاجر | 23 |
| .7 | اليعقوبي | 27 |
| .8 | بزرگ بن شهريار | 30 |
| .9 | المسعودي | 34 |
| .10 | اصطخري | 38 |
| .11 | ابن حوقل | 41 |
| .12 | ابو دلف | 44 |
| .13 | بشاري مقدسي | 46 |
| .14 | البيروني | 50 |
| .15 | ابن بطوطا | 53 |
| .16 | سيدي علي رئيس | 58 |
| .17 | محمود بلخي | 62 |
| .18 | نڪولس وٿنگٽن | 65 |
| .19 | نڪولس منوچي | 68 |
| .20 | اليگزينڊر هئملٽن | 71 |
| .21 | ناٿن ڪرو | 74 |
| .22 | سر هينري پاٽنجر | 78 |
| .23 | اليگزينڊر برنس | 82 |

| | | |
|---|---|---|
| .24 | ډاکټر جيمس برنس | 85 |
| .25 | چارلس مئسن | 88 |
| .26 | آرتر کونولی | 91 |
| .27 | کيپټن ايسټوک | 94 |
| .28 | لطف الله سورتي | 97 |
| .29 | سر رچرډ فرئنسز برټن | 101 |
| .30 | جوزف سالبئنک | 105 |
| .31 | کيپټن. ټي.پوسټنس | 108 |
| .32 | ديوارت باربوسا | 112 |
| .33 | رابرټ ارسکن | 115 |
| .34 | فري سباسټن منريق | 118 |
| .35 | ډبليو.ايچ. مورلئنډ | 121 |
| .36 | وليم فرمليئن | 124 |

# هيرودوٽس

(489 ق.م - 420 ق.م)

هيرودوٽس يونان جو مشهور عالم، سياح، پهريون تاريخدان ۽ مهم جُو شخص ٿي گذريو آهي. هو ايشيا مائنر جي شهر فئليڪارناسز ۾ 489 ق.م ۾ ڄائو ۽ سن 420 ق.م ۾ وفات ڪيائين. هو ڄائو ڄپنو، پليو ۽ وڏو اتي ٿي ٿيو، پر پوءِ جون سياسي حالتون ڏسي اتان لڏي ويو ۽ ايران جي شهنشاهه دارا اعظم (اول) جو ڏاڪو ٻُڌي، ان وٽ ويو ۽ دارا لاءِ ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين.

ايران جا سنڌ سان پراڻي زماني کان سياسي ۽ تجارتي ناتا هئا. دارا اعظم (اول) 519 ق.م ۾، سنڌ کي فتح ڪري، پنهنجي ايراني شهنشاهت ۾ شامل ڪيو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ ايرانين جي آمد وڌي ويئي. 380 ق.م ۾ بهمن بن اسفنديار، سنڌو نديءَ جي لوهاڻي شاخ تي بهمن آباد ۽ اقليم، سنڌ جي ڪيچي صوبي ۾ قندابيل شهر نهرايا. فردوسي 'شاهنامي' ۾ ڄاڻائي ٿو، تہ سنڌ جا ست راجا ڪابل، سنڌ، هند، ساندل، چندل، ڪشمير ۽ ملتان، ايران کي ڍل ڀريندا هئا: سائرس اعظم 558 ق.م ۽ 530 ق.م ۾، بلخ تائين ملڪ فتح ڪيو هو. جڏهن دارا سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن هيرودوٽس بہ هن سان آيو. هن سنڌ کي دارا اعظم جي اٺيهين ولايت ڄاڻايو آهي. هن، ان وقت جيڪي ڏيهي رياستون، ايراني شهنشاهت جي ماتحت هيون، تن ۽ انهن قومن جا يوناني نالا ڏنا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

1. ساڪا يعني ساڪستان يا سيتان جا رهاڪو. هي هامان ڍنڍ جي آسپاس رهندا هئا. سندن راجا جو نالو 'هامارگا' هو 2. ماڪا، هنن کي هيرودوٽس ميڪان لکيو آهي. هي مڪراني علائقي جا هئا 3. ستاگيدائي، گنداروئي، ٿاتاگو، داديڪائي، اپاريتائي، ديدڪائي ڪسپوئي، ٿامايوئي، پڪٿائي. منجهانئن ديدڪائي ڪشمير ۽ چترال جي وچ واري علائقي جا رهاڪو هئا. اپاريتائي، هندوڪش ۽ ڪابل جي وچ واري پرڳڻي جا رهاڪو

هئا. ڪبسيوئي، ساڪا وارن جا پاڙيسري هئا. تاما يوئي وچ افغانستان ۾ رهندا هئا. پڪٿائي (پشتو) ڪوئيٽا ۽ پشين جا رهاڪو هئا.

سنڌ مان ڪيترائي فوجي سپاهي ايراني لشڪر ۾ ڀرتي ٿيا. دارا اعظم (اول) (486 ق.م) جڏهن يونان تي حملو ڪيو، تڏهن پنهنجي لشڪر سان گڏ هڪ سنڌي فوجي دستو به ان ۾ شامل ڪيو. تنهن جنگ ۾ سنڌي هاٿي به استعمال ٿيا. 486 ق.م ۾ دارا اعظم جو پٽ زرڪيز تخت تي ويٺو. هن يونان کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو جنگي ٻيڙو ۽ فوج تيار ڪئي. اها جنگ ٿرماپلي ۽ سليمس جي نالي مشهور آهي. زرڪيز به لک 40 هزار لشڪر، 12 سؤ جهازن ۽ ٽي هزار بار برداري جي جهازن سان هيلسپانٽ جي سمنڊ کي لتاڙي اٿينز تي گهيرو ڪيو. هن فوج ۾ سنڌين جو تمام گهڻو تعداد هو، جن پاڻ سان ڪتا به ڪنيا هئا. هيرودوٽس ان جنگ جي سنڌي سپاهين بابت لکي ٿو: "سنڌي سوار ۽ پيادل فوج جا سپاهي هئا. سندن پوشاڪ سوٽي ڪپڙي جي هئي ۽ سندن هٿيار، تير ۽ ڪمان هئا. تير ۽ ڪمان بيد جا جڙيل هئا، تيرن جون اٽيون/نوڪون لوهه جون هيون. اهي پاڻ سان هلڪ رٿ ۽ هاٿي به ڪٽندا هئا. هي پهريون ڀيرو هو، جڏهن سنڌين جنگ جي ميدان ۾ هاٿي آندا هئا. سوارن وٽ گهوڙا ۽ رٿن ڇڪڻ لاءِ گورخر هئا. سيستاني سنڌي سپاهين کي ڊگهيون ٽوپيون پاتل هيون. بلوچستانين وٽ پتل ۽ فولاد جا هٿيار هئا، سندن پوشاڪ چمڙي جي هئي. سنڌي قبيلن مان جاٽ (جت) محنتي، سادا، ايماندار، بدن جا مضبوط، قد جا ڊگها ۽ جنگجو هئا. جٽن انين صديءَ تائين هندستان جي تاريخ ۾ نالو ڪڍيو. بهرحال سنڌي پهرئين قوم هئي، جنهن 500 ق.م ۾ سمنڊ پار يونانين سان بحري ۽ بري ويڙهه ۾ پنهنجي فوجي قابليتن جو ثبوت ڏنو. دارا اعظم (ٽئين) سڪندر مقدونيءَ سان جنگ ڪرڻ وقت اربيلا واري ميدان ۾، تورانين، بلوچن، باختري، ساڪا ۽ سنڌي فوجن کان به مدد ورتي هئي. سنڌين وٽ هاٿي به هئا." دارا اعظم هر سال نوروز ۽ مهرجان جي موقعن تي، شاهي مجلسون ڪري، پنهنجي لشڪر جي اڳواڻن جون دعوتون ۽ ڪين سوکڙيون ڏيندو هو. هيرودوٽس جي چوڻ موجب اهڙيون خلعتون سنڌي فوجين کي به ملنديون هيون.

هيرودوٽس جي زماني ۾، سنڌ سون جو گهر سڏبي هئي. هت گهڻي مقدار ۾

۽ اعليٰ قسم جو سون ملندو هو. سنڌ ۾ سون جي گهڻائي جو ذڪر ڪندي. هيروڊوٽس لکي ٿو: "سنڌ جي اترئين حصي ۾ اهڙيون ماڪوڙيون آهن. جي قد ۾ لومڙ جيڏيون آهن. اهي پنهنجن برن ۾ سون ميڙي رکن ٿيون. سنڌي ماڻهو ڪتا سان ڪري، ماڪوڙين کي پڇائي، برن کي کوٽي سون ميڙيندا هئا." هنن ماڪوڙين جو ذڪر مهڀارت جلد ٻئي ۾ به ڪيل آهي. ساڳيءَ طرح ايم. ڪرنيل قديم هند جي صفحي 44 تي اهڙين ماڪوڙين جو ذڪر ڪيو آهي. ان زماني ۾ ايراني حڪومت کي، ايشيائي صوبن مان جيڪا اُپت ٿيندي هئي، تنهن جي ٽئين حصي جيتري ڍل سنڌ جو ساليانو خراج هو. هي ساري ڍل سنڌ سون جي صورت ۾ ادا ڪندي هئي. هيروڊوٽس لکي ٿو: "سنڌي سون جي ڀوري جا ٽي سؤ سٺ ٽئلينٽ ڏن طور ڏيندا هئا. جيڪي ذري گهٽ ڏهن لکن پائونڊن يعني ٽڏهوڪن ٻن ڪروڙ رپين جي برابر ٿين ٿا." ايلم ميڊيا ۽ بابل وارا سنڌ جي حڪومت کان سون خريد ڪندا هئا. سوسا، ايڪباتانا ۽ بابل وارن جا خزانا سنڌ جي سون سان ڀريل هئا. ميڊيا جي تختگاهه ايڪباتانا (همدان) تي قبضي ڪرڻ وقت دارا اعظم کي سترهن لکن پائونڊن جو خالص سنڌي سون، شاهي خزاني مان هٿ لڳو. ايراني حڪمرانن جيڪي سڪا نهرايا، تن ۾ نج سنڌي سون هو. انهن سڪن جو وزن 130 گرام هو. جنهن جي هڪڙي پاسي کان تيرڪمان جي شڪل ۽ ٻئي پاسي تي شهنشاهه جي تصوير اُڪريل هئي. اهو سڪو سودريڪ سڏبو هو. دارا اعظم سنڌ لاءِ چوڪندا ۽ پنج ڪندا چانديءَ جا سڪا جاري ڪرايا هئا، ته جيئن مغربي دنيا ۾ سندس واپار چالو رهي. هي سڪا بنارس کان وٺي اوفير تائين جاري هئا.

هيروڊوٽس، سنڌ جي زرعي جنسن جو به ذڪر ڪيو آهي، پر تمام عجيب نموني ۾ هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ اهڙا وڻ ٿين ٿا، جن ۾ پشم ٿئي ٿي." هن جيئن ته اڱ وونئڻ جا ٻوٽا ڪين ڏٺا هئا. ان ڪري ئي هو ڪپهه کي پشم لکي ٿو. سنڌ جي سرزمين جيئن ته زرخيز هئي ان ڪري ٻوٽا تمام وڏا، مضبوط ۽ گهاٽا نظر ايندا هئا، جنهن کي هيروڊوٽس وڻ لکي ٿو.

بهرحال هيروڊوٽس سنڌ جو اهو سياح آهي، جنهن لاءِ سنڌ جو نامور محقق ايم. ايچ. پنهور صاحب لکي ٿو ته: "هيروڊوٽس جيڪڏهن سنڌ ۾ نه اچي ها ته اخمينين جي سنڌ جي فتح، سنڌ ۾ نظام حڪومت، واپار، سنڌ جي پيدائش مثلاً: ڪمند ۽ ٻين فصلن، اسڪائليڪس جو دريائي سفر، سنڌ تي لڳايل ڍل ۽ 480

ق.م ۾ سنڌ جي سپاهين جو ايراني بادشاهن طرفان يونانين سان جنگ جو احوال اسان کي معلوم نه ٿي سگهي ها." "هيروڊوٽس" دارا اعظم جي سنڌ تي چڙهائي" نالي سفر نامو 431 - 484 ق-م ڌاري لکي پورو ڪيو.

مطلب ته، هيروڊوٽس جو 'سفرنامو سنڌ' جي تاريخ جو اُملهه خزانو آهي.

---

# ميگسٿنيز

سڪندر يوناني (سڪندراعظم) جي تباهي ۽ ڦرلٽ مچائڻ کان پوءِ، بهار جي موريا گهراڻي جي نامور راجا چندر گپت، سنڌ تي تسلط ڄمايو. چندر گپت ٽئڪسيلا جي مڪتب ۾ تعليم ورتي ۽ سڪندر اعظم جي فوجي جوڙجڪ ۽ جنگي فتحن مان واقف ٿيو. هن مُگڌ جي نندا خاندان جي پوئين راجا مهاپدما کان 322 ق.م ۾ مُگڌ فتح ڪيو ۽ پنجاب ۽ سنڌ مان، يونانين کي ڀڄائي هڪ منظم ۽ مضبوط سلطنت جو پايو وڌو. هن جي گاديءَ جو هنڌ پاٽلي پتر (پٽنہ) هو ۽ سندس سلطنت مغرب ۾، هرات تائين پکڙيل هئي. هن جي ڏينهن ۾، سڪندر اعظم جي فوجي جرنيل سيليوڪس سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، پر سنڌي لشڪر جي بهادري ۽ عسڪري قوت آڏو ڪيس مات کائڻي پيئي. ان ڪري چندر گپت کي پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏيئي ساڻس دوستي رکي ۽ پنهنجي هڪ سفير ميگسٿنيز کي سندس دربار ۾ موڪليائين.

جن ڏينهن ۾ ميگسٿنيز برصغير ۾ آيو، ان وقت سنڌ ۾ بہ چندرگپت جي حڪومت هئي، ۽ چندرگپت جو وزيراعظم، سنڌ جو نامور سياستدان ۽ ماهرطب چاڻڪيہ پنڊت هو، جنهن سنڌ ۾ بهترين انتظام رکيو. ان وقت جي سنڌ جو احوال هن يوناني سياح جي، لکت مان ملي ٿو. سنڌ جو مشهور محقق جناب ايم. ايڇ. پنهور لکي ٿو تہ "ميگسٿنيز ڪو گهڻو سفر ڪونہ ڪيو، پر چوي ٿو تہ، هن سڪندر اعظم کان ملڪ جا زياده حصا ڏٺا هئا. جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس، ان جو واسطو هندستان جي ڪن صوبن سان آهي، پر ملڪ جون عام حالتون ساڳيون هيون، ان ڪري ڪي ڳالهيون، سنڌ سان لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. هن جا لکيل بيان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏيکارين ٿا تہ لکندڙ لائق ماڻهو هو ۽ جيڪي بہ لکيو اٿس سو ايمانداري سان، لکيو اٿس. جيئن تہ ان وقت سنڌ، چندرگپت جي حڪومت جو هڪ صوبو هو، ان ڪري جيڪا انتظامي ۽ سياسي پاليسي هڪ مرڪز جي هئي، اهائي سنڌ ۾ لاڳو هئي ۽ جيڪي حالتون سڄي برصغير ۾ هيون، اهي ئي ساڳيون سنڌ جون هيون. ۽

مرنديون هيون تہ ڪي چڪيا چڙهنديون هيون. سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ جهڙوڪ: ٽئڪسيلا ۽ بلوچستان جي ايران واري علائقن جا ماڻهو مڙدن کي، ميدانن ۾ ڦٽو ڪندا هئا. جن جو ماس ڳجهون پٽي کائينديون هيون.

ملڪ جون اقتصادي حالتون بيان ڪندي ميگئسٿنيز لکي ٿو تہ "ماڻهو سکيا ستابا ۽ ڏاڍا سٺا ڪاريگر هئا. خاص طور ڌاتن مان شيون ٺاهڻ ۽ ڪپڙو اڻڻ ۾ قابل هئا. سوداگرن کي عزت ڏني ويندي هئي. واپار سمنڊ پار ملڪن جهڙوڪ: چين ۽ هندي سمنڊ جي ٻيٽن سان هلندو هو. شين جون قيمتون سرڪار مقرر ڪندي هئي ۽ هر روز نين قيمتن جو اعلان ٿيندو هو. عورتن ۽ لاچار انسانن کي سرڪار طرفان مدد ملندي هئي. پٽنا کان پشاور تائين 1150 ميل ڊگهو رستو هو. جنهن سان واپار هلندو هو. ڪڏهن بہ هٿ ڏڪار ڪونہ پيو ۽ نہ وري اناج جي کوٽ ٿي." ميگئسٿنيز جو هيءُ سفرنامو جيتوڻيڪ هڪ مڪمل ۽ ڏار ڪتاب ۾ ڪين ڇپيو آهي پر مئڪونڊل جي هڪ ڪتاب "اينشنٽ انڊيا ائزڊسڪرائيبر باءِ ميگئسٿنيز ائنڊ ارين." ۾ ڇپيو آهي. جتان مؤرخن سندس مواد وٺي ان جي ڪارگذارين جو ذڪر ڪيو آهي. بهرحال ميگئسٿنيز جي هيءَ لکت ان دور جي سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي حالتن جو آئينو آهي، جنهن کي اڳيان رکي اسان پنهنجي شاندار تاريخ مرتب ڪري سگهون ٿا.

---

# اسٽرابو

(64 ق.م - 19ع)

ايرانين جي لاڳيتن ڪاهن، باهمي ۽ اندروني جنگين ڪري اٿينز ۽ اسپارٽا جي فوجي ۽ سياسي قوت ختم ٿي چڪي هئي. 220 ق.م يونان ۾ اٿينز، اسپارٽا ۽ ٿيبيس ٽي رياستون هيون، جن مان اٿينز وٽ بحري ٻيڙو هو. ان وقت مقدونيا جو حاڪم فلپ (پيو) هو، جيڪو يونانين ۾ اتفاق ۽ اتحاد قائم ڪري ايرانين کان انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر هو 336 ق.م ۾ هڪ سازش تحت قتل ٿي ويو، ان کان پوءِ سندس پٽ سڪندراعظم تخت تي ويٺو. "تاريخ تمدن سنڌ" جي ليکڪ رحيمداد خان مولائي شيدائي جي بيان موجب: "هن پنهنجي پيءُ پاران ورثي ۾ مليل حڪومت جون حدون يورپ ۾ درياءَ ڊئنوب تائين وڌايون. بعد ۾ 333 ق.م يونان جي فسادن کي مٿائي ڪين اتحاد ۾ اٽي 232 ق.م ايراني شهنشاهت جي ايشيائي مقبوضات تي ڪاهه ڪئي. ايشياڪوچڪ ٽپي شام جي سرحد اسوس وٽ پهتو." اهڙي طرح سڪندر اعظم شام، فلسطين ۽ مصر کي فتح ڪيو. مصر کان فارغ ٿي اربيلا جي جنگ ۾ دارا (ٽئين) کي شڪست ڏيئي بابل، سوسا، اصطخر ۽ ايڪباتانا تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هو پاڻ کي ايران جو شهنشاهه ڪوٺائڻ لڳو. ايشيا جا ٻيا صوبا سندس ڪاهه هيٺ اچي ويا. چنانچه ڪومانيا، پارٿيا، ميڊيا، آرمينيا، هرڪينيا، گيدروشيا، ڊرئنگيانا، ايريا، آرچوسيا، صغدانيا، بئڪٽرينا ۽ افغانستان تي هن قبضو ڪيو. هاڻي هن ڪابل ۽ سوات جي رستن کان هندستان فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ۽ اهڙي طرح 326 ق.م ۾ هو سنڌ ۾ پهتو. سنڌ تي سڪندراعظم جي ڪاهه جو خاص مقصد ايشيا جي اڻ ڪٽ دولت ۽ واپار تي قبضو ڪرڻ هو، جيئن يورپ ۽ ايشيا جا، واپاري ناتا مضبوط رهن، يوناني تهذيب هنر ۽ زبان جو مشرق تي اثر رهي. اهڙي ارادي کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، سڪندراعظم پاڻ سان هنرمندن، تاجرن، جاگرافيدانن، تاريخ نويسن، مسترين، انجنيئرن ۽

فلاسفرن جي هڪ خاص جماعت گڏ آندي، تہ جيئن هر عالم ۽ فن جو ماهر پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ ڪم ڪري سگهي ۽ مشورو ڏيئي سگهي. اهڙن ماهرن مان اسٽرابو بہ هڪ هو.

اسٽرابو بنيادي طرح جاگرافيدان هو. پاڻ ماني مڃي لائق هو. ان ڪري پنهنجي شوق کي پوري ڪرڻ ۽ علم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ هن تمام گهڻو سفر ڪيو. هن يونان جي مشهور عالم ٿائرنيين جي صحبت ۾ رهي ڪري، جاگرافي جي علم ۾ وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪئي. جناب ايم. ايڇ. پنهور لکي ٿو: "اسٽرابو، پنهنجي جاگرافي جي ڪتاب ۾، اڳوڻن جاگرافيدانن جي تصنيفن کي استعمال ڪري، انهن کي تباهہ ٿيڻ کان بچايو. ڌرتي کي گولو تسليم ڪرڻ سان گڏ هن نوان کنڊ دريافت ڪيا ۽ انهن کي نالا ڏنا. هن جي تحقيق موجب، کنڊن جي چوطرف سمنڊ آهي ۽ ڌرتي جو سڪل حصو، اتر واري اڌ گول جي، چوٿين حصي تي ڇانئيل آهي، باقي ايراضي ۾ سمنڊ آهي." اسٽرابو جي لکيل جاگرافي جو ترجمو، اٺن جلدن ۾، لولب ڪلاسيڪل لائبريري طرفان ڪيو ويو آهي، جيڪو لنڊن مان 1917ع ۾ شايع ٿيو. بعد جي ڪيترن ئي مؤرخن سندس ڪتاب تان استفادو ڪيو.

اسٽرابو، سنڌ ۾ رهي سنڌ جي واپار تي تمام گهڻو لکيو آهي. جناب ايم.ايڇ. پنهور صاحب جي لکڻ موجب: "سنڌ جي پراڻي جاگرافي تي، سندس هيءَ هڪ ناياب ڪتاب آهي." اسٽرابو لکي ٿو: "مون هڪ سڱو گينڊو، آگسٽس جي قلوپطرا تي فتح جي موقعي تي ڏٺو، جيڪو ان وقت سنڌو درياءَ ۾ عام هو. اهو هڪ سڱو گينڊو، گهڻو ڪري، سنڌ مان مصر موڪليو ويندو هو." اسٽرابو لکي ٿو: "هن هڪ 9 فوٽ ڊگهو نانگ، مصر ۾ ڏٺو، جيڪو هت سنڌ مان موڪليو ويو." هو ماکيءَ جي مک متعلق لکي ٿو: "سنڌ ۾ ماکي، وڻن مان پيدا ٿئي ٿي، جا ماکيءَ جي مک جي مدد سان پيدا ٿئي ٿي. اسٽرابو، سنڌ جي تجارت بابت تمام گهڻو لکيو آهي ۽ خاص ڪري هن پٽيور واري بندر جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. پٽيور، ان وقت، سنڌو ندي جي الهندي شاخ گهارو ۽ سمنڊ جي ڪاري جي اترئين ڪپ تي، اقتصادي ۽ واپاري هلچل سان ڀرپور بندرگاهہ ۽ عاليشان شهر هو، جيڪو هندستاني واپار لاءِ، ڀهريون بندر هو. ڇاڪاڻ تہ ڳاڙهي سمنڊ کي پار ڪرڻ کان پوءِ، ڀهرئين ڀهرئين

هندستاني ڪناري جي انهيءَ بندر تي اچبو هو. هيءُ بندر ق.م ڪان يارهين صدي عيسويءَ تائين هند ۽ سنڌ جو، وڏي ۾ وڏو تجارتي بندر هئڻ سان گڏوگڏ، سنڌ ۽ هند جي مختلف علائقن ڏانهن ويندڙ قافلن جو لنگهه (Gate way) بہ هو. اندرون سنڌ جو مال بيڙين رستي هت ايندو هو ۽ هتان اهو مال، سامونڊي غورابن ۾ چڙهندو هو. سڪندراعظم جي ڪاهه وقت هن بندر کي بين الاقوامي بندر جي حيثيت حاصل هئي. سنڌ، هند، چين ۽ ڏور اوڀر جي تجارتي مال، هن بندر تان ڏور نهين ڏيهن ڏانهن امڪيو ويندو هو. چين جو ريشم، شاهراهه ريشم جي رستي پنيور بندر تان روم ويندو هو. استرابو پنيور کي باربريڪان لکي ٿو. سندس چوڻ آهي: "هيءُ بندر ان وقت گڏيل هندستان جو وڏي ۾ وڏو تجارتي بندر هو. ۽ ان جو مصر جي شهر، سڪندريہ جي معرفت، رومي سلطنت سان واپار هلندو هو. هو سامونڊي تجارتي رستا بيان ڪندي چاڻائي ٿو: "مصر مان قافلا ڳاڙهي سمنڊ ۾ ايندا هئا ۽ اتان عربي سمنڊ لاءِ روانا ٿيندا هئا. آگسٽس جي دور تائين مصر جا جهاز ورلي باب المغرب تائين پهچندا هئا پر سندس هتان 25 ق.م ۾ عدن جي تباهي ۽ عرب قبيلن تي حاوي ٿيڻ بعد مصري، يوناني ۽ رومن جهاز عربي سمنڊ ۾ اچڻ لڳا. عربستان مان قافلن جا رستا بيان ڪندي لکي ٿو: "سنڌ مان مال عدن تائين ويندو هو. جتان عرب قافلن رستي اهو مال مصر ۽ يونوچ سمنڊ جي ڏاکڻين ڪناري تي پهچندو هو."

استرابو جي اهم ڳالهہ هي آهي تہ سنڌ جي هن يوناني سياح جو مختصر احوال، جنهن سنڌ ۾ سير ڪرڻ وقت هتان جي ڪن عجيب و غريب شين جو ذڪر ڪيو ۽ هتان جي تجارت تي خاص روشني وڌي، جيڪا اسان جي تاريخ جو اهم باب آهي.

# هيونسانگ

(596ع - 664ع)

چين ملڪ ۾ اتي جي تهذيب ۽ تمدن، ٻين ملڪن جي قومن جي ثقافتي روايتن کان، بنهه منفرد ۽ نرالي آهي. چين پنهنجي تهذيب جون روايتون ٽن هزار سالن کان بہ اڳ ترتيب ڏيڻ شروع ڪيون. چين جا ماڻهو، هر نئين ڳالهہ ۽ هر نئين فڪر کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هئا. ان ڪري هو، دنيا جي مختلف ملڪن ۾، خوب کان خوب تر جي تلاش ۾، ۽ پڻ پنهنجي نئين مذهب ٻڌ ڌرم جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، هند سنڌ ڏانهن پنهنجا سڄاڻ ۽ ذهين فرد موڪليندا، جن مان فاهيان، سونگ يون ۽ هيونسانگ مشهور سياح آهن، جيڪي ٽئين عيسوي صدي عيسويءَ کان ستين صدي عيسوي تائين هت گهميا ڦريا ۽ مهاتما گوتم ٻڌ جي زندگي، تعليم ۽ پيغام بابت تحقيق ڪيائون. سنسڪرت ۽ پالي زبان ۾، پيش ڪيل ٻوڌي اصول ۽ هدايتون چيني زبان ۾ ترجمو ڪيائون.

هيونسانگ چين جي، هونان صوبي ۾ سن 596ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ پڙهيل ڳڙهيل ۽ ديني علوم جو سنو ڄاڻو هو. هن جو وڏو ڀاءُ ٻڌ ڀڪشو هو. هيونسانگ، تي بہ ڀاءُ جو اثر پيو ۽ هو بہ ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ بڻجي ويو. اهڙيءَ طرح ويهن سالن جي عمر ۾ هو، پڪو ڀڪشو بڻجي ويو. هن کي ٻڌ مذهب جي صحيح تعليم ۽ ان جي باني جي جنم ڀومي جي زيارت جو شوق ستائڻ لڳو، ان ڪري هن هند ۽ سنڌ ڏانهن اچڻ جو پڪو ارادو ڪيو تہ جيئن هو ان مذهب جي صحيح اصولن، متن ۽ مسلڪ کي سمجهي سگهي. ان زماني ۾، چين تي تانگ گهراڻي (607ع - 618 ع) جي حڪومت هئي ۽ هو چين جي ڪنهن بہ فرد کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت نہ ڏيندا هئا. ان ڪري ئي هو لڪي چوري تاشقند، سمرقند ۽ افغانستان کان ٿيندو ڪشمير پهتو ۽ سنڌو ندي ذريعي وچئين ميداني علائقي مان ٿيندو سنڌ پار ڪري، هندستان ويو. مهراڻ جي ٻنهي ڪپن تي، ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين، ٻڌ ڌرم وارن جا ڪيترائي مندر ۽ پاٺ شالائون هيون، جيڪي پنهنجي زماني ۾ علم ۽ هدايت جا اهم مرڪز هئا ۽ ڏورانهن ملڪن جي ماڻهن لاءِ مقدس مقامات پڻ هئا. هيونسانگ

سنڌ پهچي هتي تمام مقدس جڳهن کي ڏٺو ۽ پوءِ هو ٻڌ مذهب جي پوتر شهر ’گايا‘ يعني پٽنا پهتو ۽ بنارس ۾ تيرٿ جي زيارت ڪيائين. 631ع ۾ هونالندا خانقاهه ۾ ٻڌ مذهب جي مشهور پادري، سلا بهادر وٽ به پڙهيو. هت هو 628ع ۾ آيو. 631ع جي آخر ۾ ويو يعني ٽي سال رهي، هند سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي، احوال هٿ ڪري، هڪ ضخيم ڪتاب تيار ڪيو. سندس سفرنامي جي هن ڪتاب ۾ 138 ملڪن جي حڪومتن، ماڻهن، ريتن رسمن، طور طريقن ۽ رواجن جو احوال آهي. هيونسانگ کان به اڳ ڪن چيني سياحن جو سنڌ ۾ اچڻ ثابت آهي، جن مان فاهيان (Fa - hian) ۽ سن ين (Sun-yun) جو ذڪر خاص ملي ٿو. 138 ملڪن مان 110 ملڪ هن پنهنجي سر گهمي ڏٺا. هيوسانگ جو هي سفرنامو ڪلاسيڪل حيثيت رکي ٿو. ٿيودور دي بيري پنهنجي ڪتاب ”سورسز آف چائنيز ٽريڊيشنس“ ۾ لکي ٿو ته ”هيونسانگ جي هي ياترا، چيني تاريخ ۽ ادب جو هڪ اهم باب آهي. هن پنهنجي سفر جي دوران، مقامي فيلسوفن ۽ دانشورن سان بحث مباحثا ڪيا، جن جي نتيجي ۾، ٻڌ ڌرم جي 75 بنيادي مخطوطات (Manuscript) کي، چيني ٻولي ۾ ترجمو ڪيو.

هيونسانگ سنڌ جي شهرن، اروڙ، سيوهڻ ۽ ٻين شهرن جو دورو ڪيو. لئمبرڪ مطابق هو موئن جو دڙو، جهرڪ، ڀميو، سيوهڻ، نل، مير رکن، سن، ٽريدن جي دڙي ۽ ديبل به ويو ۽ اتي نهيل عاليشان اسٽوپا ڏٺائين، ان کان سواءِ ٻيا به ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ شهر گهميو. هن ان وقت جي رهڻي ڪهڻي، حڪومت جي طور طريقي، تهذيبي قدرن ۽ روايتن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس سفرنامي ۾ ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتون، جيڪي سنڌ ۾ هيون، جهلڪا ڏيندي نظر اچن ٿيون. سندس سفرنامي مان چند ٽڪرا پيش ڪجن ٿا، جن مان ان دور جي سنڌ (يعني 7 صدي عيسوي) جي سرسبزي، خوشحالي ۽ مذهبي حالتن جي خبر پوي ٿي. هو لکي ٿو: ”... گجرات کان، اتر طرف، خوفائتي رڻ پٽ ۽ خطرناڪ لڪن مان لنگهي، اٽڪل 1900 لي (يعني 684 ميل) پنڌ ڪري، اسان سنڌ پهتا سين. هتي جي زمين اناج پيدا ڪرڻ لاءِ، موزون آهي ۽ هت ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهري تمام گهڻي ٿئي ٿي. هتي سون، چاندي ۽ ڪوپر تمام جهجهو آهي. ڍڳن، رڍن، اٺن، خچرن ۽ ٻين جانورن لاءِ هتي چارو جام آهي. هتي جا اٺ هڪ ٿوهي وارا ٿين ٿا. ۽ هتي

سنڌ ۾، سنڌي لوڻ جا وڏا ذخيرا آهن. ان کان سواءِ اڇو لوڻ، ڪارو لوڻ ۽ جابلو لوڻ بہ عام آهي. مختلف جاين تي اهو لوڻ، دوائن ۾ بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ماڻهن جو سڀاءُ سخت ۽ پورالو آهي پر اهي آهن ايماندار ۽ سنوان سڌا. پاڻ ۾ ڪونہ نهن. پڙهن تہ ٿا پر بنا مقصد جي. ٻُڌ مت جا پوئلڳ آهن. هتي ڏهہ هزار پڪشو ٽڙيل پکڙيل آهن. انهن ٻُڌمت جي لوڪن مان ڪيترا، سچ جا ڳولائو سالڪ، ويران جاين، جبلن ۽ ٻيلن ۾، دنيا کي تياڳ ڪيو، اڪيلا پيا رهن ۽ ارهت ماڻهن واري منزل جي آس ۾ پيا رات ڏينهن جالين. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پي شين ڦو بولو (يعني برهمڻ آباد) آهي ۽ بادشاهہ (راءِ سيهرس) آهي، جيڪو نهايت ايماندار ۽ مخلص آهي. ۽ ٻڌ مذهب کي مان ڏيندڙ هيءُ پهريون ليکڪ آهي، جنهن ٻڌايو تہ: ”جڏهن گوتم ٻڌ، هن سنسار ۾ جيئرو هو ، تڏهن سنڌ ۾ بہ آيو هو، ان ڪري راجا اشوڪ جتي جتي بہ، گوتم ٻڌ جي رهڻ جا نشان لڌا، اتي استوپا نهرائي ڇڏيا اٿس. مها ارهت، اپاگپتا بہ هن ملڪ سنڌ ۾ آيو ۽ مذهب کي وڌيڪ پکيڙيائين.“ جتي جتي هو رهيو اتي استوپا نهيل آهن. هونئن بہ سنڌ ۾ بيا استوپا جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. سنڌ جي ماڻهن جي سماجي زندگي بابت هيونسانگ لکي ٿو تہ ”سنڌو درياءَ جي ڪنارن سان، تمام گهڻا ماڻهو آباد آهن، اهي ماڻهو مال چاري گذارو ڪن ٿا، ۽ نہ ڪو شاهوڪار ٿي آهن نہ وري سُجا ٿي آهن. انهن بابت چيو ٿو وڃي تہ اڳي اهي ماڻهو، سرڪش هئا، پر پوءِ هڪ ارهت جي پوئلڳي ڪندي، پنهنجا مٿا ڪوڙائڻ شروع ڪيا ۽ مذهبي زندگي گهارڻ لڳا. پر ڪئين پيڙهين گذري وڃڻ کان پوءِ هاڻي انهن جا پٽ پوٽا مذهب کان پري دنيا ماڻهن وانگر رهن ٿا“. بهرحال هيونسانگ جون هي چند سٽون ان وقت جي سنڌ جي رنگين ۽ سونهري تصوير پيش ڪن ٿيون.

سنڌ جو هيءُ سيلاني 645ع ۾ چانگ پهتو تہ شهر جا ننڍا وڏا سندس آڌر ڀاءُ لاءِ شهر جي مکيہ در (Main Gate) کان ٻاهر اچي ڪنا ٿيا، جو اها رات هيونسانگ شهر قلعي کان ٻاهر گذاري. بادشاهہ تائي سانگ هن جو شهر اندر شاهي نموني استقبال ڪيو ۽ ڪيس هن جي ڪتاب جي ترجمي لاءِ مختلف ٻولين جا ڄاڻو مهاڻهو مقرر ڪري ڏنائين. اهي ترجمو ٿيل ڪتاب دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ موجود آهن. هو سن 664ع ۾ چين ۾ چالاڻو ڪري ويو.

آيو ۽ هڪ وڏي تاجر سندن پنهنجي گهر تي دعوت ڪئي. تڏهن هر شخص لاءِ جدا جدا ٿالهي آندي ويئي، جيئن هو اڪيلا ڪائي سگهن." هو لکي ٿو تہ "هت اهڙا راجا بہ آهن، جيڪي جڏهن تخت تي ويهندا آهن تہ پَٽ رڌي، ڪيلي جي پن تي، انهن جي آڏو رکيا ويندا آهن ۽ ٽي چار سؤ ماڻهو، خوشي سان راجا جي زور زبردستي کان سواءِ اچي گڏ ٿيندا آهن. راجا پهريائين پاڻ، ٿورو پَٽ کائي، پوءِ سيني کي ورهائي ڏيندو آهي. هر هڪ ماڻهو راجا جي آڏو ويهي پَٽ کائيندو آهي. جيڪي ماڻهو راجا آڏو پَٽ کائيندا آهن انهن لاءِ لازمي ٿي ويندو آهي تہ راجا جي موت يا ان جي قتل ٿي وڃڻ کان پوءِ انهيءَ ڏينهن، سواءِ ڪنهن دير جي، اهڙي طرح جلي وڃن، جو انهن جو نالو نشان ئي نہ بچي." هو لکي ٿو تہ "هتان جا راجا اڪثر ڪري پنهنجن ڪنن ۾ سونا والا پائيندا آهن، جن ۾ قيمتي جواهر ۽ موتي جڙيل هوندا آهن. ڳچي ۾ قيمتي هار پائيندا آهن، جن ۾ عمدا موتي ۽ ڳاڙهي سونهري رنگ جا جواهرات هوندا آهن. هي جواهرات ۽ موتي سندن ذاتي ملڪيت ۽ خزانو هوندا آهن. انهيءَ ساڳئي قسم جا زيورات فوجي سپهہ سالار ۽ ٻيا آفيسر بہ پائيندا آهن. سنڌ جا راجا مصر جو زمرد، منڊين ۾ ڪم آڻين ٿا. مرجان بہ هت ٻاهران گهرايو وڃي ٿو." سنڌ جي معدنيات ۽ ٻين قيمتي شين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: هتان جي پاڻي ۾ موتي ۽ عنبر آهن. جبلن ۾ جواهرات ۽ سون جون کاڻيون آهن. جانورن جي منهن ۾ عاج آهي. سنڌ جي زمين ۾ آبنوس، بيد، عود، ڪافور، لونگ، جائفل، صندل ۽ هر قسم جون پاڪيزه خوشبوئون آهن. انهيءَ سرزمين ۾ زباد، مشڪ وارا هرڻ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون گهڻيون شيون آهن، جن جو شمار ڪري نہ ٿو سگهجي. هت پکين ۾ طوطي جهڙا خوش الحان ۽ مور جهڙا خوشنما پکي آهن. قديم زماني ۾ سنڌي دينار بہ برآمد ڪيا ويندا هئا ۽ هڪ دينار، ٽن يا ان کان وڌيڪ دينارن ۾ وڪيو ويندوهو." هو وڌيڪ لکي ٿو: "هتان جا ڪجهہ ماڻهو (جوڳي/سامي/سنياسي ) بيابانن جهنگلن ۽ پهاڙن جو سير ڪندا وتندا آهن ۽ ماڻهن سان تمام گهٽ ملندا آهن. هي پيٽ قوت گاهہ ۽ جهنگلي ميوو ڪڏهن ڪڏهن ڪائي وٺندا آهن. سندن وار ايڏا وڏا ٿين ٿا. جيڪي بدن ۽ اوگهڙ کي ڍڪين ٿا. سندن ننهن وڏا تيرن جيڏا اٿن، اهي پاڻ ننهن ۽ وار نہ ڪترائيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اهي پيچي پَري ڪري پوندا اٿن. هي ماڻهو

سير سياحت ڪندا آهن. سندن ڳچيءَ ۾ مٽڪن جي مالها هوندي اٿن، جنهن ۾ انساني کوپڙي (ڪشڪول) لٽڪندڙ هوندي آهي. جڏهن ڪين بک لڳندي آهي تہ ڪنهن جي در تي هليا ويندا آهن. اڳيون پنهنجي لاءِ برڪت سمجهي، ڪين اُباريل چانور (ڀَتُ) ڏيندو آهي. جنهن کي هو کوپڙيءَ (ڪشڪول) ۾ وجهي هليا ويندا آهن." هو ملتان جي لاءِ لکي ٿو: "هتان جي هڪ بت جي زيارت لاءِ پري پري کان ماڻهو، مهينن جا سفر ڪري ايندا آهن ۽ پاڻ سان عود آڻيندا آهن، جنهن سان بت کي ڌوتو ويندو آهي. هڪ خاص قسم جي عود جي قيمت هڪ هزار رپيا آهي جيڪو ايترو نرم هوندو آهي، جو ان تي منڊي جي مهر لڳائي ويندي آهي. تاجر بت جي پروهتن کان عود خريد ڪندا هن." هن دعوي ڪئي آهي تہ "مان پهريون شخص آهيان، جنهن ڏنو تہ هندستان ۽ چين جو سمنڊ مٿان ڦري ميڊيٽريين سمنڊ سان ملي ويو آهي."

مسعودي سياح سن 300 هجري ۾ سائنس سيراف ۾ مليو. هن مسلمان تاجر جي سفر نامي کي پڙهي 25-30 سالن کان پوءِ ان تي مقدمو لکيو. اهڙيءَ طرح ابو زيد حسن سيرافيءَ جو هيءُ سفرنامو سنڌ ۽ هند جي حاڪمن، تاجرن ۽ عوام جي رهڻي ڪهڻي جي تصوير پنهنجي ڪتاب ۾ محفوظ ڪري هتان جي تاريخ کي اسان آڏو پيش ڪيو.

# سليمان تاجر

سليمان تاجر ٽئين صدي هجريءَ جو عرب سياح ٿي گذريو آهي، جنهن جو مڪمل سفرنامو ڪتاب جي صورت ۾ ڇپيو آهي. هو هڪ عرب واپاري هو، جيڪو عراق جي بندرگاهہ بصره کان چين تائين ويندو هو ۽ اهڙي طرح هند ۽ سنڌ جي سڄي ساموندي ڪناري جو، چڪر ڏيندو هو. هن پنهنجو ڪتاب 237هہ بمطابق 851ع ۾ لکيو ۽ اهو "سلسلة التواريخ" جي نالي سان سن1261هہ / 1845ع ۾ پهريون ڀيرو فرينچ ترجمي سان پيرس مان ڇپيو، جنهن جو تنقيدي مقدمو فرانسيسي عالم رينو (Reinow) لکيو هو. پنهنجي سفرنامي ۾ هن سچاڻ، سياح ۽ سوداگر، سنڌ ۽ هند جي تهذيب ۽ تمدن، سياست ۽ معاشرت، راجائن ۽ حڪمرانن بابت ڏنل ۽ ٻُڌل ڳالهيون لکيون آهن. ان سان گڏ سنڌ ۽ هند جي سماجي ۽ اقتصادي، معاشيءَ معاشرتي حالتن جي پيش ڪري، سنڌ ۽ هند کي مٿانهون مقام ڏنو اٿس. جيئن تہ سندس معلومات ذاتي مشاهدي، محققانہ پرک ۽ پروڙ جو نتيجو آهي، تنهنڪري سندس احوال کي وڏي تاريخي اهميت حاصل آهي.

سليمان هڪ عجيب ڳالهہ لکي آهي: "اهلِ هند ۽ اهلِ چين جوگڏيل بيان آهي تہ دنيا ۾ صرف چار بادشاهہ آهن. سڀ کان اول عرب جو بادشاهہ. هي شهنشاهہ ۽ ٻين بادشاهن جو بادشاهہ، سيني کان زياده شاهوڪار ۽ هڪ وڏي مذهب جو بادشاهہ آهي. ان کان پوءِ چين جي بادشاهہ جو نمبر آهي، تنهن کان پوءِ روم جي بادشاهہ جو ۽ پوءِ هندستان جي راجا بلرام جو مرتبو آهي." ان کان پوءِ هن سنڌ ۽ هند جي ڪناري جي ڇئن بادشاهن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ پهريون راجا بلرام آهي جو سيني راجائن جو راجا آهي. هن جي فوجن جو نمونو عربي فوجن وانگر آهي. ٻيو گجرات جو راجا گوجر آهي. هن جو ملڪ سمنڊ جي ساڄي پاسي آهي. هن وٽ چوپايو مال تمام گهڻو آهي. هتان جا گهوڙا مشهور آهن. ٽيون طافن جو راجا آهي، جيڪو صلح جو شوقين آهي، چوٿون رهمي جو راجا آهي. جنهن وٽ تمام گهڻي فوج آهي ۽ پنجاهہ هزار

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪوڙائن. هتان جا ماڻهو منجهند جي ماني کائڻ کان اڳ تڙ ڪندا آهن ۽ ڏندڻ ڏيندا آهن. ڏندڻ ڏيڻ کان سواءِ ماني نہ کائيندا آهن. چانور هتان جي ماڻهن جي خاص خوراڪ آهي. مرد ۽ عورتون، سيئي سون ۽ جواهر جا زيور پائيندا آهن. هتي مُردا جلايا وڃن ٿا، صندل، ڪافور ۽ زعفران لاش تي وجهن ٿا ۽ خاڪ کي هوا ۾ اڏائي ڇڏين ٿا. هتي هڪ رسم هي بہ آهي تہ جڏهن راجا مري ٿو تہ ان سان گڏ ان جون راڻيون بہ پاڻ مارين ٿيون."

سليمان تاجر جو آخر ۾ جوڳين ۽ تارڪ الدنيا ماڻهن بابت رايو آهي تہ: "هت اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي جبلن ۽ جهنگلن ۾ گهمندا رهن ٿا. بڪ لڱندي اٿن تہ گاهہ، پن يا جهنگ جا ميوا کائين ٿا. مُون هڪ اهڙي ماڻهو کي ڏٺو جيڪو اُس ۾ ويٺو هو. 14 سالن کان پوءِ، جڏهن مان اتان لنگهيس تہ مُون کيس ساڳي حالت ۾ ڏٺو. مون کي اچرج ٿيو تہ اُس جي تپش کان ان جي اک ڇو ڪين نڪتي.

# اليعقوبي

احمد بن ابي يعقوب بن جعفر وهب بن واضح الڪاتب جي جواني آرمينيا ۾ گذري. ان کان پوءِ خراسان ۾، طاهري دربار سان وابستہ ٿيو. عباسي سلطنت ۾، انشاءَ جي آفيس جو عملدار هو. سنڌ، هند ۽ ٻين ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. آخر مصر هليو ويو، جتي سن 284هه / 897ع ۾ وفات ڪيائين. هيءُ پهريون مؤرخ آهي، جنهن سڄي دنيا جي قومن جي تاريخ عربيءَ ۾ لکي. ان سان گڏ، ان ۾ مسلمانن جي فتوحات جو بہ تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿس. سندس ڪتاب ۾، مسلمانن جي انهن حملن جو بہ ذڪر آهي، جيڪي هنن سنڌ تي ڪيا. سندس لکيل ڪتاب جو نالو "ڪتاب التاريخ" آهي. هيءُ ڪتاب سن 1883ع ۾ ٻن جلدن ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ انهن سڀني ڪتابن جو بہ احوال ڏنل آهي، جيڪي سنڌ ۽ هند جي عالمن جا ڇپيل هئا ۽ پوءِ عربي ۾ ترجمو ٿيا. ان کان سواءِ يعقوبي، جاگرافيءَ بابت بہ هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ بہ تاريخي مواد مليو ٿو. هو تاريخ ۾ اليعقوبي جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو.

اليعقوبي، پهريون سياح آهي، جنهن هند- سنڌ جي فلسفي، حڪمت، طب، علم ادب ۽ علم نجوم بابت تفصيل سان بحث ڪيو. هو لکي ٿو: "هند ۽ سنڌ جا ماڻهو عقل وارا، سوچ ويچار جا ڪوڏيا آهن ۽ اهي انهيءَ حيثيت ڪري سڀني قومن ۾ اڳرا آهن. جوتش ۽ نجوم ۾، سندن ڳالهيون سڀ کان وڌيڪ صحيح نڪرن ٿيون. سڌانت، سندن ئي ذهانت جو نتيجو آهي. جنهن مان يونانين ۽ ايرانين لاڀ حاصل ڪيو. طب ۾ سندن شناس سڀني کان زياده آهي. طب، منطق ۽ فلسفي ۾ سندن ڪيتريون ئي لکتيون آهن ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿن." ان کان پوءِ سنڌين جي علم نجوم، هيئت، حڪمت ۽ فلسفي بابت لکي ٿو: "اهلِ سنڌ جو چوڻ آهي تہ خدا ستارن کي حمل جي پهرئين دقيقي ۾ پيدا ڪيو. اهوئي دنيا جو پهريون ڏينهن آهي. پوءِ اتان اک ڇنڀ ۾ ستارن کي جنم ڏنائين هر ستاري لاءِ ميعاد ۽ رفتار مقرر ڪيائين ايستائين جو سڀ هند ۽ سنڌ جي چند ڏينهن پورن ڪرڻ کان پوءِ وري انهيءَ جاءِ تي اچن ٿا جتان اول اجايل هئا. پوءِ هو پنهنجي پهرئين هيئت مطابق تي پون ٿا. ان کان

پوءِ، خدا جيئن چاهي ٿو تيئن ٿي پوي ٿو. سنڌ جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ دنيا جا سمورا ڏينهن سڌانن ۾ شامل آهن. هي ستارن جي گردش کان عمل جي دقيقي، جمع ٿيں تائين پنهنجي پيدائش واري ڏينهن جي هيئت تي ڦري اچن ٿا." هو لکي ٿو: "هتان جي هڪ راجا جو نالو ڪوش هو. جيڪو ادب، حڪمت ۽ ذهنت ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. هن سڀ کان پهريائين توهم جو نظريو ايجاد ڪيو. اهو انڪشاف بہ ڪيائين تہ انسان جي طبعيت ۾ جنهن شيءِ جو وهم پيدا ٿئي ٿو، انهيءَ جو ان ئي پاسي لاڙو هوندو آهي. جنهن بہ شيءِ جي باري ۾ اهو وهم ڪيو ويندو تہ اها نفعي واري سان برابر مفيد ثابت ٿيندي ۽ ان لاءِ جيڪڏهن نقصان جو تصور ڪيو ويندو، تہ منجهانئن واقعي نقصان رسندو. يعني انسان وهم مان جيڪي چاهيندو، سو ٿي رهندو. هي بادشاهہ سندن (هڪ زهردار شيءِ) کائيندو هو. هن قاتل زهر بابت هن جو وهم هو تہ اها دل تي برف جهڙو اثر ڪري ٿي. هي نهايت صحيح ذهن وارو هو. هن جي حافظي ۾ تقويت هوندي هئي هتان جي هڪ راجا، عورتن جي فريب ۽ رياڪاري تي هڪ ڪتاب لکيو." يعقوبي لکي ٿو: "هند ۽ سنڌ جو پهريون راجا، جنهن کي سڀ مڃين ٿا، سو برهمڻ هو. جنهن جي ڏينهن ۾ رعيت خوشحال هئي، دنر، فن ۽ عمارت سازيءَ ۾ ترقي ٿي. نجوم ۽ حسابن جي علم ۾ بہ وڏو واڌارو آيو. انهيءَ برهمڻ راجا جي ڏينهن ۾ سنڌ ۽ هند يعني سڌانن نالي ڪتاب لکيو ويو. ان ڪتاب جي روشنيءَ ۾ ارجهبر نالي هڪ ٻيو ڪتاب بہ لکيو ويو. ان بادشاهہ جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ تخت تي ويٺو، جنهن جي ڏينهن ۾ چوپڙ راند ايجاد ڪئي ويئي هئي. بادشاهہ جي ڏينهن ۾ وري شطرنج راند جي ايجاد ٿي." هو لکي ٿو: "شطرنج فارسي لفظ هشت رنج مان نڪتل آهي. هشت جي معنيٰ اٺ ۽ رنج جي معني ڪنارو آهي. شطرنج جا 64 خانا ۽ 32 مهرون هونديون آهن."

يعقوبي سنڌ ۾ لکيل ڪتابن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. سڌانت سنڌين جو مشهور ڪتاب آهي. جنهن مان سيني علمن جون شاخون نڪرن ٿيون. طب ۾ بہ هنن جا دليل ۽ بحث سڀ کان اڳرا آهن. انهيءَ فن تي هنن جو هڪ ڪتاب سرد يعني شرث سنگهتا آهي. جنهن ۾ بيمارين جي علاج، علامتن ۽ دوائن جو تفصيل ڏنل آهي. هنن جو ٻيو ڪتاب ندان آهي، جنهن ۾ چار سؤ بيمارين جو احوال ڏنل آهن. هنن جو ٽيون ڪتاب "سنڌستان" بہ طب متعلق آهي، جنهن جي معني "ڪاميابي جي ڪنجي". چوٿون ڪتاب جنهن ۾ دوائن جي گڏ

سرد هئڻ انهن جي قوتن ۽ موسمي حالتن جي ورهاست جي باري ۾ بحث ٿيل آهي. هنن جو پنجون ڪتاب جڙي ٻوٽين بابت آهي، جنهن ۾ هڪڙي جڙي ٻوٽيءَ جا ڏهاڪو نالا لکيل آهن. انهن کان علاوه طب جا ٻيا بہ ڪيئي ڪتاب وٽن موجود رهن ٿا. هتان جو هڪ ٻيو مشهور ڪتاب "ڪليلہ دمنہ" هو، جنهن کي هڪ ويديا پنڊت لکيو. منطق ۽ فلسفي تي بہ هنن وٽ گهڻا ئي ڪتاب آهن. جنهن ۾ انهن علمن جي اصولن متعلق بحث ٿيل آهي. ٻيو ڪتاب جن ۾ هند ۽ روم جي فلسفن ۾ اختلافي مسئلن جو ذڪر آهي، سو بہ هنن وٽ محفوظ آهي. سندباد جهازيءَ جا ڪتاب بہ هتان جي ئي رهاڪن جا لکيل آهن. ديبڪ نالي هڪ هندي جي آکاڻي، جنهن ۾ عورت ۽ مرد جا ڪردار آيل آهن ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي زمين تي اچڻ جي ڪهاڻي آهي جنهن کي وڏي دلچسپي سان پڙهيو ويندو هو. هڪ هندي راجا جي آکاڻي جنهن ۾ لڙڻ ۽ ترڻ بابت لکيل آهي ۽ ٻي ڪهاڻي، جنهن ۾ ٻن هندن جو احوال ڏنل آهي، جنهن ۾ هڪ سخي ۽ ٻيو ڪنجوس، پاڻ ۾ مناظره ڪن ٿا ۽ سندن فيصلو هڪ دانشمند راجا ڪري ٿو."

يعقوبي سنڌ جي شهرن جو بہ پنهنجي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي. خاص ڪري منصوره بابت هو لکي ٿو تہ منصوره جون جايون ڪاٺ جون جڙيل آهن. صرف جامع مسجد پٿر جي ٺهيل آهي، جا عمان جي جامع مسجد جي ٽيوڻي جهڙي آهي، موسيٰ پٽ يهب پنهنجي دور ۾ هن مسجد جي نئين سر ڏاوت ڪرائي هئي. ان زماني جي رواج مطابق، مسجد جي ڀرسان حمام ۽ مسافرخانہ پڻ ٺهيل هئا. منصوره جي شاهي بازار، ڊگهي ۽ ڪشادي هئي. شهر جي چوڌاري وڏي ديوار هئي، جنهن ۾ چار دروازا هئا، جيڪي دشمن جي حملي وقت بند ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ سون ۽ معدنيات ۽ ساڳ جي ڪاٺي تمام گهڻي ٿئي ٿي. ڪن هنڌن تي عورتن جي حڪومت بہ آهي."

احمد بن ابي يعقوب، اليعقوبي جو ڪتاب "تاريخ يعقوبي" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جو موضوع تاريخ عالم آهي. هيءَ انسانذات جي پيدائش کان شروع ٿي خليفي معتصم بالله عباسيءَ جي احوال تي ختم ٿئي ٿي. تاريخ قديم ترين تاريخن ۾ ڳڻجي ٿي. هيءَ تصنيف "ڪتاب التواريخ" سن 1883ع ۾ ٻن جلدن ۾ لنڊن مان شايع ٿي.

# بزرگ بن شهريار

بزرگ بن شهريار، هڪ عرب جهازران هو، جيڪو پنهنجا جهاز عراق جي بندرگاهه کان، سنڌ ۽ هند جي بندرگاهن تائين آڻيندو هو. ان کان پوءِ چين ۽ جاپان تائين به ويندو هو. هيءُ عربي سياح سنڌ ۾ ٽئين صديءَ مطابق ڏهين صدي عيسويءَ ۾ آيو. هن جي سفر نامي جو نالو "عجائب الهند" آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ هند بابت ڏنل ۽ ٻڌل واقعا لکيا اٿس. جن ۾ ڏکڻ هند ۽ گجرات جا ڳڌيل واقعا به لکيا اٿس. سندس ڪتاب ۾ فان ڊيسٽ، فرينچ زبان ۾ ترجمو ڪري ڇپرايو. بعد ۾ هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو به ڇپيو.

شهريار لکي ٿو: "سنڌو درياءَ ۾ گرمين جي موسم ۾، دجلا ۽ فرات ندين وانگر تيزي ايندي آهي. ان وقت ڪشمير جا ماڻهو، ٻيڙين ۾ قسط هندي رکندا آهن ۽ هر ٻيڙي ۾، ست سؤ يا اٺ سؤ مڻ، قسط ايندي آهي. ٻيڙي تي چمڙو يا چمڙي تي روغن ڪار يعني تارڪول لڳائيندا آهن، جنهن ڪري ان ۾ پاڻي وجي نه سگهندو آهي. ان کان پوءِ ٻيڙين کي هڪبئي سان چڱي طرح ٻڌي ڇڏيندا آهن. ان کان پوءِ ان تي ويهي سنڌو درياءَ ۾ ٽري 40 ڏينهن ۾، منصوره جي بندرگاهه تي پهچندا آهن ۽ قسط ۾ پاڻيءَ جو قطرو به نه ويندو آهي."

بزرگ بن شهريار سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جي ترجمي بابت هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي ڪتاب "عجائب الهند" ۾ لکي ٿو ته 720هه مطابق 1320ع ۾ سنڌ جي هڪ هندو راجا مهروڪ بن رامڪ جوالور يعني اروڙ جو حاڪم هو، تنهن منصوره جي امير عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباريءَ ڏانهن لکي موڪليو ته ڪنهن اهڙي شخص کي مون ڏانهن موڪليو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ مون کي اسلام سيکاري، منصوره ۾ عراق جو هڪ مسلمان عالم هو، جو تمام تيز طبعيت، سياڻو ۽ شاعر هو. جيئن ته هو سنڌ ۾ پليو ۽ نپنو هو، تنهنڪري سنڌ جون مختلف زبانون ڄاڻيندو هو. امير جي چوڻ سان هو تيار ٿيو. هن راجا جي زبان ۾، هڪ قصيدو لکي راجا ڏانهن اماڻيو. راجا اهو قصيدو پسند ڪيو ۽ خرچ جو سفر موڪلي گهرايائينس. هو راجا جي دربار ۾

ٽي سال رهيو ۽ سندس خواهش مطابق هن قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. راجا روزانو ترجمو ٻڌندو هو ۽ بيحد متاثر ٿيندو هو. هڪ دفعي سورت ياسين جو جڏهن ڪيس ترجمو ٻڌايو ويو، تڏهن هو تخت تان هڪدم لهي آيو ۽ بيهر ترجمو ٻڌي، ٻه ٽي قدم اڳتي وڌي، سجدي ۾ ڪري پيو ۽ ايترو تہ رنو جو سندس پيرَ مٽيءَ ۾ آلا ٿي پيا. گهڻي وقت ڪانپوءِ جڏهن سجدي مان اٿيو، تڏهن سندس زبان مان وڏي آواز ۾ هي الفاظ نڪتا: "بيشڪ اهوئي رب معبود آهي، جو ازلي ۽ ابدي آهي." جڏهن مذڪوره شاعر موٽي اچي منصوره ۾ عبدالله سان مليو تڏهن ٻڌايائينس تہ راجا دل سان تہ مسلمان ٿي چڪو آهي، پر رعيت جي پوَ ڪان ظاهر نٿو ڪري.

عالم لکن ٿا: "قرآن حڪيم جو ساري دنيا ۾ پهريون ترجمو اهوئي آهي ۽ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اهو هزار سال اڳ سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيو. ان ڪان اڳ ٻي ڪنهن بہ زبان ۾ قرآن شريف جو ترجمو ثابت نہ آهي. چون ٿا تہ راجا ان عالم کي ترجمي جي بدلي ڇهہ سؤ مڻ سون، ٽي پيرا انعام ۾ ڏنو."

بزرگ بن شهريار، سنڌ جي ڌاڙيلن بابت بہ مزيدار ڳالهہ ڇئي آهي. "هت اهڙي قسم جا چور ۽ ڌاڙيل آهن، جيڪي هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي مالدار ۽ تاجر ماڻهن کي گهرن، بازارن ۽ رستن مان پڪڙي کين ڇرا ڏيکاري ۽ ڌيڄاري چون ٿا: هيتري رقم ڏيو، نہ تہ اوهان کي ماريندا سين. ان حالت ۾ اڳيون ماڻهو ڪٿي عام هجي يا سرڪاري، مقابلو ڪري ٿو تہ ان کي ماري ڇڏين ٿا. کين اها بہ ڳڻتي ناهي تہ ڪي هو بہ ماريا ويندا." پوءِ هو، سندن چوڻ موجب، ڪنهن ڪنڌ پاسي لڪي ٿو تہ ويهي ۽ اڳئين ماڻهو جو وارث، پٽ پئسن جي پٽ سَٽ ڪري کين گهربل رقم پهچائي ٿو ۽ اهڙي طرح اڳلو ماڻهو آزاد ٿئي ٿو. هڪ دفعي 11 ڌاڙيلن هڪ هندستاني تاجر جي پٽ کي يرغمال بڻائي گهر ۾ قيد رکيو ۽ هزارن رپين جي گهر ڪئي پر تاجر صرف هڪ هزار رپيا ڏيڻا ڪيا پر چورن نہ مڃيو. ان ڪري هو بادشاهہ وٽ ويو. بادشاهہ کيس چيو تہ اسان ڌاڙيلن تي حملو نہ ڪنداسون، ڇو تہ هو تنهنجي پٽ کي ماري وجهندا. واپاري چيو تہ نيڪ آهي. پٽ مئو تہ گهوريو، ڌاڙيلن جو آزار تہ ختم ٿي ويندو. آخر بادشاهہ ان عمارت کي ڇئني پاسن کان ڪانيون

ڏياري جاءِ کي باهه ڏيرائي. اهڙيءَ طرح ذاڙيل چوڪري سوڙ سڙي مري ويا."

هو لکي ٿو: "هت چوري تمام وڏو ڏوهه آهي. جيڪڏهن ڪو گهٽ درجي وارو چوري ڪندو آهي ته راجا ان کي قتل ڪرائي ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن مالدار چوري ڪندو آهي ته راجا ان جومال ضبط ڪندو آهي يا ان تي وڏو ڏنڊ رکندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شخص چوري ڪيل مال واقفيت ڪانپوءِ خريد ڪندو آهي ته ان تي به ٻرو ڏنڊ رکيو ويندو آهي. چوريءَ جي سزا، انهن وٽ قتل آهي. جيڪڏهن ڪو به مسلمان اتي، ساڳيو ڏوهه ڪندو آهي ته ان جو معاملو مسلمانن جي "هنرمن" وٽ پيش ڪيو ويندو آهي. جيئن اسلامي قانون موجب ان تي ڪاروائي ڪئي وڃي. "هنرمن" جي اهائي حيثيت آهي جيڪا اسلامي ملڪن ۾ قاضيءَ جي آهي. "هنرمن" فقط مسلمان ئي ٿيندا آهن."

سنڌ جي واپار ۾ نقصان نفعي بابت هو لکي ٿو: "اسان هتان تجارتي مال کڻي عمان وياسين. اسان جي جهاز تي ايترو ته مال اسباب هو، جو عمان جي حاڪم اسان جي جهاز تان ڇهه لک دينار (ٽئڪس) وصول ڪيو. اهو انهيءَ هڪ لک دينار کانسواءِ هو، جو هن پنهنجي مهربانيءَ سان معاف ڪري ڇڏيو يا واپارين لڪائي ڇڏيو ۽ ظاهر نه ڪيو. ان ئي سال سرانديپ کان، هڪ ٻيو جهاز به آيو، جنهن به هڪ لک محصول ادا ڪيو. عمان ۾ هڪ يهودي رهندو هو، جيڪو دلالي ڪندو هو. اهو هڪ ٻئي يهوديءَ سان وڙهي پيو ۽ سنڌ هليو ويو. اتان چين ويو ۽ ٽيهن ورهين ۾ سنڌ جي واپار مان، ايتري دولت ڪمايائين جو ٻن جهاز جو مالڪ ٿي پيو. آخرڪار ٽيهن ورهين کان پوءِ عمان جي حاڪم کي، هڪ لک درهم رشوت طور ان ڪري ڏنائين ته سندس مال چڪاسيو نه وڃي. وٽس مشڪ جو ايترو ته ذخيرو هو جو هڪ دفعي هن ان جو هڪ تولو هڪڙي سوداگر کي وڪيو ۽ سٺ هزار اشرفين جي مشڪ ٻئي سوداگر کي وڪرو ڪئي."

هو هڪ عجيب نانگ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: "منصوره، سنڌ جو هڪ ماٺيو مارڪين شهر ويو. جتان جو راجا اهلوا نالي هندو آهي. ان ماٺهوءَ مون کي ٻڌايو ڪئي ته مارڪين جي جبلن ۾، چيتل ۽ پوري رنگ جا نانگ ٿين ٿا. جيڪڏهن اهي اول ماٺهن کي ڏسن ته ماٺهو مري وڃي ۽ جيڪڏهن

ماڻهو ان کي ڏسي ته اهو مري وڃي ۽ جيڪڏهن اتفاقاً هڪ ئي دفعي ٻيئي هڪ ٻئي کي ڏسي وٺن ته ٻئي هڪ ئي وقت مري وڃن."

مطلب ته بزرگ بن شهريار جو سفرنامو سنڌ جو املهه خزانو آهي. جنهن مان اسان کي ان دور جي سنڌ بابت وڏو احوال ملي ٿو. سندس ڪتاب "عجائب الهند" سن 1886ع ۾ لندن مان ڇپيو، ان جو فرينچ ۽ انگريزي ترجمو به ڇپيو آهي.

# المسعودي

(سن 892ع - 957ع)

ابوالحسن علي بن حسين بن علي المسعودي مشهور عرب سياح ٿي گذريو آهي. سندس نسب جو سلسلو حضرت محمد ﷺ جي اصحابي حضرت عبدالله بن مسعود سان ملي ٿو. ان ڪري کيس مسعودي سڏيو وڃي ٿو. هو سن 279هہ/892ع ۾ بغداد ۾ ڄائو ۽ پنهنجي ننڍپڻ جو زمانو اتي ئي گذاريائين. هن جوانيءَ جي شروع ۾ ئي سيرو سفر جو ارادو ڪيو. هن بغداد کان سياحت شروع ڪئي ۽ پوءِ عراق، شام، آرمينيا، روم، آفريڪا، سوڊان، حبش، چين، تبت، ايران، سلون، سنڌ ۽ هند گهميو هو. سن 300هہ/912ع ۾ ملتان آيو ۽ سن 345هہ/956ع ۾ فسطاط ويو. ان دور ۾ سنڌ جو حاڪم عمر بن عبدالعزيز هباري هو، اتي ئي هڪ سال کان پوءِ وفات ڪيائين. هن 332هہ ۾ سيرو سياحت ختم ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو مشهور ڪتاب "مروج الذهب و معادن الجواهر" لکيائين. هن ڪتاب ۾ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي، سندس وفات تائين تاريخي احوال آهي. ان ڪتاب جي مقدمي ۾، سڄي دنيا جي قومن جي مختصر مگر جامع تاريخ ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ هند بہ اچي وڃن ٿا. هيءُ ڪتاب نون جلدن ۾ فرينچ ترجمي سان 1872ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب کان سواءِ مسعودي ٻيا بہ ڪجهہ ڪتاب لکيا جن مان "التنبيهہ و الاشراف" موجود آهي.

مسعودي پهريون مسلمان مؤرخ آهي، جنهن تاريخ لکڻ لاءِ جاگرافيءَ جو اڀياس ڪيو. هن کي يورپ ۽ امريڪا جا دانشور هيرودوٽس ڪري سڏيندا آهن. هو برصغير ۾، پورا بہ سال رهيو. مسعودي تجارتي رستن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "خراسان کان چين تائين زميني رستو آهي، جيڪو هندستان کي خراسان سان ملائي ٿو، ۽ سنڌ ۾ هڪ پاسي ملتان ۽ ٻئي پاسي منصوره آهي ۽ واپاري قافلا خراسان کان سنڌ ۽ اهڙي طرح هندستان اچي وڃن ٿا. جتان هيءُ ملڪ وري افغانستان سان ملي ٿو." اهڙي طرح مسعودي سنڌي سمنڊ ۾

ويرن جي لهڻ چڙهڻ ۽ طوفان جي اچڻ جو وقت مقرر ڪري، واپاري جهازن جي وڃڻ ۽ اچڻ جا مهينا مقرر ڪيا." هو لکي ٿو: "اسان وٽ بغداد ۽ هندستان ۾ موسمن جو فرق آهي. اسان وٽان ماٺهو هندستان سياري ۾ وڃن ٿا ڇو تہ جون ۾ هندستان جهاز گهٽ وڃن ٿا ۽ جيڪي وڃن بہ ٿا اهي هلڪا هوندا آهن ۽ انهن ۾ گهٽو سامان ڪونہ ٿو وڌو وڃي. انهن جهازن کي تيرماهي يعني جون وارا جهاز چئجي ٿو." سنڌ جي واپاري وکر بابت هو لکي ٿو: "هتان ناريل، بَڪُم جو ڪاٺ، بيد، سون ۽ قسمين قسمين جون خوشبودار شيون جهڙوڪ: ڪافور، عود، لونگ، جائفل، دالچيني، جوئنتري ۽ وڏا ڦوٽا عرب تاجر ڪٺي وڃن ٿا. ان کان سواءِ ڪمند، ڪيلو ۽ ناريل جو پاڻي، لوهہ جي بدلي خريد ڪن ٿا." نارنگي ۽ ليمو سنڌ جون خاص شيون اهن. اهي شيون عرب ۾ ٽئين صديءَ ۾ آنديون ويون. ۽ پهرئين عمان ۾ اتان پوءِ عراق ۽ شام پهتيون. ايتريقدر جو اهي شام جي ساحلي شهرن ۽ مصر ۾ گهر گهر ڦهلجي ويون پر انهن ۾ اهو سنڌ وارو ذائقو نہ آهي."

مسعودي سنڌ حڪومت جي ٻن شهرن: ملتان ۽ منصوره جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ملتان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "هت سامہ بن لوئي بن غالب جي حڪومت آهي. ان وٽ فوج ۽ طاقت آهي ۽ ملتان اسلامي حڪومت جي، زميني سرحدن مان هڪ سرحد آهي. هن حڪومت هيٺ هڪ لک ويهہ ڳوٺ آهن." ساڳيءَ طرح هن هتان جي مشهور بت جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو سورج ديوتا جو بت هو." مسعودي لکي ٿو: "هت اهو تمام مشهور بت آهي. ملتان جي امير جي زياده آمدني، انهن خوشبودار ڪاٺين مان ٿئي ٿي، جيڪي پرانهن علائقن مان، هن بت خاني ۾ روشني ۽ سڳنڌ ڪرڻ لاءِ موڪليون وڃن ٿيون. جڏهن ڪوبہ هندو حاڪم ملتان تي حملو ڪندو آهي ۽ مسلمان انهن سان پڄڻ جي قوت نہ رکندا آهن، تڏهن هو انهن کي ڌمڪي ڏيندو آهي تہ مان هن بت کي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندس، تہ هندو فوجون واپس هليون وڃن ٿيون." ملتان کان پوءِ مسعودي، منصوره ويو. منصوره سنڌو ندي جي ڪناري آباد شهر هو، جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو." مسعودي لکي ٿو: "منصوره جي ڪنٽرول ۽ قبضي ۾ جيڪي علائقا آهن، تن جو تعداد ٽي لک ڳوٺ ۽ شهر آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ منصوره جي حڪومت خاصي وڏي هئي."

مسعودي وڏيڪ لکي ٿو: "هتان جون زمينون سرسبز آهن. وڏا وڏا وڻ آهن ۽ ڳوٺ ڳتيل آهن." منصوره جي جنگي ۽ عسڪري قوت بابت هو لکي ٿو تہ "منصوره جي بادشاهہ وٽ، اسي جنگي هاٿي آهن ۽ قاعدو آهي تہ. هڪ جنگي هاٿي سان پنج سؤ پيادل فوج هوندي آهي. اهڙي طرح، اسي هاٿين جي پويان چاليهہ هزار فوج سنڌ ۾ آهي." مسعودي زندگي ۾ پهريون ڀيرو هاٿي منصوره ۾ ڏٺا. هو لکي ٿو تہ "منصوره جي حاڪم وٽ بہ هاٿي اهڙا هئا جو سندن مشهوري هند ۽ سنڌ ۾ هئي. هڪ جو نالو منفرقلس ۽ ٻئي جو حبدره هو." هڪ ڀيري سيئي جنگي هاٿي فيل خاني مان نڪري منصوره جي هڪ سوڙهي گهٽي مان وڃي رهيا هئا تہ هڪ عورت، جا بي خيالو اتي بيٺي هئي سا اوچتو هاٿي ڏسي رستي تي اڳهاڙي، بدحواس ٿي ڪري پيئي. منفرقلس جيڪو سڀ کان اڳ ۾ هو، سو آڙ ونئي بيهي رهيو ۽ ڪنهن بہ هاٿي کي، اڳتي وڌڻ نہ ڏنائين. پوءِ پنهنجي سونڊ سان مائي جا ڪپڙا درست ڪري، سندس سترپوشي ڪيائين. جڏهن مائي کي هوش آيو تہ اتي پڪي پوءِ منفرقلس پنهنجي ساٿين کي ساڻ ڪري هليو ويو."

مسعودي، سنڌ جي ان وقت جي ٻولي جي باري ۾ لکي ٿو تہ "سنڌ جي هڪ خاص ٻولي آهي، جيڪا هندستان کان الڳ آهي." ساڳ جي ڪاٺي ايتري تہ ڊگهي ٿئي ٿي جو ڪڏهن تہ سؤ هٿ بہ ٿي وڃي ٿي. بيد ۽ بانس پيئي وڻ، مشرقي ايشيا ۾ ٿين ٿا پر سنڌ جي آبهوا، تن ڏينهن ۾ انهن وڻن لاءِ موافق هئي. بيئي وڻ ڊيگهہ ۾ سٺ فوٽ ڊگها هئا. سندن گهاٽن ٻيلن ۾ هاٿي ۽ گينڊا رهندا هئا." سنڌي مور جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "هتان مور عراق آندا ويا ۽ اتي سندن نسل تيار ڪيو ويو. پر انهن جي رنگ روپ ۾ فرق ضرور هو. منصوره جو قاضي، مور جو گوشت مزي سان کائيندو هو." سنڌين جي عمارت سازي واري فن لاءِ هو لکي ٿو: "هٽ زر ۽ جواهر سان مرصع (سينگاريل) محل ناهيا ويا، جن ۾ افلاڪ، بارهن برجن ۽ ستارن جون تصويرون بنايون ويون." هو لکي ٿو: "سنڌ جي ماڻهن، ڪاٺين مان لوهہ ڪڍيو، تلوارون، خنجر ۽ لڙائي جا قسمين قسمين سامان ايجاد ڪيا." سنڌ ۾ علم ۽ حڪمت جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ پراڻي زماني ۾ هڪ برهمڻ نالي بادشاهہ هو، جنهن جي زماني ۾ رعيت خوشحال هئي. هنر، فن ۽ عمارت

سازي ۾ ترقي ٿي ۽ نجوم ۽ حسابن جي علم ۾ بہ وڏو واڌارو آيو. هن بادشاھ حڪيمن ۽ فيلسوفن کي ڪٺو ڪيو، جن 'سنڌ ۽ هند' نالي هڪ ڪتاب لکيو. هن ڪتاب جي روشنيءَ ۾ بيا ڪتاب ارجهد، مجسطيٰ بہ لکيا ويا. ارجهد جي مطالعي کان پوءِ ارڪند ۽ مجسطيٰ جي مطالعي کان پوءِ بطليموس جو ڪتاب لکيو ويو. پوءِ انهن جي مدرسن پاران جنتريون جوڙيون ويون ۽ ماٿهن اهي 9 حرف ايجاد ڪيا جي هندي حساب جو احاطو ڪن ٿا. انهيءَ راجا سڀ کان پهرئين سج جي اوج تي بحث ڪيو ۽ بيان ڪيو تہ هو هر برج ۾ ٽي هزار سال رهي ٿو ۽ پنهنجي فلڪ کي 36 هزار سالن ۾ طئي ڪري ٿو."

مسعودي سنڌ جو اهو عرب سياح آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جو ذڪر ڪري ان دور جي تاريخ کي محفوظ ڪيو. هن هڪ ڪتاب "اخبارالزمان" ٽيهن جلدن ۾ لکيو، جيڪو اڻلڀ آهي. سندس هڪ ٻيو ڪتاب "التنبيهہ ولاشراف" فرينچ ترجمي سان 9 جلدن ۾ لندن مان ڇپيو هو.

# اصطخري

ابو اسحاق ابراهيم بن محمد فارسي اصطخري بغداد جو رهاڪو هو. وڏو سياح هو. ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. سنہ 340ھہ مطابق 951ع ۾ سنڌ ۽ هند ۾ آيو. هتي سندس ملاقات مشهور سياح ۽ جاگرافيدان ابن حوقل سان ٿي. جاگرافيءَ تي سندس لکيل 2 ڪتاب مشهور آهن. پهريون ڪتاب "الاقاليم" ۽ ٻيو ڪتاب "مسالڪ و الممالڪ" پهريون ڪتاب گوٿا ۾ 1255ھہ /1839ع ۾ ۽ ٻيو ڪتاب لنڊن ۾ سن 1287ھہ / 1870ع ۾ ڇپيو. 'مسالڪ الممالڪ' ڪتاب ۾، سنڌ جو احوال ملي ٿو. سيد سليمان ندوي لکي ٿو تہ "اصطخري جو ڪارنامو، فقط ملڪن جو احوال لکڻ نہ آهي، پر دنيا جو نقشو تيار ڪرڻ بہ آهي، جنهن ۾ سنڌ جو نقشو بہ شامل آهي."

اصطخري سنڌ جي شهرن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "سنڌ جي مشهور شهرن ۾ منصوره، ديبل، بيرون، ڪالري، انري، بلري، مسوهي، لهرج، بانيہ، منجاتري، سدوسان ۽ رور آهن. رور يعني اروڙ ملتان جيڏو شهر آهي. ان ۾ بہ فصل ٿيندا آهن. سنڌو ندي جي اولهہ ۾، سمنڊ جي ڪناري تي ديبل، هڪ وڏو واپاري مرڪز آهي ۽ انهن علائقن جو هڪ وڏو بندرگاهہ پڻ آهي. هتي گهٽي پوک ۽ وڻ ڪونهن. سارو علائقو بنجر ۽ ويران آهي. ماڻهن جو اصل ڪاروبار واپار آهي. نيرون ڪوٽ، ديبل ۽ منصوره جي وچ ۾ بلڪ منصوره کي وڌيڪ ويجهو شهر آهي. منجاتري سنڌو ندي جي اولهہ رخ تي آهي. اتري ۽ ڦالري، منصوره ۽ ملتان جي رستي ۾، سنڌو جي اوپر طرف، مگر ان جي ڪناري کان پري آهن. بلري درياءَ جي اولهہ رخ تي، ان نار جي ويجهو آهي، جيڪا درياءَ کان نڪري منصوره جي پٺيان وڃي ٿي. بانيہ هڪ ننڍو شهر آهي. منصوره سنڌ جو مرڪزي شهر آهي، جيڪو هڪ ميل چورس تي پکڙيل آهي. هن جي چوڌاري هڪ نهر آهي. هتان جا رهاڪو مسلمان آهن. سندن امير قريشي آهي، جيڪي هبارين جي اڪهہ مان آهن. منصوره وارن جي طرز زندگي ۽ پوشاڪ

عراق وارن جهڙي آهي. پر سندن شڪل شبيهہ هندستان جي راجائن سان ملي جلي ٿي. انهن جا وار بہ ڏگها آهن ۽ ڪُڙتا بہ پائين ٿا. هيءُ علائقو ڏاڍو گرم آهي. هت ڪارڪون ۽ ڪمند ٿئي ٿو. هت هڪ خاص ميوو صوف جيڏو ٿئي ٿو، جنهن کي ليمو چوندا آهن. ڏاڍو ڪنو ٿئي ٿو ۽ شفتالو وانگر هڪ ميوو انب بہ لذيذ آهي.

ملتان بہ، سنڌ جو مشهور شهر آهي، جيڪو منصوره جي اڌ جيترو آهي. منصوره کان ملتان ڏانهن بہ رستا وڃن ٿا. هڪڙو ڳوٺن ۽ شهرن مان وڃي ٿو، جيڪو چاليهہ فرسخ آهي ۽ ٻيو رستو ويرانين مان جنهن جو فاصلو هڪ سؤ فرسخ آهي. شهر کي محفوظ ۽ مستحڪم چار ديوارون آهن. شهر کان ٻاهر اڌ فرسنگ تي تمام گهٽيون جڳهيون آهن ۽ جنهن کي حيذروان چئبو آهي. هت فوجي ڪئمپ بہ آهي. هت بادشاهہ رهندو آهي، هو نسلي طرح قريشي آهي. ساس بن لوئي خاندان مان آهي. جنهن ملتان تي قبضو ڪري ورتو آهي، ۽ منصوره جي امير يا ڪنهن ٻئي جي هو تابع ناهي. صرف خليفي جي نالي خطبو پڙهندو آهي. هو ملتان ۾ هاٿي تي سوار ٿي جمعي نماز لاءِ ويندو آهي. ملتان جي امير جي آمدني جو خاص ذريعو هتان جو بت خانو آهي، جنهن جي زيارت لاءِ پري پري کان ماڻهو ايندا آهن ۽ تمام وڏي رقم نذر نياز جي صورت ۾ ڏيندا آهن. جنهن رقم تي هتان جو راجا قبضو ڪندو آهي. ملتان، منصوره ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي."

هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ ميد قوم مشهور آهي، جيڪا دراڻ کان وٺي ملتان تائين پکڙيل آهي، مهراڻ ۽ قامهل جي وچ وارن ميدانن ۾ سندن چراگاهہ ۽ ٻنيون آهن. انهن علائقن ۾ سندن اڪثريت آهي. قامهل ۽ چيمبور ۾ جامع مسجدون آهن. هت ناريل، ڪيلا، انب ۽ ٻي پوک ٿئي ٿي. ماڪي بہ گهڻي ٿئي ٿي." هت جت بہ رهن ٿا جن جي مڪران ۾ اڪثريت آهي. انهن وٽ ٻن ٿوهن وارا اٺ آهن، جن جي نسل مان نجائي اٺ ٿيندا آهن، جيڪي خراسان ۽ فارس رستي ٻين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا آهن. مڪران هڪ وسيع علائقو آهي. جيڪو گهڻو ڪري ٻنجهر ۽ خشڪ آهي. ان ڪري ڏڪر پوندو آهي. هتان جي ڳاديءَ جو هنڌ ڪيزهہ آهي، جيڪو ملتان جي اڌ جيترو آهي. هت ڪجور گهڻي ٿيندي آهي. مڪران جو بندرگاهہ تيز آهي. هتان جي منائي "فانيذ" مشهور

آهي. طوران بہ هتان جو وڏو شهر آهي. هتان جي مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي پوشاڪ ۽ مٽي جي وارن کي اٿڪائڻ جو هڪئي نمونو آهي. سندن عام لباس چادر ۽ تهبند (گوڏ) آهي ڇو تہ وٽن گرمي گهڻي ٿئي ٿي. ڪيز ڪانان بہ هتان جو مشهور شهر هو، جنهن لاءِ هو لکي ٿو: "سندس پسگردائي سرسبز ۽ شاداب آهي. سهانگائي ڏاڍي آهي، انگور، ڏاڙهون ۽ هر قسم جا ٿڌي قسم جا ميوا ٿين ٿا. ڪمند جو فصل آهي. هتان جهڙي فانيذ ٻي جاءِ تي ڪٿهن بہ نہ ملندي." ٻڌ وارن جو خاص مرڪزي شهر قندابيل آهي، قندابيل جيتوڻيڪ وڏو شهر آهي، پر هت کجورڪونہ ٿئي." اهڙي طرح اصطخري پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جي قديم شهرن جو احوال ڏيئي سنڌ جي تاريخ کي محفوظ ڪيو.

# ابن حوقل

(وفات 358هہ بمطابق 979ع)

ابن حوقل چوٿين صدي هجريءَ جو مشهور عرب سياح ٿي گذريو آهي. هو بغداد جو هڪ ناميارو واپاري هو، جيڪو سن 331هہ بمطابق 943ع ۾ بغداد کان سفر تي نڪتو. هن اسپين ۽ سِسِلي کان وٺي هندستان تائين سمورا ملڪ گهميا. هو يورپ، ايشيا ۽ آفريقا بہ ويو. هن گهميل ملڪن جا نقشا بہ تيار ڪيا. هندستان جي نقشي ۾ هن گجرات کان وٺي سيستان تائين، آبادين ۽ شهرن جا ڏس پتا ڏنا آهن. هي سنڌ جو پهريون نقشو آهي. ابنِ حوقل پهريون سياح ۽ جاگرافيدان آهي، جنهن سنڌ ۽ هند جي ديگهہ ۽ ويڪر ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن پنهنجو سفرنامو سن 367هہ /977ع ۾ لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ ۽ ان جي ڀر وارن علائقن بابت هڪ ڌار باب لکيو اٿس. هن 368هہ بمطابق 979ع ۾ وفات ڪئي. سندس ڪتاب 'سفرنامہ ابن حوقل' جي نالي سان مشهور آهي.

ابن حوقل سنڌ ۽ هند جون حدون بيان ڪندي لکي ٿو تہ "سنڌ، ڪشمير، تبت ڌارڌار ملڪ آهن. هند جي اڀرندي پاسي فارس جو درياءُ آهي ۽ ان جي ڏکڻ الهندي ڪنڌ تي، مسلمانن جي حڪومت آهي. سنڌ جي سرزمين جي ديگهہ مڪران کان منصوره ۽ ساري سنڌ جي پرڳڻي کان وٺي قنوج وٽ ختم ٿئي ٿي." ابن حوقل جي اچڻ واري وقت سنڌ، ٽن انتظامي يونٽن ۾ ورهايل هئي، مڪران، طوران ۽ منصوره. مڪران بابت هو لکي ٿو تہ "مڪران هڪ وسيع علائقو آهي، جنهن جو گهڻو حصو جهنگل ۽ ميدان آهي. هتي جو حاڪم عيسيٰ بن معدان آهي. ان جو تختگاهہ ڪيزه آهي. هتي ڪجيون تمام گهڻيون ٿينديون آهن. تيز، مڪران جو بندرگاهہ آهي. هتان جا مشهور شهر نيحپور، ڪسرڪند ۽ راسڪ آهن. هتان جو ڪمند ۽ ڪنڊ مشهور آهي. عام طرح ڪنڊ جا سڄي دنيا ۾ وڃي ٿي، سا هتان جي آهي. مڪران جي ڳوٺن ۾ اڪثريت اڻ سڌريل ماڻهن جي آهي. مڪران جي زمين زياده تر ريگستان آهي ان ڪري

جي عام ماڻهن جو ڌنڌو واپار آهي." ساڳيءَ طرح، اروڙ جي باري ۾ لکي ٿو تہ "سنڌ جي وڏن شهرن مان هڪ آهي، ملتان جيڏو شهر آهي. هن شهر کي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي. سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آهي. نهايت سرسبز، شاداب ۽ واپار جي منڊي آهي." ساڳيءَ طرح ملتان لاءِ لکي ٿو تہ "هيءَ شهر منصوره جيڏو آهي. هت سستائي تمام گهڻي آهي. ماني هڪ درهم ۾، ۽ حلوو هڪ درهم ۾ ٽي مڻ ملي ٿو. واپار ۾ هتان جا تاجرڪوڙ اصل نہ ٿا ڳالهائين. هتان جي تجارت سدائين فائدي ۾ آهي." ملتان جي پرواري شهر قنوج جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ "هيءُ وڏو شهر آهي، هن کي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي، هت گوشت سستو ملي ٿو. باغن جي گهڻائي آهي. منڊي نفع بخش آهي. هتان جا ڪيلا سستا آهن مگر ڪڻڪ گهٽ ٿئي ٿي. ماڻهن جي خوراڪ چانور آهن."

سنڌ ۾ کنڊ جي گهڻائي جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ "سنڌ ۾ چئن شهرن ۾ کنڊ ٺهندي آهي. ماسڪان، قزوا، مڪران ۽ طوران. انهن شهرن مان، ماسڪان جي کنڊ، وڏيڪ صاف ۽ داڻيدار آهي. ان ڪري اها مشهور آهي. بعد ۾ طوران ۾ بہ سٺي کنڊ ٺهڻ لڳي. سنڌ، عباسي دور ۾ ساري اسلامي دنيا کي، ڳاڙهي کنڊ (مُستي) ۽ ڳُڙ فراهم ڪندي هئي." آخر ۾ ابن حوقل جيڪو سنڌ واسين جي پوشاڪ، اٽي ويهڻي ۽ ٻولي جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ "هتان جي مسلمانن ۽ هندن جو لباس هڪجهڙو آهي ۽ وارن رکڻ جو طريقو بہ ساڳيو ئي آهي. منصوره ملتان ۽ انهن جي پسگردائي ۾، عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. مڪران وارن جي ٻولي فارسي ۽ مڪراني آهي. ڪڙتن/پهراڻ جو رواج بہ عام آهي. مگر تاجر ماڻهو قميص ۽ چادر استعمال ڪن ٿا. جهڙيءَ طرح عراق ۽ فارس جا ماڻهو اهو ويس ڍڪين ٿا."

ابن حوقل جو ڪتاب 'المسالڪ و الممالڪ' - صفحا 976 عربي زبان ۾ لنڊن مان سن 1872ع ۾ ڇپيو. ان کان اڳ ميجر اينڊرسن هن ڪتاب جي سنڌ سان لاڳاپيل حصي کي "بوڪ آف روڊس اينڊ ڪنگڊم." نالي سان ترجمو ڪيو.

# ابو دلف

ابو دلف مسعد بن مهلهل ينبوعي، هڪ مشهور ۽ وڏو، عرب سياح ٿي گذريو آهي. هيءُ پهريون سياح آهي، جيڪو سنڌ ۽ هند ۾ خشڪي جي رستي داخل ٿيو. هو بغداد کان ترڪستان آيو ۽ شاهه بخارا، نصر ساماني سان مليو. اتان هڪ چيني سفير سان گڏ، چين هليو ويو. چين ۾ ڪجهه عرصو رهڻ کان پوءِ، اتان نڪري ترڪستان، ڪابل، تبت ۽ ڪشمير کان ٿيندو ملتان ۽ سنڌ ۾ آيو. سنڌ مان ٿي ڏکڻ هندستان جي ڪولم بيٽ تائين ويو. سندس سنڌ ۾ اچڻ جو زمانو سن 331هه /942ع کان 377هه /987ع تائين آهي. يعني هو هت چوٿين صدي هجريءَ ۾ آيو. سندس ڪتاب جا ڪجهه حصا برلن ۾ 1845ع ۾ لاطيني زبان ۾ ڇپيا. ان کان سواءِ سندس سفرنامي جا ڪجهه خلاصا ابن نديم جي ڪتاب الفهرست، ياقوت حموي جي ڪتاب "معجم البلدان" ۽ قزويني جي ڪتاب "آثار البلاد" ۾ ڏنل آهن.

ابو دلف پنهنجي سفرنامي ۾ ملتان جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو: "هتان جي جامع مسجد بت خاني جي قبي سان مليل آهي. ملتان ۾ اسلامي شان و شوڪت آهي. "اَمر بالمعروف ونهي عن المنڪر" جو چرچو عام آهي. هيءُ شهر يحي بن محمد اموي جي قبضي ۾ آهي. ان کان وڏيڪ هيءُ منصوره ۽ ساري سنڌ جو حڪمران آهي. ۽ سنڌ جو سڄو انتظام هن جي حوالي آهي." ملتان جي بت خاني جو بہ هن ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو: "ملتان جو مشهور بت ڪاٺيءَ جو ٺهيل هو. سندس جسم تي ڳاڙهي کل لپيٽيل هئي. سندس ٻنهي اکين جي جڳهہ تي بہ لعل لڳل هئا ۽ مٿي تي سونو تاج پاتل هو."

ملتان کان ٿي ابو دلف منصوره ۾ آيو. منصوره ان وقت سنڌ جو دارالخلافہ ۽ مشهور واپاري شهر ۽ علم جو مرڪز هو. هت بنواميہ خاندان طرفان ناظم مقرر ٿيل هو. ابو دلف لکي ٿو: "منصوره سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ اموي خليفو هت رهي ٿو. هو پنهنجي نالي جو خطبو بہ پڙهي ٿو ۽ شرعي حدون بہ جاري ڪري ٿو ۽ سنڌ جي سڄي اپجي ڪاري جو مالڪ بہ هو

اڪيلوئي آهي."

ابو دلف منصوره کان پوءِ هندستان ويو، جتي هو ڪولم ۽ مدراس تائين پهتو. هو هند ۽ سنڌ جي گڏيل مصنوعات ۽ زراعت جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو: "هت (سنڌ ۽ هند جي شهرن) مٿيءَ جا اهڙا خوشبودار ٿانوَ نهن ٿا. جيڪي اسان جي ملڪ ۾، چيني ڪري وڪامجن ٿا. پر اهي اصل ۾، چيني نه آهن، چو ته چين جي مٽي، هتان جي مٽي کان سخت ٺئي ٿي ۽ باهه ۾ گهڻي وقت تائين پچائي نه ٿي سگهجي." هتان جي مٽي جي ٿانوَن جو رنگ ٿورڙو ميرو ٿئي ٿو ۽ چيني مٽي جو رنگ اڇو ۽ ٻين رنگن وارو هوندو آهي. هتي ساڳ جي ڪاني ايڏي ته ڊگهي ٿئي ٿي جو ڪڏهن ڪڏهن ته ان جي ماپ هڪ سؤ هٿن تائين به پهچي وڃي ٿي. ان کان سواءِ بيد. نيزي جي ڪاني به هت گهڻي ٿئي ٿي. ريوند چيني ۽ هڪ يوناني دوا جو قسم تيزپات، جيڪ ڪين جي دوا لاءِ ڪم اچي ٿي، سا به هت جام ملي ٿي ۽ ان کان سواءِ هتان عود. ڪافور ۽ لوبان به تاجر خريد ڪري پنهنجن ملڪن ڏانهن کڻي وڃن ٿا."

مطلب ته ابو دلف جي سفرنامي ۾، سنڌ متعلق جيتوڻيڪ ٿوري معلومات ملي ٿي، پر اها بنيادي ۽ معياري ضرور آهي. ٿوري مواد ملڻ جو اهو سبب آهي، جو سندس سفرنامي جو احوال ٻين ٻن سياحن جي ڪتابن ۾ گڏجي ويو آهي، نه ته انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ابو دلف جڏهن پاڻ سنڌ ۾ آيو، تڏهن سندس ڳالهيون ضرور دلچسپ ۽ تاريخي نوعيت جون هونديون. بهرحال اسان جي سنڌ جو هيءُ عرب سياح به، پنهنجي ٿوري احوال ۾ گهڻيون ڳالهيون ڪري ويو آهي، جن ۾ اسان جي تاريخ جو چڱو مواد شامل آهي.

1. سندس زمانو 331هه کان 377هه تائين سمجهڻ گهرجي.
2. غالباً هيءُ پهريون عرب سياح آهي، جيڪو خشڪيءَ رستي هندستان پهتو.

# بشاري المقدسي

(ولادت: 336هہ)

ابوعبدالله شهاب الدين محمد مقدس بشاري، چوٿين صدي هجري ۽ ڏهين صدي عيسويءَ جو مشهور عرب سياح ٿي گذريو آهي. هو سن 336هہ/947ع ۾ بيت المقدس ۾ ڄائو. سندس والد صاحب رازو هو. بشاري کي ننڍپڻ کان ئي گهمڻ جو شوق هو، ان ڪري جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن هن مراڪش کان تاشقند تائين، اسلامي ملڪن جو سفر ڪيو. هڪ پڻ مسلمان حڪومتن کي ڇڏي سيني مسلمان حڪومتن جو دورو ڪري اتي جي رهاڪن، انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن کي تحقيقي نظر سان ڏٺو. ويهه ٻاويهه سال سياحت ڪرڻ کان پوءِ ان پنهنجي اکين ڏٺي احوال کي قلمبند ڪيو. هو سنڌ ۾ ٻہ آيو ۽ هتان ئي واپس ويو. 20 ورهين جي سياحت کان پوءِ، سنہ 375هہ /985ع ۾، پنهنجا مشاهدات قلمبند ڪيائين ۽ ان ڪتاب جو نالو ”احسن التقاسيم معرفة الاقاليم“ رکيائين. هيءُ سفرنامو پهريون دفعو سن 1877ع ۾ ۽ ٻيو دفعو 1906ع ۾ ڇپيو. بشاري جي ڪتاب ۾ مسلمان ملڪن جي معاشرتي ۽ معاشي حالتن، رسم رواج، جاگرافيائي حالتن، زبانن ۽ انهن جي لهجن، ماڻهن جي شڪل، صورت، مذهبن ۽ فرقن، هنرن ۽ فنن، پيداوار ۽ پيدائش، ميون، گلن، ٻوٽن، وڻن ۽ سڪن، شهرن ۽ واپاري منڊين، آمدني ۽ روانگي، ويرانين ۽ آبادين، شاهراهن ۽ مفاصلن، پهاڙن ۽ دريائن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. اهوئي سبب آهي جو هن ڪتاب کي هڪ منفرد حيثيت حاصل آهي. آخري باب سنڌ بابت آهي، جيڪو 14 صفحن تي ڦهليل آهي. هن ڪتاب جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ ان ۾ مسلمان ملڪن جا نقشا ڏنل آهن، جنهن ۾ سنڌ جو بہ نقشو ڏنل آهي.

بشاري، پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ ۽ سندس مليل علائقن کي هڪ اقليم جو نالو ڏنو آهي. ان سڄي اقليم کي ڇهن صوبن ۾ ورهايو اٿس. جن مان پهريون مڪران آهي. لکي ٿو: ”مڪران جوعلائقو بريٺ بيابان لڳو پيو آهي.

پاڻي گھڻ آهي. هيءُ علائقو گرم آهي. البت ڪي ڪي علائقا سرسبز ۽ شاداب باغن سان ڀريل آهن. مڪران جو والي نهايت عادل ۽ خداپرست آهي. مڪران جي گاديءَ جو هنڌ پنجگور آهي، جنهن کي اوچو ڪوٽ ڏنل اهي. وڏي بازار جي وچ ۾ جامع مسجد آهي." اقليم سنڌ جو ٻيو صوبو طوران آهي. هو لکي ٿو: "طوران جي گاديءَ جو هنڌ قصدار آهي، جيڪو واپار جو مرڪز آهي. هتي واپاري قافلا ڏينهن رات خراسان، ايران، افغانستان ۽ هندستان کان اچن ٿا. ڪاڏي جون شيون سستيون ۽ سنيون آهن." اقليم سنڌ جو ٽيون ء مرڪزي صوبو منصوره آهي. جنهن بابت بشاري لکي ٿو: "هيءُ هڪ مستقل ۽ مرڪزي رياست آهي. اڳ سڄي اقليم سنڌ ان جي ماتحت هئي. هت عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. منصوره سڀ کان وڏو شهر آهي. هتي جون جايون مٽيءَ ۽ ڪاٺ جون ٺهيل آهن. هتان جي مسجد نهايت ڪشادي، سهڻي ۽ شاندار آهي. منجهس ڪِٺ جي ڪاني جا چٽيل ٿنڀا جُڙيل آهن. هتان جا رهاڪو علم دوست، سمجهو، بامروت، مسافرنواز ۽ ديندار آهن. هيءُ شهر علم ۽ واپار جو مرڪز آهي. هتي جون مينهون سهڻيون آهن ۽ کير گهڻو ڏينديون آهن. هتان جي هوا هلڪي آهي. سردي گهڻ پوندي اهي." سنڌ جي ديبل شهر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "ديبل هڪ وڏو رونق وارو بندرگاهه آهي، جنهن جي چوڌاري، سون جي تعداد ۾ ننڍا وڏا ڳوٺ آهن. هن بندرگاهه جي وڏي اُپت آهي. هتان جا ماڻهو خوش خوراڪ، خوش پوش ۽ خوش مزاج آهن. اقليم سنڌ جي چوٿين صوبي ويهند جو ذڪر ڪندي بشاري لکي ٿو: "هيءُ علائقو پراڻي وقت کان مشهور آهي. هتان جو تختگاهه به ويهند آهي. هيءُ شهر منصوره کان به وڏو آهي. هتي ساون باغن جي گهٽائي آهي. هتان جا وڻ سدا سنوان ۽ سهڻا آهن. ماڻهو سکيا ستابا اهن. ڪاڏي جون شيون سستيون ۽ سنيون آهن." بشاري سنڌ ولايت جي پنجين صوبي قنوج لاءِ لکي ٿو: "هن جي گاديءَ جو هنڌ به قنوج آهي، هيءُ شهر نهايت شاندار آهي. هت گوشت سستو آهي. پاڻي منو ۽ هاضمي وارو آهي. شهر درياءَ جي ڪپ تي ڪشادو ۽ سهڻو اڏيل آهي. شهر جي چوڌاري باغ آهن. هتي جو حاڪم هندو راجا نهايت انصاف پسند ۽ مروت وارو آهي." سنڌ ولايت جي ڇهين صوبي ملتان جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "ملتان جي آباديءَ جو وڏو حصو عرب نسل مان اهي. شهر

سڪيو ستابو آهي. واپار جو وڏو مرڪز آهي. ماڻهو خوشرو ۽ ڪڻڪ رنگا آهن. بلند اخلاق، بچڙاين کان پاسو ڪندڙ، شراب ۽ جوئا جهڙين براين کان بچيل آهن. واپاري نهايت ايماندار آهن. بازارن ۾ ڪا به عورت سينگار ڪري نه نڪرندي آهي."

بشاري سنڌ جي انهن ڇهن صوبن جي احوال ڏيڻ کان پوءِ سنڌ جو اجتماعي طرح ذڪر هيئن ڪري ٿو: "سنڌ، سون، واپار، دوائن، اوزارن، مصري ۽ ٻين سهڻن ۽ سٺين شين جو مرڪز آهي. هتي ڇانور، ڪيلو ۽ ٻيون عجيب شيون پيدا ٿين ٿيون. شين جا اگهه سستا ۽ شيون عام جام آهن. ڪجيون گهٽيون ۽ ڪارڪون گهٽيون ٿين ٿيون. عدل انصاف ۽ سياست به سنڌ ۾ گهٽي هلي ٿي. واپار جو وٿ، نفعي جون شيون، فخر جهڙيون ڳالهيون واپار ۽ هنر به گهڻو آهي. هتي جا شهر وڏا ۽ قصبا آباد آهن. ملڪ ۾ سلامتي، عافيت، امن امان ۽ امانتداري عام آهي. هن جي پر ۾ سمنڊ آهي ۽ درياءَ مهراڻ، جنهن کي سنڌو درياءُ به چوندا آهن، وچ مان لنگهي ٿو. ميدان ۽ پوکون ته گهڻيون آهن. شهر سهڻا، درياءُ شرف وارو ۽ عجيب آهي، جيڪو برڪت ۽ فيض جو سرچشمو سمجهيو ويندو آهي. جهڙي طرح نيل درياءُ مصر جي وادي جي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جو ضامن آهي."

سنڌ ولايت جي پوشاڪ بابت بشاري لکي ٿو: "اقليم سنڌ جا اڪثر رهاڪو، مٽي جا وار ڊگها رکندا آهن. سُٽڻ ۽ چولو پهريندا آهن. ليڪن واپاري، امير ۽ درباري هڪ خاص قسم جو لباس استعمال ڪندا آهن. شوقين نوجوان، ڪنن ۾ واليون پائيندا آهن. مٽي جو لباس عام طرح سان پٽڪو آهي." هتان جي واپار بابت هو لکي ٿو: "طوران مان مصري برآمد ٿيندي آهي، صندان مان ڇانور گهڻي مقدار ۾ ۽ ڪپڙو ٻاهر موڪليو ويندو آهي. ساري ملڪ ۾ فراشين/پٽراٽين ۽ غاليچن جي صنعت موجود آهي. ناريل ۽ عمدو ڪپڙو گهڻو ٻاهر موڪليو ويندو آهي. منصوره مان ڪنياتي جتيون موڪليون وينديون آهن." سنڌ جو مڻ مڪي جي مڻ جي برابر آهي. 4 مڻ مڪي به اٽڪل 34 سير ٿيندا. 8 مڻ ڪڻڪ هت 4 درهمن ۾ ملي ٿي، هن ملڪ ۾ ٻن قسمن جا سڪا جاري آهن، جن کي قاهريات ۽ طاطري سڏبو آهي. هتان جي جانورن ۾ فالج يعني ٻن ٿوهن وارو اٺ مشهور آهي. اهو اٺ بختي اٺ کان سهڻو ۽ گهڻو وڏو ٿيندو آهي. مهانگي هجڻ ڪري ان کي رڳو امير ئي خريد ڪري سگهندا

آهن.“ محصول جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: ”هت هرپاسي ڪان ايندڙ ۽ ويندڙ مال تي ڇهه درهم ٽئڪس ورتي ويندي آهي ۽ رڳو ملڪ ۾ داخل ٿيندڙ هر غلام تي ٻارنهن درهم ٽئڪس ورتو وڃي ٿو. هندستان ڪان ايندڙ هر مال تي ٽئڪس جي شرح ويهه درهم آهي. سنڌ مان ايندڙ سامان جي قيمت جو اندازو لڳائي محصول مقرر ڪيو ويندو آهي. صاف ڪيل چمڙي جي ڪل تي هڪ درهم محصول آهي.“ هتان جي حاڪم کي هر سال ٽئڪس مان ڏهن لکن درهمن جي آمدني ٿيندي آهي. انهيءَ ڳالهه مان صاف ظاهر آهي تہ بشاري المقدسي هڪ اهم عرب سياح آهي، جنهن ان وقت جي سنڌ جو چپو چپو گهميو ۽ ايڏي جامع معلومات، سنڌ بابت ڏني جيڪا اڄ اسان جي تاريخ جو اهم باب آهي.

سندس مشهور ڪتاب ”احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم“ ڀ پيرا هاليند مان ٻيهر تحقيق ٿي شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ اسلامي ملڪن جي سڙڪن، فاصلن، واپار ۽ جاگرافيءَ بابت چاڻ ڏنل آهي. سندس وفات چوٿين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ٿي. هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ جاگرافيءَ جي موضوع تي آهي، پر ان ۾ زندگيءَ جي ريتن، رسمن، عقيدن، مذهبي لاڳاپن، هنري خصوصيتن، فرقن، زبان، شڪل ۽ صورت جي احوالن کي چٽيو ويو آهي.

”احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم“ تصنيف 375هه/985ع ۾ سنڌ جي زرعي پيداوار ۽ تجارتي اوج متعلق لکيو آهي: ”دنيا ۾ سڀ کان زياده مصري چانور ۽ مشڪ جي پيداوار سنڌ ۾ آهي. سنڌ هڪ تجارتي، ملڪ آهي. هتي سون، جڙي ٻوٽيون، ڪيلو، ڪارڪون، ڇوهارا، عمدا ٿين ٿا. هتي شيون گهٽائيءَ ۾ ۽ سستيون آهن. عدل ۽ انصاف آهي، ۽ سياست ۾ دانائي ڀ آهي.“ ديبل ۽ منصوره متعلق لکي ٿو: ”ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هتي تقريباً هڪ سوءُ ڳوٺ آهن. سمنڊ جو پاڻي ٻوڏن وقت قلعي جي ديوارن سان لڳي ٿو. منصوره مان عمدا جوتا، هاٿي ، هاٿيءَ جا ڏند، ۽ ٻيون اعليٰ قسم جون شيون، جڙي ٻوٽيون ٻاهر موڪليون وڃن ٿيون.“

هن ڪتاب جو اردو زبان ۾ ترجمو ”اسلامي دنيا دسوين عيسوي مين“ نالي سان خورشيد احمد فاروقي ڪيو. هيءُ ڪتاب 1962ع ۾ دهليءَ ۾ ڇپيو.

---

# البيروني

(ڄم: 972ع وفات: 1084ع)

ابو ريحان محمد بن احمد. خوارزم جي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هو خوارزم ۾ پهتو ته ڏيک ويک ۾ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو ٿي معلوم ٿيو. انهيءَ ڪري درباري کيس بيروني سڏڻ لڳا ۽ اهڙي طرح تاريخن ۾ هو بيروني مشهور ٿي ويو. پهرياثين هو، منصور (ثاني) بن نوح (997ع - 999ع) جي دربار ۾ هو. پوءِ جرجان ۾ شمس المعالي قابوس وٽ ويو. سن 1008ع ۾ خوارزم جي دربار ۾ پهتو. جڏهن سن 1017ع ۾ محمود غزنوي، خوارزم فتح ڪيو ته هو غزني هليو ويو. ان ڪانپوءِ هو هند ۽ سنڌ ۾ آيو ۽ ڪيتروئي وقت هت رهي، هتي جي علوم ۽ فنون جو اڀياس ڪيائين. 1030ع ۾ سنڌ ۽ هند جي علمن بابت، مشهور ڪتاب، "ڪتاب الهند" لکيائين. هو سن 972ع ۾ ڄائو ۽ 1048ع ۾ غزني ۾ وفات ڪيائين.

بيروني سنڌ ۾ چاليهه سال گذاريا. سندس هيءُ وڏو ڪارنامو آهي جو هن هندن ۽ مسلمانن درميان علمي سفارت جي مهم سرانجام ڏني. بيروني، عربن ۽ ايرانين کي، هندن جي علوم کان روشناس ڪرايو. ساڳئي وقت هندن کي عربي ۽ ايراني عالمن جي تحقيقات کان واقف ڪيائين. هن اٽڪل 17 ڪتاب لکيا. جن مان "ڪتاب الهند" مشهور آهي. بيروني زمين جي جاگرافيائي جوڙجڪ جو به عظيم الشان ڪم سرانجام ڏنو ۽ هندستان جي وڏن ننڍن شهرن جي ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڊگهائي جو به ذڪر ڪيو. قديم زماني ۾ اسان جي سنڌ واري ملڪ کي هو "سپت سنڌو" وارو ملڪ سڏي ٿو ۽ ان کي ستن ديپن يعني صوبن ۾ ورهايو اٿس. پهريون جنب ديپ، جيڪو ڪوهه ميروديپن ۽ سمنڊن جي وچ ۾ آهي. هتي جا ماڻهو عبادت گهڻي ڪن ٿا ۽ ٿورو ڪائين ٿا. هتان جي بادشاهه کي سمنار سڏيو وڃي ٿو. ٻيو شاڪ ديپ(1) آهي، جنهن ۾ ست درياءَ آهن. هتان جي جبلن ۾ جواهرات آهن. هڪ جبل سون جو آهي ۽ هڪ جبل ۾ فقط دوائون آهن. ٽيون ڪش ديپ(2) آهي، جنهن ۾ جواهرات، ميوا،

مڪڙيون، گل ۽ اناج سان پريل ست جبل آهن، جن سيني ۾ اعليٰ قسمن جون دوائون آهن. چوٿون ڪورنج ديپ اهي، جتان جي جبلن ۾ جواهرات آهي. هن جا درياءُ گنگا جون شاخون آهن. ماڻهو گوري رنگ جا نيڪ ۽ پاڪ آهن. پنجون شامل ديپ آهي، جنهن ۾ جبل ۽ درياءُ آهن ماڻهو حليم آهن ۽ منجهن ڪاوڙ نہ آهي. هتي پاڻي زمين مان نڪري ٿو. ڇهون گوميز ديپ، هتي بہ وڏا جبل سهڻا ۽ عمدا آهن هتي جي آبهوا خوشگوار اهي. هن بيٽ ۾ سڀ دوائون آهن. ستون پسڪر ديپ آهي، جنهن جي جبلن واريون چوٽيون جواهرات سان پر آهن. هتي نڪي سردي ٿئي نہ ڪي گرمي ماڻهو خوبصورت آهن. پاڻي زمين مان اپري، جبلن تان وهي، هيٺ ڪري ٿو.

سنڌ ۾ اچڻ جي رستي بابت هو لکي ٿو، تہ ”پنهنجي ملڪ مان، اسان ڪي سنڌ لاءِ، نيمروز (سجستان) ڪان روانو ٿيڻو پوندو ۽ جڏهن تہ هند لاءِ ڪابل ڪان هلڻو پوندو. ائين تہ ڪتان بہ روانو ٿي سگھجي ٿو. رڳو رستي جون رنڊڪون دور ڪرڻيون پونديون. جبلن ۾ جيڪي هند جي اولهہ سرحد تي آهن. تن ۾ هندن جا قبيلا ۽ انهن جهڙا ماڻهو رهندا آهن، جيڪي جهنگلي ۽ ويڙهاڪ آهن. انهلواڙ جي ڏکڻ طرف هلي، لاڙ ديش پهچبو. بزاند ڪان ڏکڻ اولهہ طرف 15 فرسخن تي الور، سنڌ جي ٻن شاخن جي وچ تي ويهہ فرسخ بهمنوا ۽ ٽيهہ فرسخ تي لوهزائي پهچبو. سنڌو ندي، سنڌ، درد ۽ ٻين شهرن مان وهي ٿي.“ ديبل لاءِ هو لکي ٿو: ”برهم جي پٽن مان هڪ پٽ بياس واري جا ڇهہ شاگرد هئا، جنهن مان هڪ جو نالو ديبل هو. سنڌ جو قديم شهر ديبل، ان جو نهيل هو. هن جو اصل نالو ديوبل يعني وڏي طاقت وارو آهي.“ هو لکي ٿو: ”سنڌ جا ميد هتان جي مشهور ذات آهي، جيڪي ملتان جون ساموندي حدن واري علائقي ۾ وينل آهن. مهراڻ ۽ قامهل جي وچ وارن ميدانن ۾ سندن چراگاهہ ۽ ڪيتريون ئي آباديون آهن. ڏکڻ سنڌ جي، ساحلي علائقي ۾ ملگاري يعني ملواري زبان زياده تر رواج ۾ هئي ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ بہ ڪم ايندي هئي، جڏهن تہ منصوره ۾ هڪ ٻي زبان رائج هئي. جنهن کي سين دب يعني سنڌي چوندا هئا.“ بيروني هتان جي ماڻهن جي علميت بابت لکي ٿو تہ: ”هتان جا ماڻهو ائين سمجهن ٿا تہ هنن کان سواءِ ٻئي وٽ علم نہ آهي. جڏهن کين خراسان ۽ فارس جي ڪنهن عالم جو نالو ٻڌايو ويو تہ هو ٻڌائڻ واري کي جاهل ۽ چريو

سمجهڻ لڳا." هو لکي ٿو: "سنڌ جي عالمن جي خاص تصنيف سونڌانت آهي. هي ڪتاب 154هه ۾ سنڌ جي هڪ وفد سان گڏ علم هيئت ۽ علم رياضي جو هڪ سنڌي ڄاڻو ۽ عالم ڪٽي بغداد ويو ۽ خليفي جي حڪم سان، درٻار جي هڪ رياضيدان ابراهيم فزاري جي مدد سان، ان جو عربي ۾ ترجمو ڪيو. علم رياضي جو هيءُ بنيادي ڪتاب آهي. ان ڪري عربن جو چوڻ آهي تہ انهن 9 تائين انگن لکڻ جو طريقو سنڌين کان سکيو ۽ ان ڪري ئي عرب مؤرخ هنن انگن کي حساب هندي يا ارقام هندبہ چون ٿا." هو لکي ٿو تہ: "هتان جي هڪ عالم سنگهل عربي ۾ علم نجوم تي هڪ ڪتاب "المواليد الڪبير" لکيو. ان کان سواءِ هڪ سنڌي حڪيم بيدبا "ڪُليلہ و دمنہ" ڪتاب لکيو، هن ڪتاب کي پوءِ پنج تنتر بہ سڏيو ويو. جنهن جو پوءِ ترجمو عبدالله بن مقفع بہ ڪيو هو."

بهرحال البيروني جو "ڪتاب الهند" هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن سنڌ جي تاريخ، حڪمت، علميت ۽ فلسفي بابت اهم معلومات ڏيئي اسان تي وڏو احسان ڪيو آهي.

---

# ابن بطوطا

(ولادت: 703هہ بمطابق: 1304ع)

(وفات: 779هہ بمطابق: 1377ع)

محمد بن عبدالله بن ابراهيم بن عبدالله اللواطي الطنجي، ڪنيت، ابو عبدالله لقب شرف الدين، ابن بطا جي نالي سان مشهور آهي. سن 703هہ بمطابق 1304ع ۾ طنج (مراڪش) ۾ ولادت ٿيس ۽ سن 779هہ بمطابق 1377ع ۾ وفات ڪيائين. ابن بطوطا مشهور سياح ٿي گذريو آهي. ڪيترن ئي ملڪن جو سيرو سفر ڪيائين. سنڌ ۾ هو تہ 734هہ جي محرم مهيني جي پهرئين تاريخ تي ڪابل ۽ ديراغازي خان کان ٿيندو پهتو ۽ هتان پوءِ دهلي ويو. هن پنهنجي سفر جو احوال هڪ ڪتاب "تحفة النظار في غرائبہ الابصار" جي نالي ۾ ڏنو آهي. سفرنامي ۾ سنڌ جو بہ تمام گهڻو احوال ڏنل آهي. سنڌ جي شهرن، مشهور عالمن ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جو تفصيل سان احوال ڏنل آهي. هو لکي ٿو: "اسين سنڌو درياءَ تي پهتاسين، جنهن کي پنج آب (پنجاب) بہ سڏيو وڃي ٿو. هيءُ درياءَ دنيا جي وڏين نهرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. گرمي جي موسم ۾ هن ۾ چاڙهہ ايندو آهي. سنڌ جي ماڻهن جو هن درياءَ تي گذران آهي. هتان، سلطان محمد شاهہ تغلق جي حڪومت جي حد شروع ٿئي ٿي. ان وقت سنڌ جو امير سرتيز هو، جيڪو سيوستان شهر ۾ رهندو هو ۽ سنڌ ملتان صوبي جي ماتحت هئي، جنهن جو گورنر قطب الملڪ هو. سيوستان ۽ ملتان جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو فاصلو هو. ٽپال کي بريد چيو وڃي ٿو. جيڪا گهوڙن ۽ پيادل ماڻهن جي رستي موڪلي وڃي ٿي. هتان جا اخبار نويس بادشاهہ لاءِ جاسوسي جو ڪم ڪندا آهن.

سيوستان يا سيوهڻ هتان جو هڪ وڏو شهر آهي. هت ٻير جي وڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وڻ نہ آهي. هن جي پرسان جيڪا نهر وهي ٿي، ان جي ڪناري تي گدري جي فصل کان سواءِ ٻي ڪابہ پوک ڪونہ ٿئي. هن شهر جا ماڻهو جوئر جي ماني ڪائين ٿا. مڇي تمام سستي آهي. مينهن جو ڪير جام آهي.

هت گرمي ڏاڍي آهي. ماڻهو ڪپڙو پسائي گوڏ ٻڌندا آهن ۽ پوتڙو پسائي ڪلهن تي رکندا آهن ۽ جڏهن آهي گرمي سبب سڪي ويندا آهن ته وري پسائيندا آهن. هن شهر ۾ سما قبيلي جو سردار ڄام انڙ رهندو هو ۽ امير قيصر رومي به هت رهندو هو. اهي ٻيئي محمد شاهه تغلق جا ملازم هئا. جن وٽ ارڙهن سؤ سپاهين جي فوج هئي."

"لاهري بندر، سنڌ جو خوبصورت شهر، سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ هتي سنڌو درياءُ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هن شهر ۾ يمن ۽ فارس جا ڪيترائي واپاري رهن ٿا. شهر به نهايت مالدار آهي. شهر جو محصول سٺ لک دينار آهي. مان اتان جي منتظم علاءُ الملڪ وٽ پنج ڏينهن رهيس، جنهن منهنجي گهڻي خاطرداري ڪئي ۽ مون کي سفر جو سمر عطا ڪيو."

"سنڌو ندي جي ڪناري تي جون جو شهر آهي. هيءُ شهر وسيع ۽ خوبصورت آهي. چوڌاري باغات آهن ۽ ان جي بازار ڊگهي ۽ خوشنما آهي. هن شهر ۾ سما ۽ سومرا قبيلي جا ماڻهو آباد آهن. جي نهايت پراڻي زماني کان اتي رهن ٿا. سومرا نه ڪنهن سان گڏ کائن ٿا ۽ نه پنهنجي قبيلي کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به رشتو جوڙين ٿا. هن زماني ۾ سندن سردار انڙ آهي."

"بکر، اتر سنڌ ۾ آهي ۽ سنڌؤ جي هڪ شاخ هن شهر جي وچان لنگهي ٿي. هن شهر ۾ هڪ خانقاهه آهي جا ڪشلو خان نهرائي هئي، جنهن ۾ مسافرن کي مفت، عمدو کاڌو کارايو ويندو هو. هت منهنجي ملاقات امام عبدالله حنفي ۽ شهر جي قاضي ابو حيفه ۽ شمس الدين محمد شيرازي سان ٿي. ان وقت سندس عمر هڪ سؤ ويهه سال هئي."

اُچ، سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آهي. شهر جي بازار عمدي آهي، ان جون جايون پڪيون ۽ مضبوط آهن. شهر جو حاڪم سيد جلال الدين ڪيڄي آهي. هن مون کي اجازت ڏني هئي ته "جڏهن به مون کي پيسن جي ضرورت ٿئي ته واسطيدار ڳوٺن مان محصول اڳاڙي مالي ضرورت پوري ڪري سگهان."

ملتان، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جتي سنڌ جو امير الامراءَ رهي ٿو. جيڪو نهايت وڏو امير ۽ فاضل شخص آهي. هن مون کي پنهنجي پير ۾ ويهاريو. مون کيس هڪ غلام، هڪ گهوڙو ۽ ڪشمش ۽ بادام تحفي طور

پيش ڪيا. ڪشمش ۽ بادام هن ملڪ ۾ ڪونہ ٿين ۽ خراسان مان آندا ويندا آهن. ملتان کان پوءِ مان دهلي وڃڻ جو ارادو ڏيکاريو. جنهن لاءِ مون کان هندستان ۾ رهڻ جو عهدنامو ورتو ويو. دهليءَ جو شهر ملتان کان چاليهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي.

ابن بطوطا سنڌ ۾ جيڪو عرصو رهيو، ان ۾ سنڌ جي هر هڪ شيءِ کي چڱي طرح ڏٺو. لکي ٿو: "اسان سنڌ جي هڪ جهنگ ۾ گينڊو ڏٺو. اهو حيوان رنگ جو ڪارو ۽ وڏي ڏيل وارو جانور هو. هن جو مٿو وڏو هو، هي جانور هاٿي کان ننڍو آهي. ڪيس ٻن اکين جي وچ ۾، نراڙ تي هڪ سڱ هوندو آهي، جنهن جي ڊيگهہ 8 انچ ۽ ٻانهن جهڙو ٿلهو هوندو آهي. جڏهن اهو گينڊو جهنگ مان نڪتو تہ هڪ سوار سندس اڳيان اچي ويو. گينڊي گهوڙي کي ٽڪر هنيو ۽ سوار جي ران چيريندي، ان کي زمين تي ڪيرايائين ۽ ٻيلي ۾ غائب ٿي ويو."

ابن بطوطا جي سفرنامي مان سنڌ جي تجارت ۽ ساموندي جهازن جي بہ خبر پوي ٿي. هو لکي ٿو: "هتان جي تجارتي جهازن ۾، ٻہ بہ منزلون هونديون هيون. منجهن جدا جدا ڪمرا هوندا هئا. پاڻي پيئڻ ۽ کائڻ جو بہ ڪافي ذخيرو هوندو هو. مسافرن کان سواءِ تجارتي مال جا گدام هوندا هئا. جهازن ۾ ڪم ڪندڙ خلاصي، ملاح، راڪا ۽ تير انداز هڪ هزار کن هوندا هئا. هر وڏي جهاز تي، ٽي ننڍيون ٻيڙيون، اتفاقي حادثن لاءِ موجود رهنديون هيون. انهن جهازن ۾، مٿئين عملي کان سواءِ چئن سون مسافرن جو عمدو بندوبست هوندو هو. ان کان سواءِ بي انداز سامان جنهن بہ جهاز ۾ هوندو هو ان جي قدرو قيمت جو اندازو پاڻ پڙهندڙ لڳائي سگهي ٿو. چين ويندڙ جهازن ۾ عملو ٻن قسمن جو هوندو هو. ڪپتان کي روساءَ ۽ ملاحن يا خلاصين کي "اصحاب الارجل" چئبو هو. عرب، سمنڊ ۾ رات جو ستارن وسيلي رستو ۽ طرف معلوم ڪندا هئا. انهن ستارن جا نالا نباة النعش، فرقدين، ثريا، سهيل، زهره، دبور ۽ دبران آهن. عرب تاجر جهازن مان ٽن قسمن جو ڪم وٺندا هئا. ٻيڙين ذريعي مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ، سمنڊن مان سچا موتي ۽ مرجان ڪڍڻ ۽ ٽيون سوداگري ڪرڻ."

آخر ۾ سنڌ جي اعليٰ طبقي جي طعام خاني بابت ابن بطوطا لکي ٿو:

"سپ کان پهرئين مانيون آنديون ويون جي تمام سنهيون چپاتيون هيون. پڪري کي پُجي، هر هڪ ماڻهو جي اڳيان چار يا پنج ٽڪر رکيا ويندا هئا. ان کان پوءِ گهر ۾ تريل اڦراٽا جن ۾ اندر مناڻ پريل هوندو هو، ڏنا ويندا هئا. ان سان گڏ هڪ ٽڪي بہ ڏني ويندي هئي. جنهن ۾ اٽو، کنڊ ۽ گيهہ استعمال ٿيل هوندو هو. ان کان پوءِ هڪ شيءِ جنهن کي سموسو چون ٿا، جنهن ۾ قيمو پريل هوندو هو، ڏيندا هئا. ان کان پوءِ گيهہ ۾ تريل چانور آڻيندا هئا ۽ ان جي مٿان ڪڪڙ جو گوشت رکيل هوندو هو. سون، چاندي ۽ شيشي جي گلاسن ۾ مصري ۽ گلاب جو شربت پياريو ويندو هو. کاڌي کائڻ کان پوءِ فقاع پيئندا هئا جو ڏاڙهون ۽ ٻين ميون جي رس مان ناهيو ويندو هو ۽ آخر ۾ پان ۽ سوپاريون ڏنيون وينديون هيون."

سن 1354ع جڏهن ابن بطوطا واپس موٽي مراڪش پهتو تہ پنهنجي سفر جو احوال هڪ عالم ابن جزا الڪلبي کان لکرايائين. هن محقق جو خيال آهي تہ ابن بطوطا سفر نامو پاڻ لکيو مگر ابن جزا ان جو اختصار ڪيو. سفر نامي جو نالو "تحفة التطار في غرائب المصارو عجائب الابصار" آهي. جنهن ۾ سنڌ جو گهڻو احوال آهي.

البيروني تاريخ جي حوالي سان چوٿين صدي هجريءَ (ڏهين صدي عيسويءَ) ۽ پنجين صدي جي تمام گهڻن عالمن ۽ سائنسدانن، جهڙوڪ: بو علي سينا، ۽ عمر خيام وانگر ان ايراني ۽ اسلامي ثقافت جي پيداوار هو، جنهن جو ان زماني ۾ مرڪز خراسان هو. خراسان جي علمي مرڪزيت جو اثر هڪ طرف مغرب ڏانهن پوري اسلامي دنيا تي اثر انداز هو تہ ڏکڻ طرف، برصغير پاڪ ۽ هند تائين ان جو اثر ۽ فيض هو.

دنيا جي ڪيترن ڏاهن سندس علمي ڪماليت جو نهايت احترام سان اعتراض ڪيو آهي. جارج سارٽن چيو آهي تہ "بيروني اسلام جي عظيم ترين سائنسدانن مان هڪ آهي ۽ هر عالم ڪيس هر زماني جو عظيم ترين عالمن ۾ شمار ڪري چڪو آهي." ايچ. جي. جي ونٽر لکيو آهي تہ "اهي ايراني عالم يعني البيروني ايراني شاعر فردوسيءَ جو هم عصر هو، پر ان سان گڏ بيروني، هر زماني لاءِ هڪ عظيم سائنسدان آهي."

3. سندس ڪجهہ تصنيفون:

1. العيدلہ [طب تي اٺ سو ڪن دوائن بابت].
2. الآثار الباقيہ [هي ڪتاب عربن جي ايران تي حملي سبب قديم آثارن جي ٿيل تباهيءَ بابت لکيل آهي].
3. ڪتاب التفهيم [علم هندسہ تي فارسيءَ ۾]
4. القانون المسعودي [علم هيئت تي]
5. تجديد نهايت الامڪان [جاگرافيءَ تي]
6. ڪتاب الهند [هند- سنڌ تي لکيل مشهور ڪتاب]

# سيدي علي رئيس

سيدي علي رئيس بن سيدي حسين رئيس، ترڪي جو رهاڪو هو. سندس پيءُ ۽ ڏاڏو، دريائي جهاز راني جا ڪمانڊر ۽ انهيءَ فن جا استاد ۽ ماهر هئا. سيدي علي رئيس، پڻ پنهنجو اباڻو پيشو اختيار ڪري، ڪيترين دريائي جنگين ۾ بهرو ورتو ۽ مهمن ڪي منهن ڏيئي نالو ڪڍيو. رمضان 960هه ۾ هو سلطان سليمان پئي جي ملازمت ۾ حلب جي منزل تي داخل ٿيو.

سيدي علي رئيس 961هه ۾، حلب مان بصري، هڪ ٻيڙيءَ تي روانو ٿيو، جتان گهمندو ڦرندو هندستان جي سورت بندر تي پهتو. جتان گجرات آيو ۽ اتان تي ربيع الاول 962هه ۾ پارڪر پهتو ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ آيو. هو سنڌ ۽ هند ۾ ڪجهه وقت گذاري افغانستان، خراسان، فارس ۽ ذربائيجان ڪان ٿيندو 964هه ۾ بغداد پهتو ۽ بغداد ڪان قسطنطنيه آيو. اتي هو باقي ڏينهن سرڪاري نوڪري ۾ گذاري سن 980هه مطابق 1572ع ۾ گذاري ويو.

محقق سيد سليمان ندوي ۽ شمس الدين قريشي لکيو آهي ته:

سيدي علي رئيس: عثمانيه خلافت طرفان پرتگالي ٻيڙي جي مقابلي ڪرڻ لاءِ، مصري ٻيڙي جي ڪمانڊر جي حيثيت سان بصري مان پهرين شوال 961هه /9- سيپٽمبر 1554ع تي نڪتو. رستي ۾ ساموندي مشڪلاتن ۽ حادثن سان منهن ڏيندو، سورت پهتو. اتان احمد آباد آيو. ۽ پوءِ ڏهين ربيع الاول 562هه /12- فيبروري 1555ع تي پارڪر پهتو. هي ارغونن ۽ ترخانن جو دور هو. سيدي علي رئيس جي اچڻ وقت، انهن فاتحن ۽ قبضن جي وچ ۾ وڏي پٽماني تي گهرو گهوٽالو شروع هو. مرزا شاهه حسن پاڻ بيمار ۽ فالج ڪرڻ سببان معذور هو. ارغونن ۽ ترخانن سندس خلاف انهيءَ ڪري بغاوت ڪئي هئي جو هن مقامي ماڻهن ڪي اهم عهدن تي رکيو هو. شاهه حسن جو موت ۽ سلطان محمود بکري ۽ عيسيٰ ترخان جي وچ ۾ سنڌ جو ورهاڱو. سيدي علي رئيس جي موجودگيءَ ۾ ٿيو. هن ان وقت جي سياسي خواهه ادبي ماحول جو ذڪر ڪيو آهي.

هو سنڌ جي مشائخن مان شيخ عبدالوهاب پوراني، شيخ حماد جمالي، شيخ مير محمد (المتوفي 962هه) جي مقبرن تي زيارت لاءِ ويو.

سنڌو نديءَ ۾ سفر ڪندي، ڪيس مانگر مڇ مُنهن پيا، ۽ ڪناري سان ڪيترائي پيرا ببر شينهن ڏٺا. عام طور گهوڙن اُنن ذريعي سفر ڪندو هو. سميجا، ماڇي ۽ جت قبيلن سان سندس مقابلو ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ گهاٽا ٻيلا هئا، جيڪي خطري کان خالي ڪونه هئا. ان ڪري سيدي علي رئيس ريگستاني ۽ ويراني وارن رستن تان سفر ڪندو هو. هڪ لڳا، گرمي ۽ اُڃ سبب سندس ڪيترائي ساٿي ساٿ ڇڏي ويا، جنهن ڪري کين اعليٰ درجي جو آفيم کارايو ويو. انهيءَ ويراني ۾ هُن جهرڪن جيڏي ماڪڙ ڏٺي.

(2) سيدي علي رئيس، سنڌ ۽ هندستان ۾ ڪجهه وقت گذاري افغانستان، خراسان، فارس ۽ آذربائيجان کان ٿيندو 964هه /1537ع ۾ بغداد پهتو ۽ قسطنطنيه آيو. جتي سن 980هه /1572ع ۾ وفات ڪيائين.

سيدي علي رئيس، پنهنجو سفرنامو "مراة الممالڪ" جي نالي سان لکيو. جنهن ۾ سن 961هه کان 964هه تائين جي چئن سالن جي سفر جو احوال آهي. هن ڪتاب جي ٻن بابن ۾ سنڌ جو احوال آهي، جنهن ۾ ڏهين صدي هجريءَ واري سنڌ جي خبر پوي ٿي. سندس سفرنامو اهم تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. جنهن ۾ هن ڪيترائي اکين ڏٺا واقعا، جيڪي سياسي طرح وڏي اهميت رکن ٿا، لکيا آهن. سندس دؤر سنڌ جي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي وقت سان تعلق رکي ٿو. هو لکي ٿو: "اسين پارڪر جي رڻ ۾ ڏهه ڏينهن رلڻ کان پوءِ، وڳهه ڪوٽ پهتاسين، جيڪو سنڌ جو سرحدي شهر آهي. ان وقت سنڌ جي تخت تي ميرزا شاهه حسن ارغون ويٺل هو. هن چاليهه سال راڄ ڪيو ۽ گذريل 5 سالن کان فالج جي مرض ۾ مبتلا هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ، ٺٽي تي عيسيٰ ترخان، شاهه حسن جي ڪجهه لائق اميرن کي قتل ڪري خزاني تي قبضو ڪري ويٺو هو. هن نقد رقم پنهنجي ماڻهن ۾ ورهائي، پاڻ کي همايون بادشاهه جو لقب ڏيئي جمع جي خطبي ۾، پنهنجو نالو شامل ڪري نقارو وڄرايو." جڏهن سلطان محمود کي اها خبر پئي تڏهن هو ڪوڪلتاش کي وڏو لشڪر ڏيئي مير عيسيٰ جي سرڪوبي لاءِ موڪليو. مان ٺٽي ۾ سانڍ ملڻ کان پوءِ سنڌ جي مشائخن شيخ عبدالوهاب سان ملي ڪئنس

دعائون حاصل ڪيون. جمالي ۽ شيخ ميرڪ جي مقبرن جي بہ زيارت نصيب ٿي. پوءِ مان مير عيسيٰ خان سان مليم، جنهن مون کي ملاحن سميت ست جهاز ۽ هڪ خط همايون بادشاهہ لاءِ ڏنائين، جنهن ۾ پنهنجي اڻ ٽٽندڙ وفاداري جو يقين ڏيارياٺين. اسان ان ڪان پوءِ پنهنجو سفر شروع ڪيو. اسان کي درياءَ ۾ مانگر مڇ منهن پيو ۽ ڪناري سان ڪيئي ڪيهر شينهن بہ ڏناسين. واٽ تي سميجن ۽ ماڇين سان مقابلو ڪرڻو پيو. جن جي حدن مان لنگهي رهيا هئاسين. اهڙيءَ طرح اسين سيوهڻ پهتاسين. پوءِ پاٽ ۽ دربيلي وارو رستو ڏيئي بکر آياسين. اتي سلطان محمود ڪوڪلتاش سان ملي ڪيس تحفا ڏنم. سلطان، همايون بادشاهہ جي تابعداري مڃي، خطبو پڙهائڻ قبول ڪيو ۽ ميرزا عيسيٰ ترخان سان نهڻ بہ قبول ڪيو. اتان تي، اسان اُچ لاءِ روانا ٿياسين. سلطان محمود مون کي هڪ اعليٰ درجي جو گهوڙو ڏهہ اُٺ، هڪ خيمو شامياني ۽ سائبان سميت ڏنو. سفر خرچ لاءِ رقم نقد بہ ڏنائين ۽ همايون بادشاهہ جي نالي تي اطاعت جي عرضداشت ڏيئي، اڍائي سؤ سنڌي سپاهي ڏنا. جنهن صورت ۾ راجپوتن ۽ جاٽن ڌاڙيلن جو خطرو هو. ان ڪري اسان بيلي وارو رستو ڇڏي، ريگستاني ويراني راهہ سان وڃڻ مناسب ڄاتو. انهيءَ ويراني ۽ ريگستان ۾ اسان جهرڪن جيڏي ماڪڙ ڏٺي. اهڙي ريت ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ اُچ پهتاسين. اتي شيخ ابراهيم سان ملاقات ڪري دعائون حاصل ڪيم. اتان پوءِ ملتان آياسون. ملتان ۾ مون شيخ محمد راجو سان ملاقات ڪئي. پوءِ مير ميران ۽ ميرزا حسن سلطان ڪان موڪلائي اتي پهتاسين. هتان جي صوبيدار مرزا شاهہ، دهلي اجازت لاءِ لکيو. اتان اجازت ملڻ ڪان پوءِ دهلي ڏانهن روانا ٿياسون. جڏهن اسان جي پهچڻ جو اطلاع همايون بادشاهہ کي مليو، تڏهن هن خان خانان ۽ ٻين ڪيترن ئي اميرن کي ڇٽن هاٿين ۽ وڏي سپاهہ سميت استقبال لاءِ موڪليو، مون بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ٿي سلطان محمود بکري جو عرض پيش ڪيو ۽ عهدنامي ڪرڻ لاءِ ڪيس عرض ڪيو. پاڻ منهنجي گذارش قبول ڪري عهدنامو لکرايو ۽ ان تي پنهنجي شاهي مُهر هڻي سلطان محمود ڏانهن موڪليو."

اهڙي طرح سيدي علي رئيس، همايون جي مرڻ تائين دهلي ۾ رهيو ۽ ان ڪان پوءِ جڏهن اڪبراعظم، هند جو بادشاهہ ٿيو تڏهن هو لاهور آيو ۽ اتان

ڪابل ويو، جتان هو ترڪي ويو.

سيدي علي جو هي سفرنامو سنڌ جي تاريخ ۾ سياسي واقعن تي مشتمل هجڻ سان گڏ ان دور جي افراتفري ۽ ڦرلٽ جي بہ تصوير پيش ڪري ٿو. مثلاً هڪ جاءِ تي لکي ٿو: ”جيئن اسين پارڪر پهتاسين، تيئن ڌاڙيلن اسان کي گهيري ۾ آندو. مون اوٺن کي حڪم ڏنو تہ، پنهنجي مهرين کي ويهاري ڇڏين. جيئن حلقو قائم ٿئي ۽ توب هلائڻ ۾ آساني ٿئي پوءِ اسان چوڌاري باهہ وسائڻ شروع ڪئي. اها حالت ڏسي ڌاڙيلن مقابلو نہ ڪيو پر اسان کان محصول جي گهر ڪئي.“ اهڙي طرح سيدي عليءَ جو هيءُ سفرنامو، سنڌ جي عظيم محقق ۽ تاريخدان مرحوم سيد حسام الدين راشدي اشاعت جي زيور سان آراستہ ڪيو.

---

# محمود بلخي

محمود بن امير ولي سنہ 1004ھ / 1595ع ۾ بلخ ۾ ڄائو ۽ علمي تعليم بخارا ۾ ورتائين. هو هڪ ئي وقت شاعر، اديب، صوفي ۽ سياح هو. ننڍي عمر ۾ شعري جا ڇهہ ڪتاب لکيائين. تصوف ۾ سندس ڪتاب روح الطيبہ آهي. هو سنہ 1034ھ / 1624ع ۾ بلخ مان نڪتو ۽ سيلون، سوماترا، اوڙيسا کان ٿيندو آگري پهتو. آگري ۾ هڪ سال رهڻ کان پوءِ، هو بکر جي نئين فوجدار مرزا حسيني سان گڏ، سنڌ ۾ آيو. سنڌ ۾ هو ٻہ سال رهيو. پوءِ 9- محرم 1041ھ / 8- آگسٽ 1631ع ۾ واپس بلخ ويو، جتان جي حاڪم نذر محمد کيس شاهي ڪتبخاني جو منتظم مقرر ڪيو. اتي محمود هڪ ضخيم ڪتاب "بحر الاسرار في مناقب الاخبار" لکيو. جيڪو ستن جلدن ۾ هو. هن ڪتاب جي پهرئين جلد جي ٽئين حصي ۾ زمين، عنصرن، ملڪن، شهرن ۽ جبلن جو احوال ڏنل آهي. هن حصي ۾ سنڌ جي ڪجهہ شهرن جو بہ ذڪر ٿيل آهي. ڇهين جلد جي آخر ۾ ڪجهہ ترڪ قبيلن جي احوال ڏيڻ کانپوءِ، هن سنڌ جي سفر جو احوال ڏنو آهي.

محمود جڏهن سنڌ ۾ آيو، اهو سترهين صديءَ جو وچ وارو زمانو هو. هن جي سفرنامي مان ان زماني ۾ سنڌ جي سماجي حالتن، سنڌ جي وسعت ۽ انتظامي حدن ۽ ارغونن خلاف سنڌي سوڍن جي جدوجهد جو پتو پوي ٿو.

محمود لکي ٿو: "جيسلمير ۾ چوڏهن ڏينهن رهڻ کان پوءِ، ستن ڏينهن ۾ لورور پهتاسون، جيڪو بکر جي هٺ هيٺ آهي. هڪ ڏينهن اتي خوشي ۽ مزي سان گذاري ٻئي ڏينهن سنڌو درياءَ ٽپي سکر شهر ۾ اچي رهياسون. هن شهر ۾ هر ڪنهن جو مقام مقرر ٿي ويو. تڏهن سيڪو وچي پنهنجي ڪم ڪي لڳو. سکر ۾ هڪ فصل رهڻ کان پوءِ وري بکر ۾ اچي رهڻ جو حڪم ٿيو. اتي مان ڇهہ مهينا رهيس ۽ منهنجي اميدن جي سڪل پوک تي هميشہ احسان ٿيندا رهيا. اتي مان "واري جي تپ" ۾ بيمار ٿي پيس. علاج صحيح نہ هئڻ ڪري جلندر جو عارضو ٿي پيو. هيءَ مرض اٺ مهينا هليو ۽ ايترو ڪمزور ٿي ويس

جو ڇُري پُري بہ نہ پيو سگهان ان وچ ۾ حاذق حڪيم ۽ طبيب مولانا صلاح الدين سيوهاڻي جو سايو سر تي پيو، جنهن هريڙ جي رس ذريعي ڇهن ڏينهن جو علاج ڪري مون کي خوش ڪيو. ان کان پوءِ مون شهر جي واليءَ کان اجازت گهري. جنهن مون کي گنجابي پرڳڻي جو حاڪم مقرر ڪيو. مان جيئن ئي اتي پهتس، تيئن ئي شير افغان حملو ڪري گرفتار ڪيو، پر اتان آزاد ٿي پنهنجي وطن بلخ پهتس.“

محمود، سنڌ جي شهرن جو ذڪر ڪندي بکر بابت لکي ٿو: ”هيءُ شهر سنڌو درياءَ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ وانگر آهي. هن کي هڪ زبردست قلعو آهي ۽ ڪيترائي مدرسا ۽ مسجدون بہ. هيءُ سڀ پٿرن سان نهيل ۽ ڪاشي سان سينگاريل آهن. بکر کي ڪيئي تابع علائقا ۽ مضافات روهڙي ۽ سکر آهن. هيءُ ٻيئي جايون ندي جي ٻنهي پاسن واقع آهن، جنهن مان روهڙي ڪٻي ۽ سکر ساڄي طرف آهي. بکر ۾ ڪجي، ڊاک، ڏاڙهون، گدرا، ڇانهيون ۽ انب پيدا ٿين ٿا. هن شهر ڪيئي عالم ۽ سنين خوبين وارا ماڻهو پئدا ڪيا آهن. هتي جا ماڻهو شريف، حياءَ دار ۽ قناعتي آهن. هتان جا ماڻهو مهمانن، مسافرن ۽ سياحن لاءِ مهمان نواز آهن ۽ مذهبي آهن ۽ خاص ڪري روزي نماز جي پابندي ڏي مائل رهن ٿا. قلعي جي اندرين فصيل ۽ ٻاهرين پٽ جي وچ ۾ سهڻيون عمارتون ۽ باغ آهن. سنڌو درياءَ قلعي جي چوطرف وهي ٿو.“

نٽي شهر لاءِ هو لکي ٿو :”هيءُ سنڌ جي شهرن مان هڪ آهي. اهو پهرئين ولايت ۾ آهي. نٽو، ڪيچ ۽ مڪران جي پير ۾ آهي، جيڪو ايران ۽ هندستان کي ملائي ٿو. شروع ۾ هن جاءِ کي ٻيبل پوءِ ديبل ۽ پوءِ اتي جي گرم آبهوا سبب نٽو سڏيو ويو. هي هندي سمنڊ جي ڪناري تي واقع ۽ مشهور بندرگاهن مان هڪ آهي. گرم ملڪن ۾ پئدا ٿيندڙ ميوو هتي جهجهي انداز ۾ پيدا ٿئي ٿو. هن جي پرسان مهراڻ ندي وهي ٿي، جيڪا هندي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪپڙو ۽ ايران توڙي هند جون مصنوعات بہ هتي موجود آهن. هتان فارس، عراق ۽ عراق بندرن جا واپاري وڏي تعداد ۾ لنگهن ٿا. سندس اڪثر آبادي حنفي فرقي سان واسطو رکي ٿي. جيڪي زاهد ۽ روزي نماز جا پابند آهن.“

محمود سنڌ جي ٽئين شهر ملتان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”هيءُ سنڌ جي شهرن مان هڪ آهي ۽ ماضيءَ ۾ ان جو تختگاهہ هو. هتان جي ماڻهن، هند-

سنڌ ۾ سيني کان اڳ، اسلام قبول ڪيو. رسول اڪرم ﷺ جن جا ڪيئي ساٿي پڻ هت پهتا هئا. اسلام کان اڳ هت هڪ وڏو مندر هو. جنهن ۾ هڪ بت ملتان نالي هو. جنهن جي پٺيان هن شهر جو نالو رکيو ويو. مسلم فاتحن هتان لڳ جو هيڪاندو مال هٿ ڪيو. جنهن کين ايترو ته خوش ڪيو جو انهن هن شهر کي بيت المرج (خوشين جو گهر) ۽ بيت الذهب (سون جو گهر) سڏيو. هن جا ٻيا به نالا آهن. هي شهر مهراڻ جي ڪناري تي واقع آهي، هي واپاري رستو آهي؛ جيڪو اولهه خراسان، عراق ۽ ٻين ملڪن ۽ اوپر ۾ هندستان کي ملائي ٿو. سنڌ جي اڪثر جاين کان، هتي جي آبهوا سٺي آهي ۽ هتي انَ ۽ ميوو ججهي تعداد ۾ پيدا ٿئي ٿو. قديم دور ۾، ملتانين کان سواءِ هند- سنڌ جو ڪوبه ماڻهو ايران توراڻ ڏي نه ويندو هو. ان ڪري اڄ به ڪو هند سنڌ مان ٻاهر وڃي ٿو ته ملتاني سڏجي ٿو. وڏن بزرگن مان شيخ زڪريا ملتاني، ملتان سان واسطو رکندڙ هو. بزرگي سندن ورثو آهي، جيڪو به هن منصب تي ويهي ٿو، اهو خدا وارو ٿئي ٿو." سندس سفرنامو "بحرالاسرار في مناقب الاخبار" فارسي زبان ۾ ستن جلدن تي ٻڌل هو، جنهن جي پهرئين جلد جو اڌ ۽ ڇهين جلد جو اڌ وڃي بچيا آهن. انهن ڀاڱن کي ڊاڪٽر رياض الاسلام جامع انگريزي مقدمي سان ايڊٽ ڪري سال 1980ع ۾ ڇپرايو، جنهن ۾ سنڌ جي حالتن ۽ شهر جو ذڪر به آيو آهي.

مطلب ته، محمود بلخي جو هيءُ سفرنامو، سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي.

---

# نڪولس وٽنگٽن

نڪولس وٽنگٽن پهريون سياح آهي، جنهن سنڌ ۾ جيڪي ڏٺو ان کي ايمانداري سان لکيو. هو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو، جتي هن پهرئين سورت ۽ پوءِ آگري ۾ بہ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا. هو واپار جي خيال سان بمبئي ۽ سرفيج بہ ويو هو. ڪمپني طرفان هن کي آڪٽوبر 1613ع ۾ سنڌ ۾، نير جي خريداريءَ لاءِ موڪليو ويو. سندس تجارتي قافلي ۾ بہ واپاري، چار ملازم، اٺ اٺ ۽ اٺ جت هئا. وٽس تجارتي سامان بہ تمام گهڻو هو. سنڌ ۾ هو احمد آباد کان نٽي، خشڪي رستي آيو. اهو رستو ڪلال ۽ راڌنپور مان لنگهي، ڪڇ جي رڻ مان ٿيندو نٽي ڏانهن تي ويو. نڪولس آيو بہ هن رستي سان ۽ واپس بہ هن رستي سان ويو. سندس سنڌ جي سفر جو احوال "فاسٽرس ارلي ٽريولس" نالي ڪتاب مان ملي ٿو. جنهن ۾ ان دور جي سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي تاريخ سان گڏ امن امان جو بہ پتو پوي ٿو.

نڪولس لکي ٿو: "ننگرپارڪر هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، پر هت سياحن کي ضرورت جون سڀئي شيون ملن ٿيون. ريگستان جي جنهن ٽڪري مان اسين ٽپياسين اتي جهنگلي گهوڙا، ڳاڙها هرڻ، لومڙيون ۽ مختلف جهنگلي جانور تمام گهڻا هئا. هي ڳوٺ جتي اسين رهيا سين، مغل سرڪار کي ڍل ڀريندو هو. ان کان اڳ جوڻ ڳوٺ تائين نہ ڪو ڍل ڀريندو هو نہ وري ڪنهن سرڪاري عملدار کي ڪنگهندو هو. هن دور ۾ مغلن جو سنڌ ۾ ڪنٽرول بنهہ گهٽ هو. ماڻهو اڪثر پيشور چور ۽ ڌاڙيل هئا. جڏهن بہ سندن مقابلو فوج سان ٿيندو هو تہ اهي پنهنجن گهرن کي اجاڙي، جبلن ۽ ٽڪرن ۾ لڪي ويندا هئا. جيئن تہ سندن گهر، سڪل گاهہ ۽ گاري مان ٺهيل هوندا هئا ۽ ان جي شڪل ماڪيءَ جي ماناري جهڙي هوندي هئي، ان ڪري، سڙي رک ٿي ويندا هئا. اهڙن گهرن کي بيهر ناهڻ سولو هو. مسافرن جي نگراني لاءِ ڪسٽم جو انتظام سهڻو هو. هت پاڻي کارو/ٻاڙو هو، ان ڪري ان ۾ کير ۽ ماکي ملائي پيئڻو پئي پيو، پر ان مون کي بيمار ڪري وڌو."

سو ڪيائون. گهوڙا ٽڪي پيا هئا ۽ مان به پنڌ ڪان نڌال ٿي پيو هوس. پيدل پنڌ ڪرڻ جو تجربو به ڪونه هو. هر رات مان، ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ ۾ رهي، ماڻهن ڪان مدد گهرندو هوس. مون کي اهي ڳوٺاڻا ڏاڍا ڀلا لڳا. ڇهين ڏينهن اڄ ۽ بک ڪان بيحال ٿي، ننگرپارڪر پهتس. هت مون کي احمد آباد جو هڪ هندو واپاري مليو. جنهن مون کي پئسا به ڏنا ۽ منهنجن ماڻهن کي ضروري سامان ۽ ڪپڙا به وني ڏنا ۽ رهائش جو خرچ پکو به ڏنو. مان اتي چار ڏينهن رهي ٽڪ پئيو. اتان پوءِ ان واڻئي جي ماڻهن، سان راڌنپور آيس ۽ اهڙي طرح احمد آباد واپس پهتس."

نڪولس وٿنگٽن جي هن سفرنامي مان ان دور جي، جيڪو مغلن جو سونهري دور سڏجي ٿو، جنهن مان لاقانونيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. بهرحال وري به سنڌي ڳوٺاڻن جي انساني همدردي، حسن سلوڪ، مهمان نوازي ۽ پيار ۽ محبت جا تاريخي ثبوت نڪولس ضرور فراهم ڪري ٿو ۽ انهن کي ساراهي ٿو.

"اوائلي هند جا سفر" ڪتاب ۾ وليم ڊبليو فاريسٽ هن جو ذڪر ڪيو آهي. هيءَ ڪتاب آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس سال 1921ع ۾ ڇپايو. هن ڪتاب ۾ ڪجهه سياحن جو ذڪر ڪيل آهي جن سنڌ ڏني هئي.

# نڪولس منوچي

(سن 1639ع - 1717ع)

نڪولس منوچي اصل اٽليءَ جو وينل هو. هو 1639ع ۾ ڄائو. جڏهن 14 ورهين جو ٿيو، تڏهن ايشيا گهمڻ لاءِ پنهنجي ملڪ مان نڪتو ۽ سمرنا ڏانهن ويندڙ هڪ جهاز ۾ اچي چڙهيو. رستي ۾ هڪ انگريز خاندان وائڪائونٽ بيلامانٽ سان واقفيت ٿيس، جيڪو ايران اچي رهيو هو. پر ٿن سالن اندر وائڪائونٽ مري ويو، ان ڪري منوچي ايران مان بي يارومددگار هندستان ۾ آيو. اهو سن 1656ع جو زمانو هو. هن هت اچي دارا شڪوهه جي توبخاني ۾ نوڪري ڪئي، ۽ انتهائي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان دارا شڪوهه جي زندگيءَ تائين ڪم ڪيائين ۽ ڏکن سکن ۾ هو سندس خدمت ڪندو رهيو. دارا جي مرڻ کان پوءِ اورنگزيب ڪيس چڱي عهدي جي آڇ ڪئي پر هن پنهنجي مرحوم آقا جي دشمن وٽ نوڪري ڪرڻ پسند نہ ڪئي، ۽ حڪمت جو ڌنڌو شروع ڪيو. هو 1717ع ۾ وفات ڪري ويو. ان وقت سندس ملڪيت ڏهن هزارن پائونڊن جي لڳ ڀڳ هئي.

نڪولس، مغل سلطنت جي معاملن کي ويجهو ويهي ڏٺو. سندس ڪتاب اُستوريا ڊومدگو يعني "مغل هندستان 1653ع - 1708ع". انگريزيءَ ۾ 1906ع ۾ لنڊن مان، چئن جلدن ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾، سنڌ بابت مفيد معلومات ڏنل آهي. ڇو تہ نڪولس شاهجهان جي پٽن جي وچ ۾ تخت ۽ تاج لاءِ وڙهندڙ آخري جنگ ڀکر ۽ سکر ۾ ڏٺي ۽ دارا جو قافلو لنگهندو ڏٺو. سندس انداز بيان نهايت ڏکوئيندڙ، رقت آميز ۽ عبرتناڪ آهي. مثلاً جڏهن دارا شڪوهه 14 مئي 1658ع ۾ لشڪر وٺي مراد ۽ اورنگزيب سان مقابلي لاءِ نڪتو، تڏهن ڏکويل پيءُ پنهنجي پٽ کي هن طرح لکيو: "منهنجا پيارا پٽ! مان هميشہ تو کان راضي رهيو آهيان ڇو تہ تون منهنجو وڏو فرزند آهين ۽ فرمانبردار رهيو آهين. تنهنجي پيءُ کي هيءَ اميد هئي تہ آءٌ توکي امن ۽ آرام سان، پنهنجي تخت تي ويهاريندس. پر الله پاڪ جا راز، انساني سمجهہ کان ٻاهر آهن. منهنجو اصل

ارادو هو تہ. تو کي هن قلعي ۾ ڇڏي، پاڻ اورنگزيب ۽ مراد بخش، جهڙن غدارن ۽ باغين جي مقابلي لاءِ وڃان ها. جيڪي نہ منهنجا پٽ ۽ نہ تنهنجا پائر سڏجڻ جي لائق آهن. مون کي اميد هئي تہ انهن غدارن، باغين ۽ بي ايمانن جو مقابلو مان پاڻ ڪندس، پر تو منهنجي عمر ۽ خراب حالت تي رحم ڪري، پنهنجي پيءُ کي قيد مان ازاد ڪرڻ ۽ سلطنت جي سلامتي خاطر، پنهنجي جان خطري ۾ وجهي رهيو آهين. مان هن کان سواءِ بيو ڪجهہ ڪري نٿو سگهان تہ الله پاڪ تو کي وڏي عمر بخشي ۽ تون هندستان جو تاجدار بڻجين ۽ اسان جا دشمن تباهہ ٿي وڃن. آءٌ تنهنجو وجود الله پاڪ جي سپرد ڪريان ٿو. تہ هو تو کي انهن غدارن ۽ باغين تي ڪامياب ڪري."

دارا شڪوهہ پنهنجي لشڪر سان لاهور ۽ ملتان کان ٿيندو بکر پهتو، جنهن سان گڏ منوچي پڻ هو. هن بکر جي قلعي ۾ بہ هزار جوڌا ماڻهو 22 يورپي ۽ ڪجهہ نوڪر قلعي ۾ رهائي پاڻ گجرات روانو ٿي ويو. منوچي بکر ۾ رهي پيو. بکر جو احوال ڏيندي هو لکي ٿو: "بکر درياءَ سنڌ جي وچ ۾ پٿريلي دڙي تي آهي. جنهن جا پٿر توبن ۾ گولن طور ڪم اچي سگهن ٿا. قلعو 975 قدم ڊگهو ۽ 553 قدم ويڪرو آهي. وچ ۾ هڪ وڏو برج آهي، جنهن تان درياءُ جي ٻنهي ڪنارن تي نظر پئجي سگهي ٿي. بکر جي اُيرندي ڪناري تي هڪ وڏو شهر سکر آهي، جنهن کي اورنگزيب جي ڌر هٿ ڪرڻ لاءِ زور سان حملو ڪري رهي آهي. درياءَ جي اُلهندي ڪناري تي روهڙي آهي. قلعي جي اُتر ۾ هڪ ٻيٽاري آهي. جنهن جو نالو خواجہ خضر جو آستان آهي. ان آستان تي هڪ درگاهہ آهي جنهن جي مسلمان ڏاڍي عزت ڪندا آهن." اڳتي هو لکي ٿو تہ "اسان بکر جي قلعي ۾ نهايت محفوظ هئاسين ۽ اسان وٽ کاڌي جو سامان تمام گهڻو هو. ان کان سواءِ سون، رپيا، هيرن ۽ جواهرن جو بہ اڻکٽ خزانو رکيل هو. اورنگزيب جو لشڪر بہ سکر پهچي چڪو هو ۽ اسان جي سامهون خيمہ زن هو. غرض تہ سکر بکر ۽ روهڙي جا شهر انهن ڏينهن ۾ سخت هنگامي ۾ مبتلا هئا. صبح شام وقت بہ وقت توبن جا نڪاءَ ٿي رهيا هئا. قتل ۽ خونريزي جي ڪابہ ڪمي ڪانہ هئي. اورنگزيب جي لشڪر اسان جي يورپي گولہ بازن کي پنهنجي طرف ڪرڻ لاءِ نياپا موڪلڻ شروع ڪيا."

دارا جو احوال ڏيندي هو لکي ٿو تہ: "دارا گجرات مان ايران وڃڻ لاءِ سبي

ڪڪرالي جي چامن رڻ باري ڏنو هو. شروعات ۾ اهي ڌاڙيل مغليہ لشڪر کان دبيل هئا، پر پوين ڏينهن ۾، هر ڪو ڄائي ڄام هو. هر هڪ قافلي جي بچاءَ لاءِ، سؤ يا ٻن سون سپاهين جي ضرورت پوندي هئي. لاهري بندر کي ڇڏڻ کان سورهن ميلن جي مفاصلي تي پهچڻ کان پوءِ، لاتعداد مڪراني ڌاڙيلن اسان جي قافلي کي اچي گهيرو ڪيو، جنهن ۾ 15 سؤ اُٺ زالن ۽ ٻارن سميت هئا ۽ ٻہ سؤ سوار هئا. منهنجن خلاصين وٽ بندوقون هيون. هڪڙي خلاصي بندوق سان ٻہ ڌاڙيل ماري وڌا. اهڙي روبڪاري ڏسي، ڌاڙيل همت هاري وينا ۽ قافلو سلامتيءَ سان، هڪ سراءِ ۾ پهتو. جنهن کي "ڏڱاڻ" جو ڳوٺ چئبو هو. جتي توريون جهوپڙيون، مالدارن جون هيون جيڪي مسافرن کي ڪڪڙ، رڍون ۽ ٻڪريون وڪڻندا هئا. ڪي غريب هئا جيڪي انگريزن جي "قلمي شوري" صاف ڪرڻ واري ڪارخاني ۾ نوڪر هئا. ٺٽي ۽ لاهري بندر ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلا، رات جو هن سراءِ ۾ گذاريندا هئا ۽ سج لٿي مهل سراءِ جا دروازا بند ڪيا ويندا هئا ۽ صبح جو کلندا هئا. جيڪڏهن اندر ڪا چوري ٿيندي هئي تہ تيسين در نہ کلندو هو. جيسين چوري ٿيل مال، چور مالڪ کي موٽائي نہ ڏيندو هو. انهن سرائن ۾، هزار کان مٿي ماڻهو جانور، اُٺ، گهوڙا، ڳاڏين سميت سمائجي سگهندا هئا."

هئملٽن لاهري بندر لاءِ لکي ٿو تہ: "ان زماني ۾ لاهري بندر ۾، هڪ سؤ ڪاٺ ۽ مٽي جا جڙيل گهر هئا. شهر جي وچ ۾ هڪڙو پٿر جو قلعو هو، جنهن تي بلوچن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ توبون رکيل هيون. ٺٽو، لاهري بندر کان چاليهہ ميل پري هو." ٺٽي شهر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "هيءُ شهر ملڪ جي مارڪيٽ آهي ۽ تمام وڏو ۽ آسودو شهر آهي. اٽڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ٽي ميل ويڪرو آهي. هيءُ شهر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ٺٽو مذهبيات، علم لغت ۽ علم سياست جي ڪري ساري دنيا ۾ مشهور آهي. منجهس چار سؤ کان ٻہ مٿي ڪاليج آهن، جن ۾ نوجوانن کي انهن علمن جي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي ٿي. ٺٽي ۾ هڪڙو قلعو آهي، جنهن ۾ نواب جو محل آهي، جنهن ۾ پنج هزار لشڪر ٻہ رهندو آهي. قلعي جي پر ۾ سوار فوجن جي گهوڙن لاءِ ڪوهہ نهيل هئي. هڪ دفعي مهراڻ جي ڊيلٽا تي، بلوچي ڌاڙيلن سان، مقابلي ڪرڻ لاءِ ٺٽي جو نواب ڏهہ هزار لشڪر وٺي نڪتو هو.

عام رهواسين سان اهڙيءَ طرح رليو مليو وڃن جو ڳتب ۽ تخمينن کي ٿي منجهايو غلط ڪريو ڇڏين. حڪومت جي گهٽي ظلم ۽ هر قسم جي مزدورن ۽ ڪاسبين جي دلشڪني جي ڪري. گذرن جي ذريعن جي نسبت سنڌ جي ادمشماري ڇڊيري آهي.“ هو لکي ٿو تہ: ”سنڌ جي فوجي طاقت اٽڪل چاليهہ هزار آهي. عام شوق ۽ جوش جذبي وارن ڏينهن ۾. انگ ان کان گهڻو هوندو آهي.“ هو لکي ٿو تہ ”ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وچ وارن ڳوٺن ۾ چوپايو مال، گيهہ ۽ کير جججهو ملي ٿو.“

ناٿن ڪرو جي سياسي خيالات جي عڪاسي هيٺين تحرير مان ملي سگهي ٿي. هو لکي ٿو تہ ”سنڌ ۾ انگريزن جي موجودگي ڪري افغانستان جي بادشاهہ زمان شاهہ جو سمورو ڌيان سنڌ ڏانهن ڇڪيل رهندو آهي. سنڌ هڪ اسلامي رياست آهي، جنهن سان دوستي رکڻ ڪري. اسين اساني سان قنڌار تي فوج ڪشي ڪري سگهنداسون. افغان بادشاهہ سان جيڪڏهن ٽالپرن جي جنگ لڳندي تہ اسين هر حال ۾ فائديمند رهنداسون ۽ سنڌ ۾ قيام ڪرڻ ڪري اسين وچ ايشيا جا حالات معلوم ڪري سگهنداسون. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”جيڪڏهن انگريز سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ چاهين تہ کين پهريائين ڪراچي کان 10 ميلن جي فاصلي تي گسري (گذري) وٽ فوجون لاهڻ گهرجن. هت ڪاري جي ڏکڻ اوپرندي پريان وڏا جهاز، لنگر انداز ٿين ٿا. ڪناري وٽ فوجون لاهڻ گهرجن ۽ حفاظت لاءِ، مختصر توبخانا رکڻ جي ضرورت پوندي. ڪراچي ۾ سستائي آهي. هتي چوپايو مال ۽ گيهہ جام ملي ٿو. ڪراچي کان ٺٽي تائين، سڌو سنئون رستو وڃي ٿو، جنهن تان، آساني سان توبخانو لنگهي سگهندو. درياءَ رستي بہ ٺٽي پهچي سگهبو. سنڌو ندي جي ٻيڙين تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ. حيدرآباد جو قلعو ڪناري کان فقط ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. رستي تي فقط هي تڪليف جو هر وقت بلوچي لشڪر تيار بيٺل رهي ٿو. ٺٽي ۽ حيدرآباد وچ ۾ جهرڪن جو شهر آهي. هت اناج، چوپايومال ۽ گيهہ جام ملي ٿو. ڪراچي ۾ قبضو ڄمائڻ هر حال ۾ بهتر ٿيندو“ هو هتي جا جوکيا ۽ نومڙيا (نهمڙيا) ٽالپرن جي خلاف آهن. سندن چوڻ آهي تہ سندن زمين تي ٽالپرن قبضو ڄمايو آهي. جيڪڏهن اسان مٿن هٿڙو گهمائينداسون تہ حيدرآباد پهچڻ تائين هر اسان جا معاون ۽ مددگار ٿيندا. جيڪڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي

پوين مان کو سنڌ لاءِ حقدار ڪڙو ڪنداسون، تہ پوءِ ٽالپر سنڌ مان تڙجي ويندا."

انگريز واپارين جا ارادا افغانستان جي حڪمرانن نيڪ نتي جا نہ، ان ڪري هنن سنڌ جي شهدادائي ٽالپرن حڪومت کي لکيو تہ "سنڌ مان انگريزن کي نيڪالي ڏني وڃي." اُن وقت تائين "ناٿن ڪرو" کي سنڌ ۾ آئي مس هڪ سال ٿيو هو. جو سنڌ جي حاڪم مير فتح علي خان کيس 15 ڏينهن اندر سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو. هو 29 آڪٽوبر 1800ع تي ٺٽي مان نڪري وڃي بمبئي پهتو. جتي هن "ايسٽ انڊيا ڪمپني سرڪار کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ لکيو، ڇو تہ هن سمجهيو ٿي تہ سنڌ تي قبضي ڪان پوءِ افغانستان جي حڪومت کي غير مستحڪم ڪرڻ سولو ٿي پوندو.

بهرحال ناٿن ڪرو، سنڌ جو اهو سياح آهي جنهن کي مشهور تاريخدان جناب ڊاڪٽر مبارڪ علي برطانيا جي انهن سياحن مان ڳڻي ٿو جيڪي هت بحيثيت سفارتڪار جاسوس ٿي آيا. سندس معلومات اُن دور جي سياسي تاريخ جو اَملهہ خزانو آهي.

تائين، بنهي ڪنارن واري علائقي کي سائو ۽ آباد ڪري ٿو. جنهن ڪري پوءِ ان جي هڪ ڪناري تي زمين جو متاڃرو وارياسو ريگستان ٿيو پوي ۽ بيو ڪنارو غير آباد ۽ خشڪ ٽڪرن سان پرجيو وڃي، جيڪي سنڌن زمين توڙي آب و هوا بنهي جي لحاظ کان نهايت غير مهمان نواز آهن." هو وڌيڪ لکي ٿو ته: "هن صوبي جي قدرتي بيهڪ جيڪا هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي مقبوضه علائقن جي اُلهندي طرف تي آهي ۽ اها عظيم رڪاوٽ، جيڪ ان جي درياءَ انهيءَ طرف کان ايندڙ ڪنهن به حملي آور جي اڳڀو پيش ڪندو. جيڪا ڳالهه انهن سهوليتن سان گڏجي جيڪي انهيءَ رڪاوٽ طرفان اسان کي، سمنڊ جي مالڪ هئڻ جي حيثيت ۾، هندستان ڏانهن پيشقدمي ڪندڙ، ڪنهن به دشمن جي ڪاروان کي منهن ڏيڻ لاءِ مهيا ڪندي، سي سڀ گڏجي، هميشه سنڌ کي وسيع سياسي اهميت جو علائقو بنائين ٿيون."

سر هينري پاٽنجر سنڌ جي شهرن مان ڪراچي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "هيءُ شهر سنڌ جي انتهائي ڏکڻ اولهندي ڪنڌ تي ويڪرائي ڦاڪ 52. 24 ۽ ڊگهائي ڦاڪ 17.67 ڊگرين وٽ بيٺل آهي ۽ گذريل ڪجهه سالن کان وٺي. سنڌ جي مکيه ساموندي بندرگاهه جو درجو حاصل ڪيو آهي. سن 1809ع ۾ ڪراچي مان وصول ٿيل ۽ سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايل ڪل آمدني نوانوي هزار رپيا ساليانه هئي. هاڻي اها آمدني وڌي هڪ لک 23 هزار رپيا تي آهي. انهي ڳالهه مان معلوم ٿئي ٿو، ته هيءُ شهر مستقل طور سڌري رهيو آهي ۽ ان جو خاص سبب، هن بندر جي جاگرافيائي بيهڪ مان حاصل ٿيندڙ، اهي فائدا آهن، جيڪي ان کي هندستان ۽ ڪابل جي بادشاهه جي سيني علائقن سان گڏوگڏ، ايران، خراسان، بلخ، بخارا وغيره جي عين وچ ۾ هئڻ ڪري حاصل ٿي رهيا آهن." نئي لاءِ هو لکي ٿو: "نئو جڏهن گادي جو هنڌ بنيو، تڏهن اهو شهر جلد ئي ايشيا جي انتهائي دولتمند ۽ خوشحال شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو ۽ انهيءَ سڄي وڻج واپار جو مرڪز ٿي پيو، جيڪو هندستان واري اڀيٽ ۽ ايشيا کنڊ جي انهيءَ حصي جي درميان هلندو هو، جيڪو ان جي اُترئين ۽ اُلهندي طرفن ۾ هلندو هو. انهن شهزادن شهر کي خوبصورت عمارتن جي تعمير ۽ دلپسند سهڻن باغيچن قائم ڪرڻ ذريعي شاندار بنائڻ ۾، پئسي ۽ محنت جي خرچ ڪرڻ ۾ ڪوبه بخل ڪونه ڪيو. ساڳئي وقت تي، هنن سنڌو نديءَ مان، جيڪا

سونهن ڀهاڪي چڙهيل آهي ۽ اهي واقعي آهن بہ. انهيءَ تعريف لائق. مردن جي پوشاڪ ڍلو ڍالو پهراڻ، مُرن وٽ جهل هٽندڙ شلوار ۽ چورسين اڳڙين کي ڳنڍي ناهيل پاڪيڙي جي لسي ٽوپي تي مشتمل آهي. جنهن جي شڪل انگريزي ٽوپلي جي مٿئين حصي وانگر آهي ۽ انهن کي هيٺين ڪناري وٽ، خوبصورت ريشمي يا زري جي گلن ۽ بوٽن سان سينگاريو ويجي ٿو. مردن جي پوشاڪ ۾ خاص ڳالهہ پٽڪو آهي. سنڌ جي وڏن ماڻهن طرفان جنهن غير معمولي ماپ جا پٽڪا ٻڌا وڃن ٿا تن جو تصور هن حقيقت مان قائم ڪري سگهجي ٿو تہ انهن مان ڪي جنهن چاري جهڙي ڪپڙي جا پٽڪا ٻڌندا آهن، سي ڏيگهہ ۾ اسي فوٽن کان بہ مٿي هوندا آهن. عام طرح سان ان جي ويڪرائي اٺن کان وٺي ٻارهن انچن تائين هوندي آهي. زالن جو لباس، مرداڻي ويس ٽوپي ۽ پٽڪي کان سواءِ ذري گهٽ ساڳيو آهي. ان کان سواءِ هو ٻاهرئين لباس جي هيٺان ريشمي چولي پائين ٿيون، جيڪا سندن بدن تي پوري طرح سان لڳي بيهي ٿي ۽ پٺئين طرف کان ٻڌي مضبوط ڪجي ٿي ۽ جڏهن ٻاهر نڪرن ٿيون، تڏهن ساڙهي يا وڏي چادر بدن کي ويڙهين ٿيون ۽ جڏهن بہ اهي ڪنهن، نامحرم جي منهن چڙهن ٿيون تہ انهيءَ چادر جي هڪ ڪناري کي پنيان کان مٿي تان ورائي منهن تي پردي وجهڻ جو ڪم وٺن ٿيون."

اهڙي طرح ڪئپٽن سر هينري پاٽنجر جو هيءُ سفرنامو سنڌ جي تاريخ ۽ سياست جو اعليٰ دستاويز آهي.

---

# اليگزينڊر برنس

سر اليگزينڊر برنس 14- مئي 1805ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄائو. 16 سالن جي عمر ۾، 'ايسٽ انڊيا ڪمپني' جي ملازمت ۾ داخل ٿيو ۽ اهڙي طرح سن 1823ع ۾ ڪيس سورت بندر موڪليو ويو ۽ سن 1825ع ۾ سنڌ جي علائقي ڪڇ ۾ آيو. 1830ع ۾ راجا رنجيت سنگهه جي دربار ۾ پنجاب ويو. 1832ع ۾، ڪيس حڪومت هند جي سفارش تي، سنڌ جي اراضي جي مطالعي ۽ تحقيقات تي مامور ڪيو ويو. برٽش شمالي هندستان، افغانستان، بخارا ۽ ايران جي سياحت تفصيل سان ڪيائين. سنڌ کي تہ پنهنجو گهر ڪري ڇڏيائين. هتان هُتان گهميو سنڌ ۾ موٽي ايندو هو. سنڌ جي اميرن سان، مهراڻ جي تفصيلي سروي لاءِ، حيدرآباد ۾ مذاڪرات ڪيائين. سن 1836ع ۾ تجارتي وفد جو سربراهه ٿي روس جي اندروني حالتن کي پرکڻ لاءِ پڻ ويو 1841ع تائين ڪابل ۾ انگريزن جي سياسي نمائندي جي حيثيت ۾ رهيو. سندس ٽي ڪتاب مشهور آهن. جيڪي آهن "بخارا جو سفر" سن 1828ع، ٻيو "سنڌ جو سفر" سن 1832ع ۽ ٽيون "معمائرس آف ڪابل" 1824ع، سندس ڪتاب "اي وواٿج ٽو انڊس"، (سنڌ جو سفر) سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي تي لکيل آهي.

سر اليگزينڊر بنيادي طور بيوروڪريٽ ۽ سياستدان هو. سنڌ ۾ سندس سيرو سفر جو مقصد صرف سياست هئي. ان ڪري سندس سرڪردگي ۾ جيڪو وفد سنڌ ۾ آيو سو ظاهري طرح تہ سنڌ جي سرزمين ۽ دريائي واپار جي تحقيقات لاءِ آيو پر اصل ۾ سندن مقصد اهو هو، تہ ڪابل ۽ خراسان ڇي رستن جو فوجي نقطئہ نگاهہ کان جائزو ورتو وڃي. ان کان سواءِ اليگزينڊر برنس سنڌو درياءَ رستي پنجاب جي حڪمران رنجيت سنگهہ ڏانهن گهوڙا وٺي ويو، پر اصل ۾ سنڌو رستي فوجن جي نقل و حمل جو جائزو ورتو. ان ڪري ٿي سنڌ جي هڪ سياڻي چيو هو: "افسوس، اڄ فرنگين سنڌو درياءَ ڏٺو. هاڻي سنڌ، سنڌين جي هٿن مان ويئي."

اليگزينڊر برنس لکي ٿو: "اسان سکر کان درياءَ اُڪري سکر کان ٿيندا شڪارپور پهتاسون. شڪارپور سنڌ جو تاريخي شهر آهي. جنهن کي "نولکي سنڌ" سڏيو وڃي ٿو. شڪارپور جو بنياد سن 1026ھ مطابق 1617ع پيو آهي. سنڌو ندي جي ساڄي پاسي شڪارپور ضلع ۾، مسلمان دائودپوٽن جو هڪ قبيلو آهي. جنهن کي اورنگزيب جي شروعاتي دور ۾، حڪمراني مليل آهي. هتي جي آدم شماري ٽيهه هزار آهي. هندن ۾ واڻيا، ڀاٽيا ۽ لوهاڻا قبيلي جا آهن ۽ بابا نانڪ پنٿي سک اڌ کان به وڌيڪ آهن. هڪ ڀاڱي ڏهه آدم مسلمان آهن، جن کي زمين پٽي تي مليل آهي. اهي شڪارپور جي آسپاس ۾ رهن ٿا. اهي زمينون کين دراني حڪومت جي وقت ۾ مليل آهن. اهو شڪارپور جي ترقي بابت لکي ٿو: "شڪارپور جي آسودگي سن 1715ع کان شروع ٿي. اها هن ريت ته قنڌار جي حاڪم تيمور شاهه، هندن کي حفاظت جو يقين ڏياريو ۽ انجام ڪيائين ته جيڪڏهن هو پنهنجي واپار ۾ رڌل رهندا، ته هنن تي ڪنهن به قسم جو ظلم نه ٿيندو. ان ڪري شڪارپور ۾ ڪامياب ترين بئنڪر يا صراف پئدا ٿيا ۽ هن شهر ۾، ان وقت وڏيون بئنڪون يا ڏيتي ليتي جا ادارا هئا جن جا گماشتا سيني مشهور شهرن جهڙوڪ اولهه ۾ اشرخان يعني ڪئسپئن سمنڊ جو ڪنارو، اوڀر ۾ ڪلڪتو ۽ ڏکڻ ۾ حيدرآباد دکن هوندا هئا. وڏي واپار لاءِ اهي جوڙيون پئدا ڪندا هئا ۽ سندن هنديون هر هنڌ هلنديون هيون." هو وڌيڪ لکي ٿو: "شڪارپور ۾ تمام سهانگائي آهي. سنڌ جي ٻين شهرن کان هتي شيون سنيون، گهٽيون ۽ سستيون آهن. هتان جي بازار ۾ 884 دڪان، جدا جدا شين جا آهن. شڪارپور جو واپار مسقط، بندر عباس، مشهد، بخارا، سمرقند، قوقند، قندوز، استرخان، قنڌار، سبزوار، غزني، ڪابل، همدان، يزد، پشاور، ڊيره غازي خان، ڊيره اسماعيل خان، بکر، اُچ، بهاولپور، ملتان، جئپور، جوڌپور، جيسلمير، بمبئي، ڪلڪتو، امرتسر، مانڊوي، حيدرآباد سنڌ سان ڳنڍيل هو."

هو لکي ٿو: "اسان شڪارپور ۾ ڏاڍي آرام سان ڏهه ڏينهن رهياسون. هت ان وقت حيدرآباد ۽ ميرپور جي ميرن جي گڏيل حڪومت هئي. هندو واپارين کان اسان کي ايران، هرات ۽ قنڌار جي ڪاهن جون خفيه خبرون مليون. نواب بهاولپور ۽ پنجاب جي سکن جون اکيون شڪارپور تي آهن." سنڌ جي

تجارتي مال جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "سنڌ جي مال جو دهلي جي شهنشاهن جي دور ۾. گهڻو مانَ هوندو هو. جڏهن سنڌ ۾ نادر شاهه داخل ٿيو، ان وقت سنڌ جو واپار عروج تي هو." اليگزينڊر برنس جي آمد وقت سنڌ ۾ ننڍي پئماني تي صنعتي تنظيم هئي. ڪاريگر يا ته پنهنجي ليکي ڪم ڪندو هو يا ته اڳواٽ مليل آرڊر تي مال تيار ڪري ڏيندو هو برنس سنڌ جي انهيءَ صنعتي تنظيم بابت لکي ٿو ته: "هتي ڪم وڏين فيڪٽرين يا ڪارخانن ۾ ڪونه ٿو ٿئي، پر خانگي جڳهين تي ٿئي ٿو. جتي ٿورا ٿورا ماڻهو ٿوري ايراضيءَ ۾، جتي هڪ ڪمري ۾ ٽي ٽي اڏاڻ لڳل آهن. ڪم ڪرڻ جو طريقو به انگلنڊ جي طريقي کان مختلف نه آهي ۽ نڙو به ساڳيو ئي ڪتب اچي ٿو." برنس سنڌ جي تجارت ۽ آمدني ۽ روانگي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "سن 1838ع ۾ ڪراچي ۾ ڪيل درامدي واپار 16 لکن رپين جو هو جن مان سُٽ جي درآمد ڪي ڇڏيندي رڱو انگريزي سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙو اٽڪل 6 لکن رپين جو هو ۽ حيدرآباد جي 4 لک ويهه هزار رپين جي، ڪل درامدي واپار مان اهي شيون، اٽڪل هڪ لک اسي هزار رپين جون گهرايون ويون هيون. شڪارپور ۾ البت باهران ايندڙ ڪپڙي جو ڪاپو گهٽ هو. هتان جو ڪل درآمدي واپار به لک، ايڪويهه هزار رپين جو هو. جن ۾ انگلينڊ کان گهرايل سموري مال جو ٽيهه هزار رپيا مس هو ۽ ان ۾ به ڪيترن ئي وڙن مان ڪپڙو به هڪ وڙ هو. ٽئي ۾، نهندڙ شين مان گهڻي ۾ گهڻو حصو، سنڌ ۾ ئي کپي ٿو. هتي نهندڙ سفيد سوٽي ڪپڙي کان انگريزي نهيل ڪپڙو سستو هجڻ ڪري گوءِ کٽي ويو هو." اليگزينڊر برنس سنڌ جي آدمشماري بابت لکي ٿو: "ان وقت سنڌ جي شهري آبادي ٻن لکن جي لڳ ڀڳ هئي."

اليگزينڊر برنس، جيتوڻيڪ سنڌ ۾، سياست جي خيال سان آيو، پر سندس ڪتابن ۾ سنڌ بابت تمام سٺي معلومات گڏ ڪيل آهي، جيڪا ان دور جي معيشت، تاريخ ۽ سياست بابت اسان کي بنيادي مواد فراهم ڪري ٿي ۽ اهڙي طرح ان کي سامهون رکي، اسان سنڌ جي تاريخ کي نئين ترتيب ۽ انداز سان لکي سگهون ٿا.

# ڊاڪٽر جيمس برنس

ڊاڪٽر جيمس برنس، اسڪاٽليند جو رهاڪو هو. هندستان ۾ هو فوج ۾ ڊاڪٽر مقرر ٿي آيو ۽ سندس هيڊڪوارٽر بمبئي ۾ هو. هو پنهنجي فن ۾ مهارت رکندڙ هو. طب کان سواءِ ادب ۽ انشاءِ پردازيءَ ۾ بہ چڱو مقام هوس. سن 1827ع ۾، سنڌ جو حاڪم مير مراد علي خان بيمار ٿي پيو ۽ حاڪمن سندس علاج لاءِ، ڊاڪٽر جيمس برنس کي گهرايو. ساڻس پوني جي فوج جا ڪي سپاهي، ڪي بحري فوجي عملدار ۽ هڪڙو دستو. ڪڇ جي راءِ جي فوج جو بہ ساڻس گڏ آيو. هو سنڌ ۾ ٽي مهينا رهيو ۽ سندس علاج سان مير مراد علي چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويو.

جيمس برنس جيڪو عرصو سنڌ ۾ رهيو. اهو هن سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي غور سان جائزي وٺڻ ۾ گذاريو. ان وقت انگريزن جون سنڌ ۾ لالچي نگاهون هيون ۽ ان کي هڙپ ڪرڻ کان اڳ، سنڌ بابت هر قسم جي معلومات گهربل هئي. ان ڪري جيمس برنس، سنڌ بابت هڪ خاص ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ميرن جي اندروني حالتن، سنڌ جي طبعي حالتن سان گڏ ڪڇ جو بہ تفصيل سان ذڪر ڪيو. سنڌو ندي جي مختلف وهڪرن تي بہ هن تبصرو ڪيو. هي ڪتاب پهريون دفعو سن 1831ع ۾ "اي نئريٽو آف اي وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ: اي اسڪيچ آف دي هسٽري آف ڪڇ" جي نالي سان انگلنڊ مان ڇپيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو سن 1964ع ۾ جناب حنيف صديقي ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو.

جيمس برنس، سنڌ جي ڳوٺن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "سنڌو ندي جي هن پروارا سنڌ جا ڳوٺ ڪڇ جي ڳوٺن کان سادا نهيل آهن. انهن ۾ ڪيڇ جهڙا پڪا پٽر جا، سهڻا ۽ آسائشي گهر ڪونہ آهن. ڳوٺن ۾ گهڻو ڪري مٽي ۽ ڪکن جون جهوپڙيون آهن. مسجدون گهٽيون ئي آهن. پر اهي بہ سادگي نموني جون ڪچيون، فقط ٽوريون، مٽي هونديون آهن ۽ ڪجهہ گلڪاري بہ ٿيل هوندي اٿن، جنهن مان سجائي سگهبيون آهن. صوبي جا گهڻا ماڻهو، پنهنجن

ٻنين تي، ڪڪاٿين ڀڪن ۾ رهندا آهن. جتي هو ٻوڪي راهي ڪندا آهن. اڪثر ڳوٺن کي نالو ڪوٺ ٿئي. اهي پنهنجن مالڪن جي نالن پٺيان سڏبا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته، ضرورت جي وقت جڏهن ان ۽ مال جي گاهه جي تنگي هوندي اهي، ته سڄي ڳوٺن جا ماڻهو، گهر ڀتي رڃي ٻئي هنڌ لڏي رهندا آهن.

سنڌ جي دربار جو منظر پيش ڪندي ڊاڪٽر جيمس برنس لکي ٿو: "مان قلعي ۾ ڪيترين سوڙهين ڳلين مان، جن ۾ فقط دربار جا خاص خدمتگار هئا. لنگهي اوچتو هڪ وڏي کليل اڱڻ ۾ پهتس، جتي ڪيترا سهڻي پوشاڪ وارا، سنڌي بيٺا هئا. اڱڻ جي ٻنهي پاسن کان پٿين تي نقاشي ٿيل هئي ۽ پٽ تي گونا گون، غاليچا وڇايل هئا. هڪ ڇيڙي تي، ٽن محرابن سان در هئا، جن کي سائي ڪپڙي جا پردا ڏنل هئا. مون کي انهن مان هڪڙي در ڏانهن، وزير ۽ عملدار وٺي هليا. مان جيستائين پاڻ سنڀاليان تنهن کان اڳ، منهنجي جُتي لاٿي وئي ۽ مان ميرن جي حضور ۾ بيٺو هوس. مون کي هڪئي وقت ۾ ساري شاهي خاندان کي ڏسڻ جو موقعو مليو. مون اهڙو شاندار منظر اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. اهو منظر ننڊي هوندي، جيڪي اسان مشرقي تجمل جا خياليءَ پلاءَ پچائيندا هئاسين، انهن سان هوبهو ٺهڪي ٿي آيو. ميرن کي خوشنما پوشاڪون پهريل هيون ۽ هو هڪ اونچي ڪمري جي ڇيڙي ۾، اڌ گول جي شڪل ۾ ويٺا هئا. ڪمرو ايراني غاليچن سان سينگاريل هو. ٻه وڏا مير وچ ۾ مسند تي ريٺل هئا. مَسند اڇي رنگ جي ولائتي ريشمي ڪپڙي جي پوش سان، هڪ ٿلهي گدي هئي، جنهن تي پٽ ۽ زري جو، سهڻو ڀرت ڀريل هو. ان جون ڪندون، ٽئين ٿلهن، گول، سونن جهاٻن سان ٻڌل هيون. ان جي پٺيان، هڪ ڀرت ڀريل بخمل جو طول وهاڻو رکيو هو. مطلب ته مسند نهايت شاندار پئي لڳي. مير صاحب جي ٻنهي پاسن کان سنڌن خاندان جا پاتي يعني پائيٽا مير صوبيدار خان، مير محمد خان، مير مراد علي خان جا پٽ مير نور محمد ۽ نصير خان ويٺا هئا. انهن کان پرڀرو سنڌن چاچو مير محمود خان ۽ هن جا پٽ احمد خان ۽ جهان خان هئا. سفيد پوش خدمتگار، شهزادن جي پٺيان تلوارن ۽ ڍالن سان بيٺا هئا. هڪڙو يورپي ماڻهو، جنهن اڳي اهڙي اعليٰ ڏيهي تهذيب جو مظاهرو ڪونه ڏٺو هو. تنهن لاءِ هنن ماڻهن جي پوشاڪ جي نفاست ۽ صفائي نهايت دلڪش هئي. هتي رنگين نپين ۽ قدمچي رنگ جي نمائش ڪانه هئي ۽ نه وري تجمل ۽ غلاظت جي آميزش هئي،

جا اڪثر هندو راجائن جي دربارين ۾ نظر ايندي آهي. مگر هتي اهڙي سادگي ۽ لطافت هئي، جو اهڙي مون ڪٿي ڪانه ڏٺي هئي. ميرن ۽ سنڌن خدمتگارن کي تقريباً هڪجهڙا ڪپڙا پيل هئا، يعني اڇي رنگ جي سنهي ململ جا صفائي سان ٺهيل ۽ چٽيل انگرکا، ريشم ۽ زري جا ڪمر بند، سوڙهن پاچن سان ريشمي ترڪي شلوارون ۽ ڪيمخاب يا پريل بخمل جون سنڌي ٽوپيون. انهن ڪانسواءِ هر هڪ شهزادي جي پانهن تي اڪثر سفيد رنگ جي نهايت خوبصورت ڪشميري شالن جو جوڙو، ڪمربند، هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل ايراني خنجر هئا، جن سندن پوشاڪ ۽ آرائش مڪمل ٿي ڪئي."

سنڌ جي خوشحالي جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "قدرت ان کي، سنڌو ندي جهڙي پائدار ۽ مستقل نعمت عطا ڪئي آهي جا واپار ۽ زراعت جو هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن کي ظلم به بند نٿو ڪري سگهي. ان جي ڪري ڪڙمي نه فقط پنهنجون ٻنيون ٿوري خرچ ۽ تڪليف سان آباد ڪري سگهي ٿو پر هو پوري وقت تي چڱي فصل جي اميد به رکي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن سندس خواهش هجي ته پنهنجي محنت جو سئو سڦلو ڦل آساني سان نفعي تي ٻين ملڪن ۾ موڪلي سگهي ٿو. حاڪمن جي مخالفت هوندي به زمين جي زرخيزي ڪري سنڌ ۾ مزدوري ۽ ڪاڌي پيتي جون شيون ڪيچ ڪان سستيون آهن. ڪيچ جا ماڻهو هميشه جنگن جي وقت ۾ پيٽ قوت ۽ گذران لاءِ سنڌ ڏانهن ويندا آهن. تنهنڪري هن ملڪ ۾ ماڻهو سُکيا ۽ ستابا نظر ايندا آهن. جا ڳالهه ڏسي انهن ماڻهن کي تعجب لڳندو آهي جي سمورين حقيقتن تي ويچار نه ڪندا آهن. مطلب ته ڊاڪٽر برنس جو هي سفرنامو سنڌ جي دربار ميرن جي اُٿڻي ويهڻي ۽ سياسي هلت چلت سان گڏ سنڌ جي تاريخ جا نمايان پهلو به بيان ڪري ٿو.

سندس هڪ ڪتاب "Memoirs of Sir Alexandar Burns" سال 1851 ۾ لنڊن مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جڏهن ته سندس ٻيو ڪتاب A narrative of a visit of court of Sindh: A sketch of History of Kutch. جو حصو سنڌيءَ ۾ ترجمو "سنڌ جي دربار" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي.

# چارلس مئسن

چارلس مئسن هڪ انگريز سياح هو، جنهن جو اصلي نالو "جيمس لوئس" هو. هو لنډن جي هڪ وڏي واپاري جو پٽ هو. هو يوناني، لاطيني ۽ فرينچ ٻولين جو ماهر هو. چارلس مئسن سياحت جي خيال کان، هندستان آيو ۽ پهرئين سن 1822ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ نوڪر ٿي بنگال پهتو. پرپوءِ اها نوڪري ڇڏي، قلندري فقيرن جي لباس ۾ سن 1827ع ۾ سنڌ، هند ۽ افغانستان جي سير تي نڪتو. پهرئين سفر ۾ هو قنڌر کان بولان لڪ لنگهي ڪوئيٽا آيو ۽ اتان شڪارپور کان سکر آيو. درياءَ ٽپي روهڙي کان ٿيندو، خيرپور آيو، جتي مهينو رهيو. ان کان پوءِ لاهور هليو ويو. ٻئي ڀيري لاهور کان ڪراچي ۽ سکر آيو. پوءِ لاڙڪاڻي کان ٿيندو حيدرآباد آيو، حيدرآباد کان ٺٽي ويو. ٺٽي کان ڪراچي پهتو. ڪراچي کان بصره ويو ۽ ايران جا ڪيترائي شهر جهڙوڪ: شيراز، اصفهان، تهران ۽ تبريز گهميو. آخر بغداد مان ٿي، بندر عباس مان ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪراچي آيو. اتان سون مياڻي، قلات ۽ ڪوئيٽا ويو. هن ڪي اهم دستاويز ۽ سڪ "ايسٽ انڊيا ڪمپني" کي پيش ڪيا. ڪمپني، سندس خدمتن جو قدر ڪندي، هن لاءِ ساليانو پنج سؤ پائونډ وظيفو مقرر ڪيو. چارلس مئسن سن 1853ع ۾ وفات ڪئي. مئسن جي سفرنامي جا ٻه ڀاڱا آهن پهريون ڀاڱو 1816ع کان 1838ع تائين ۽ ٻيو ڀاڱو 1842ع کان 1843ع تائين آهي، هن ڪتاب مان پنجاب، سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ افغانستان جي ان زماني جا حالات معلوم ٿي سگهن ٿا.

مئسن جي زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏاڍيلن ٻاهه ٻاري ڏني هئي. مئسن پنهنجي سفرنامي ۾ انهن حالتن جي تصوير پيش ڪئي آهي. هو لکي ٿو: "اسان جو قافلو، جڏهن وڏي رهيو هو تہ اسان آباد زمين مان پئي وياسون، پرڳوٺ گهڻي ڀاڱي، پڙپانگ ۽ تباهہ ٿيل هئا يا وري سڄي آبادي ڳوٺ ڇڏي چڪي هئي. ٻاجهري جا پڪل فصل ڏسي حيرت پئي ٿي تہ فصل لاباري لاءِ تيار آهن پر ڪو لڻڻ وارو ڪونهي يا مالڪي جي دعويٰ ڪري. آبادگار،

ڌاڙيلن ۽ رهزنن جي ڊپ کان جبلن ڏانهن پچي ويا هئا. جيئن اسان جو تہ نلو هوريان هوريان گذريو پئي تہ موڪائيپ وارو احساس پئي اُڀريو. اهڙ ڪ گهٽ ڏکوئيندڙ ڳالهہ نہ هئي تہ مسڪين ماڻهن کي پنهنجا گهر، تڙ ۽ ملڪيتون ترڪ ڪرايون وڃن. نہ ئي اهي احساس نالائق حڪومت خلاف. جذبن جي اپار کي روڪي پئي سگهيا، جيڪا پنهنجي رعيت کي سلامت رکڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي هئي. چاڪاڻ تہ جابلو ڌاڙيلن خلاف، ان پنهنجي بيوسي جو اقرار ڪري ڇڏيو هو."

چارلس مئسن جڏهن شڪارپور پهتو تڏهن هن ان علائقي کي سرسبز ۽ خوشحال ڏٺو. هو لکي ٿو تہ: "شڪارپور خوشحال ۽ شاهوڪار شهر آهي ان ۾ وڏو واپار هلي ٿو ۽ اتي جي واپارين جا ساري دنيا سان تجارتي ناتا آهن. هي شهر دولت جي فراواني سان، اعليٰ شهرت جو مالڪ بڻجي ويو آهي. جتي هندو شاهوڪار ۽ بئنڪن جا مالڪ، وڏي شان شوڪت سان اميراڻي زندگي گذارين ٿا. هندو وياج تي ماڻهن کي قرض ڏيندا هئا. هنن ۾ اعليٰ درجي جي ايمانداري هوندي هئي. هنن جون هنديون، هندستان جي هر جاء تي بلڪ وچ ۽ اولهہ ايشيا تائين هلنديون هيون. هندو واپارين جا نو سؤ دوڪان هئا، جن ۾ اناج، ڪپڙو، ڪپهہ، دوائون، ڌاتو، سلڪ، ميناڪاري، عطر، لوهي سامان، ميوات، سبزيون ۽ کير جا دڪان هئا." چارلس مئسن جڏهن ٻئي دفعي شڪارپور آيو، تڏهن شڪارپور اُجڙي چڪو هو. هتان جي پسگردائيءَ وارا شهر ماڻهن جي ڇڏي وڃڻ سبب خالي هئا ۽ ڳوٺن جا ماڻهو ڌاڙن ڦرن تي گذران ڪندڙ هئا. هو لکي ٿو: "مون معاملن کي ان حالت ۾ ڏٺو جو ماڻهو بنا پتين وارن گهرن ۾ پئي رهيا ۽ گهٽو ڪري لٽبا رهندا هئا. افغان حاڪمن جي وقت ۾ شڪارپور منجهان محصول ۽ ٻيءَ آمدني اٺ لک رپيا هئي پر هاڻي اها ادائي لک رپيا ٿئي ٿي. لکي جو شهر بہ پڙپانگ ٿي ويو. سکر جيڪو بہ اڳ ۾ وڏو شهر هو، سو بہ اجڙيل هو.

چارلس مئسن سنڌ جي ڳوناڻن کان ڏاڍو متاثر ٿيل آهي. هو لکي ٿو: "سنڌ جي ڳوناڻن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هو جتي ڪٿي خوش نظر آيا ۽ پرسڪون زندگي گذاري رهيا هئا. هنن ۾ نہ بيچيني ۽ پريشاني هئي ۽ نہ ڪين روزگار جي تنگي هئي. قدرت کين اهڙا وسيلا مهيا ڪري ڏنا هئا جو ڪابہ

ڪمي محسوس نہ ٿي ڪيائون. زمين زرخيز آهي، جنهن ڪري ٿوري محنت سان هو پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪن ٿا. هنن جون ضرورتون ٿوريون آهن ۽ عزت ۽ مان سان رهن ٿا. ڏاڍا مهمان نواز آهن ۽ آئي وئي کي ڏيو ڪرائي ڇڏين ٿا." هو سندن مهمان نوازي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "هڪ دفعي هڪڙي ڳوٺ جي ماڻهن، مون کي هڪ سهڻي نموني ڏريل ڪٽڪ جي مٺي طاهري کائڻ لاءِ زور ڀريو. ان وقت سورهن سترهن کن مٺي جا باسڻ پري اٿي اڳيان رکيائون ۽ پہ ڪٽورا ڏڌ جا بہ هئا. اها سنڌي هارين جي خاص خوراڪ هئي مان ڪليس پئي ۽ ڳوٺانن جي مهمان نوازي جي تعريف ڪري روانو ٿيس." هو ڳوٺاڻن بابت وڌيڪ لکي ٿو: "هنن جا گهر مٽي جا نهيل ۽ ڪکاوان آهن ۽ سنڌ جي ابهوا لاءِ مناسب آهن. انهن ڳوٺن ۾، مسجد جي عمارت وڌيڪ بهتر نموني نهيل آهي. هو سادي زندگي گذارين ٿا. سچا ۽ پڪا مسلمان آهن."

اهڙي طرح چارلس مئسن جو سفرنامو سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ جو مجموعو آهي ۽ ان ڏس ۾ سٺي معلومات فراهم ڪري ٿو.

# آرٿر ڪونولي

آرٿرڪونولي هڪ آئرش آفيسر هو. هو اصل ۾ بنگال رجمينٽ ۾ ليفٽيننٽ هو. ٻہ سال اتي نوڪري ڪرڻ کان پوءِ سخت بيمار ٿي پيو. ان ڪري انگلينڊ هليو ويو. يورپ ۾ ڏيڍ سال گذارڻ ڪانپوءِ هن هندستان اچڻ جو ارادو ڪيو. هو نوجوان هو ۽ منجهس مهم بازي وارو جذبو هو. ان ڪري هن فيصلو ڪيو تہ هو خشڪي رستي روس ۽ فارس ڪان ٿيندو هندستان وڃي. اُن ڪري هو فرانس ۽ اُتر جرمني ڪان ٿيندو هئمبرگ آيو. جتان هو تهران ۽ استرآباد پهتو. هن جو ارادو هو تہ. هندستان پهچڻ ڪان اڳ هو وچ ايشيا جي علائقي جي ڄاڻ حاصل ڪري، اتي هن واپاري جو روپ اختيار ڪيو ۽ ڳاڙهي ريشمي شالن ۽ ٻئي سامان سان اُٺ ڀرائي ترڪستاني شهر ڪيوا ڏانهن روانو ٿيو. پر وچ ۾ ڌاڙيلن جي ور چڙهي ويو. جن سندس سارو مال ڪسي ڪيس فقير بڻائي ڇڏيو. آرٿر ڪونالي پوءِ خراسان ۽ افغانستان واري رستي شان، سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. هن گهوڙن جي واپاري جو روپ اختيار ڪيو ۽ پنهنجو نالو مٺائي مرزا صادق رکيو. اهو ڊسمبر سن 1830ع جو زمانو هو. جڏهن هو سنڌ جي شهر شڪارپور ۾ آيو. ان وقت افغانستان ۽ هندستان وچ ۾ آمدورفت لاءِ گهوڙا ڏاڍي اهم سواري هئا ۽ جيئن تہ ٻنهي ملڪن وچ ۾. واپاري رستو. سنڌ منجهان پئي ٿيپيو. تنهنڪري ميرن کي فائدو هو تہ پلا گهوڙا پاڻ چوندي وٺن. پر هو انهن منجهان فائدو نہ وٺندا هئا. آرٿر ڪونولي لکي ٿو: ”ڪجهہ گهوڙا تہ حيدرآباد جا مير خريد ڪندا هئا باقي وڏو تعداد بمبئي ڏانهن، غورابن ۾ موڪليو ويندو هو.“

آرٿرڪونولي بنيادي طرح انگريز آفيسر هو. هن سنڌ جو سير ڪري انگريز سرڪار کي سنڌ بابت معلومات ڏني، جيڪا اسان جي تاريخ جو ٻہ اهم باب آهي. هو شڪارپور بابت لکي ٿو تہ: ”پنج سال اڳ. شڪارپور تي ٽالپرن جي قبضي کان پوءِ، شڪارپور جي واپاري اهميت کي نقصان پهتو آهي. جڏهن شڪارپور افغانن جي قبضي هيٺ هو، تڏهن شهر جو وصول ٿيندڙ محصول

پئي ڪمايو. بئي پاسي ُقنڌار ۽ ڪابل ۾ برطانوي سامان سؤ سيڪڙو نفعي تي وڪرو پئي ٿيو. ان ڪري ظاهر آهي ته جيترو اسين سنڌو درياءَ ڪي ويجهو ٿينداسين، اسان جو نفعو به وڌندو. اهو واپار افغانستان ۾ ڏاڍو ڪارائتو ٿي پئي سگهيو.“ ڪونولي جي اها به راءِ آهي؛ ”سنڌو درياءَ ڪي واپار لاءِ ڪولڻ سان اسين رڳو انهن ملڪن ۾ نه پر بمبئي بدران انگلينڊ کان ايندڙ جهازن ڪي سنڌو مان روهڙي تائين آڻي سنڌ، راجپوتانا، برطانوي هندستان ۽ پنجاب ۾ گهٽ اگهه تي سامان وڪڻي سگهون ٿا.“ هو وڌيڪ لکي ٿو: ”سنڌو ڪي پنهنجي نڪرڻ واري هنڌ کان، هندي ساگر تائين پنهنجا وسيلا ورهائيندي وهن ڏنو وجي جنهن جي ڪناري وارين رياستن جا حاڪم تنگ نظري ۽ اقتدار جي تعصب سبب ان ڪي تمام وڏي رتا نتا بڻائي سگهن پر خوشي جي ڳالهه آهي ته هو برطانوي حڪومت ڪي رستو ڏئي رهيا آهن جيڪا واپار ۽ تهذيب ڪي نئين دنيا کان واقف ڪري رهي آهي.“

اهڙي طرح آرٿرڪونولي جي تحرير اسان جي تاريخ جو اهم مواد فراهم ڪري ٿي.

# ڪيپٽن ايسٽوڪ

(سن 1814ع - 1883ع)

ايڊورڊ، بيڪ هائوس ايسٽوڪ 1814ع ۾ ڄائو. چارٽر هائوس ڪاليج ۽ آڪسفورڊ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. سن 1836ع ۾ گرانڊ انڊس آرمي سان، سنڌ ۾ آيو. ان کان سواءِ سن 1839ع ۾ ٻيهر ڪڇ جي انگريز ايجنٽ، هينري پاٽنجر، ڪيس سنڌ جي سفارت تي موڪليو. سن 1860ع ۾ تهران ۾ سفارتي عهدي تي فائز ٿيو. بعد ۾ هندستان ۾، سيڪريٽري داخلا جي عهدي تي به ڪم ڪيائين. هو سن 1883ع ۾ وفات ڪري ويو.

ايڊورڊ ايسٽوڪ، سنڌ ۾ ٽي سال رهيو. هن هت جيڪي ڏٺو ايمانداري سان لکيو. جناب حنيف صديقي صاحب لکي ٿو: ”جن به ڌارين سنڌ ۽ سنڌين کي ويجهي کان ڏٺو آهي ۽ انهن سان گڏ گهاريو اٿن ۽ پنهنجا ڪي خاص مقصد سڌا ڪرڻ نه آهن، تن سنڌين ۽ انهن جي ڪردار ۽ سادگي جي تعريف ڪئي آهي. ايسٽوڪ به انهن مان هڪ آهي.“ سنڌ جي سفرنامي ”ڊان ليوز فرام ينگ ايجپٽ“ ۾ جيڪو هن سن 1844ع ۾ لکيو هو، هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ’نئين مصر جا پراڻا ورق‘ جي نالي شايع ٿي چڪو آهي. تنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت جو احوال به ڏنو آهي.“ هو سنڌي لغت جو به وڏو ڄاڻو هو.

ايسٽوڪ، سنڌ ۾ ميرن جي دور جي امن امان جون حالتون بيان ڪندي لکي ٿو: ”ميرن جي عام رعيت امن پسند ۽ سکي هئي. جيڪڏهن اسين سنڌن حالت کي پنهنجي والاريل صوبن جي رعايا سان ڀيٽينداسين ته اها انهن کان لک دفعا سٺي هئي. ميرن تائين هر وقت رسائي ٿي سگهندي هئي ۽ کهڙو به ماڻهو پوءِ اهو ڪٿي گهٽ ذات جو هندو به ڇو نه هجي، ڪيڏي مهل به انهن سان ملي ٿي سگهيو. واهن جي چڱي حالت، ڪمند، جوار ۽ ٻئي اناج جي پلي فصل ۽ ڪيترن ئي پن چڪين جي نارن مان ظاهر ٿيو ته جيڪا ڊل اتي اُگاڙي ويندي هئي سا ايتري ڪانه هئي جا آبادگارن کي ڏکي لڳي. انعامي زمينون ۽ پڻ

اهي، جن تي نالي ماتر ڍل ورتي ويندي هئي جام پيئي ڏنيون." سنڌ جي انتظامي يونٽن جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "ميرن جي وقت ۾، سنڌ جدا جدا پرڳڻن يا حصن ۾ ورهايل هئي، جي وري تپن يا ضلعن ۾ ورهايل هئا. هر هڪ پرڳڻي تي هڪ سزاوال يا مقرر ڪيل هو، جنهن کي هڪ خزانچي ۽ انن ڏهن گماشتن ۽ سپاهين جي مدد ڏني ويئي هئي. تپي تي وري ڪاردار رکيل هو، جنهن کي پڻ زيردستن جو هڪ ننڍو عملو ڏنل هو. پر اهو سزاوال جي هٿ هيٺ هو. انهن عملدارن کي چڱو پگهار ڏنو ويندو هو. خاص ڪري سزاوال کي جي گهڻو ڪري سني خاندان مان هئا ۽ چڱي لياقت رکندڙ هئا. کين پنج سؤ رپيا پگهار ڏني ويندي هئي، جنهن سان اهي سنڌ جهڙي غريب ملڪ ۾ فراغت سان گذاريندا هئا. سال ۾ ٻه دفعا، لاباري جي وقت، هر هڪ مير جي مخفي ماڻهو، عيوضي جي حيثيت ۾، سندس ملڪ ۾ وڃي پهچندو هو ۽ اتي وڃي سزاوال کان حساب ڪتاب وٺندو هو. ماڻهن جي درخواستن تي به غور ڪيو ويندو هو. هن جو هي به فرض هو ته ڏسي ته ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي ته نه ٿي ٿئي. انهن عملدارن، سزاوال ۽ ڪاردار ماڻهن کي چڱي طرح سڃاڻندا هئا. انهن جي عادتن ۽ اُٿ ويهه کان واقف هئا ان ڪري رعيتي ماڻهو ساڻن ٺڳي يا دولاب نه ڪري سگهندا هئا. اسين پاڻ کي ڪيڏو به ڪٺي پڌايون پر اهو قبول ڪرڻو پوندو ته ميرن جي انهن روينيو آفيسرن جي هٿ هيٺ ماڻهو خوشحال گذاريندا هئا. سيني فصلن تي ڍل جنسن ۾ ورتي ويندي هئي. ڍل جو حصو به موسم جي اُپت جي آذار تي ورتو ويندو هو ۽ نه زمين جي ايراضي مطابق. ڏنو وڃي ته: "سرڪاري ڍل، اُپت جو ٻه ياڱي پنج يا هڪ ياڱي ٻه وڃي بيهندو، جو هاڻي اتر اولهه واري علائقي ۾ زمين جي مقرر ڪيل ڍل جي برابر آهي."

سستائي جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ چئن پئسن ۾ هڪ ڪڪڙ ملي ٿي. ڪٽڪ ربئي ۾ اٺ پاٿيون وڪامي ٿي جا چاليهه پئسن جي تور ۾، سورنهن سير آهي." دريائي جانورن جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ مون ڪيترائي دريائي گهڙيال ڏٺا. جن کي هتي جا ماڻهو ٻلهڻ (Indus Dolphan) ڪري ڪوٺين. اهي متارا ۽ لسا جانور آهن. جن جي ڊيگهه چار فوٽ کن ٿيندي ۽ کين تمام ڊگهيون ڄاڙيون آهن جن ۾ اڇا ۽ تکا ڏند ٿين ٿا. اهي واڳن جو ڪاڄ آهن پر پنهنجي پيري هي به پلي کي هڙپ ڪيو وڃن، جو سنڌوءَ

سنڌين جي مکيہ عادتن مان آهي. درياءَ جا ناکئا سارو ڏينهن منهنجي تنبوءَ ڀرسان وينا بحث مباحثا ڪندا هئا ۽ ٻٽ شٽ هڻندا هئا. هڪ ويني چيو تہ ملڪ تي سگهوئي انگريزن جو قبضو ٿي ويندو ان ۾ ٽالپرن جو ڏوهہ پڻ آهي. خاص ڪري مير صوبدار جو. جيڪو اڄ ڏاڍو انگريزن جهڙي هڙڪائو قوم جي دوستي جو دم پيو ٿو ڀري. ٻئي چيو تہ جيستائين ميرپور وارو مير شير محمد اسان جي پاسي آهي، تيستائين ڪوبہ ڏپ ڪونهي ۽ جي خدا چاهيو تہ انگريز جيڪو خزانو، هٿيار ۽ ٻيو سامان هن ملڪ ۾ آڻي رهيا آهن. اهو سمورو اسان جو ٿيندو. ٿيون هڪ سفيد ريش سنڌي ٿڌو ساهہ کڻي چوڻ لڳو تہ يارو اوهين وينا هوائي خواب پيا ڏسو. اوهان اهي ترنگا شيطان ڏٺائي ڪين آهن. برابر مڙس مڙس جو مٽ آهي ۽ هڪ جوان ٻن ٽن کي منهن ڏيئي سگهي ٿو. بشرطيڪ تلوار جو مقابلو تلوار سان هجي. انگريزن وٽ تلوارون ڪين آهن ۽ جي اٿن تہ اسان جي لنين ڪان بہ ڇڙ آهن. پر هو پنهنجي گولين واري شيطاني هٿيار سان پري کان ئي مڙس ڪيرائي ٿا وجهن."

هو لکي ٿو: "حيدرآباد شهر وٽان لنگهندي مون ڏٺو تہ ڪي ماڻهو مون ڪي گهوري رهيا هئا ۽ پنهنجي ٻولي ۾ مون کي بدشد ڳالهائي رهيا هئا. مون پنهنجي دوست پير بدر الدين کي چيو تہ هنن لاءِ اوهان جا ٿا چئو. جا اوهان جي ملڪ ۾، پرديسين سان ههڙو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. هن ورائيو تہ هي جهنگلي ڳوناٺا سپاهي آهن هنن کي فرنگين لاءِ ڏڪار آهي ۽ اوهان کي بہ فرنگين جو ماڻهو سمجهي بڪي رهيا آهن. تنهنڪري هنن جي بڪواس جو ڪوبہ خيال نہ ڪريو. خود ريزيڊنٽ صاحب پاڻ هنن جي بڪواس تي ڪو ڌيان ڪونہ ڏيندو آهي. هو لکي ٿو تہ: جڏهن اسين ميرن جي دربار ۾ پهتاسون تہ هٿياربند بلوچ ۽ سنڌي وَر وَر ڪري اسان ڏانهن اٿين خارن ۾ پيئي گهوريائون، ڄڻ اسين سندن خوني يا قاتل هئاسون. مير حڪمران نور محمد ٽالپر نهايت داناءُ، بلند خيال ۽ بهادر انسان ٿي لڳو. وچولي قد ۽ درمياني عمر جو هڪ سهڻو انسان هو. جڏهن اسان ساڻس نئين معاهدي جي ڳالهہ ڪئي تڏهن هن پنهنجن ٻن سائين کي بلوچي زبان ۾ چيو: "جيڪو فرنگين جي وعدن تي اعتبار ڪري ان تي لعنت هجي." ۽ پوءِ نهايت ڳنڀير ٿي انگريزي نمائندن کي مخاطب ٿي، فارسي ۾ چيائين: "مان سمجهان ٿو تہ اوهان جا عهدناما ۽

معاهدا، اوهان جي سهوليت ۽ مرضي موجب ڦري گهري سگهن ٿا. ڇا پنهنجن دوستن ۽ مخلصن سان ههڙي قسم جو سلوڪ ڪيو ويندو آهي؟ اوهان اسان ڪان اجازت گهري ته اسين پنهنجي ملڪ مان، فوجون لنگهائي وٺي وڃڻ جي اجازت ڏيون. اسان بنا هٻڪ اوهان جي دوستي جي وعدن تي اعتبار ڪري اوهان کي اهڙي اجازت ڏني، جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها ته پنهنجون فوجون اسان جي ملڪ اندر داخل ڪرڻ ڪانپوءِ اوهين اسان جي سلامتي کي خطري ۾ وجهي اسان تي هڪ نئون عهدنامو مڙهيندا. جنهن ۾ اسان ڪان ٽي لک رپيا ساليانو ڍل ۽ ايڪيهه لک رپيا نقد فوجي خرچ لاءِ بروقت طلب ڪندا ته اسين هوند پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي حفاظت جو ضروري قدم کڻون ها. اوهان کي خبر هجي ته اسين بلوچ آهيون ۽ ڪي سوداگر يا واپاري نه آهيون. جن کي اوهين سولائي سان ڊيڄاري سگهندا. تنهن ڪان سواءِ اسين ملڪ جا اڪيلا حڪمران آهيون، پر ساري قوم جا مفاد حڪومت سان ڳنڍيل آهن."
مباحثي ڳالهين ڪان سواءِ لطف الله سنڌ جي مختلف شهرن ٺٽي، حيدرآباد، سکر، بکر ۽ شڪارپور جو تاريخي ۽ سماجي جائزو به پنهنجي ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي. اهڙي طرح سندس هي سفرنامو اسان جي تاريخ جو اهم باب آهي. لطف الله سورتي جي مذڪوره سفرنامي جو سنڌ سان لاڳاپيل هڪ حصو "سنڌ جو سفر" نالي سان قادر بخش نظاماڻي صاحب ترجمو ڪري سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو آهي.

# سر رچرڊ فرئنسز برٽن

(19- مارچ 1821ع- 20- آڪٽوبر 1890)

سر رچرڊ فرئنسز برٽن 19 مارچ 1821ع ۾ هرفرڊ شائر انگلينڊ ۾ ڄائو. هن جو پيءُ موقوف ٿيل فوجي آفيسر هو. هُن سر رچرڊ فرئنسز انگلينڊ ۽ فرانس ۾، تعليم حاصل ڪئي. هو سال 1842ع ۾، بمبئي واري، پيادل فوج ۾ شامل ٿي انڊيا پهتو ۽ هتان جون زبانون سکي، ترقي حاصل ڪئي. هو 20- آڪٽوبر 1890ع ۾ گذاري ويو.

برٽن هڪئي وقت برجستو سپاهي، نامور شمشير باز، لائق مترجم ۽ شاعر، لسانيات جو عالم، دنيا جي عجائبات جي جستجو ڪندڙ، چڱو طبيب، ٻوٽن ۽ وڻن جو ماهر، حيوانن جي حياتي جيْ علم جو مجيل استاد، آثار قديمہ ۽ علم الارض جو ڄاڻو ۽ ڪامياب جاسوس هو. ڪيس 25 زبانون ايندڙيون هيون. هن پنهنجي سير ۽ سفر تي 43 ڪتاب لکيا. ٻہ جلد شاعريءَ جا سوَ ڪان مٿي مضمون ۽ هڪ سوَ ٽيتاليهہ صفحا پنهنجي آتم ڪهاڻي جا لکيائين. الف ليليٰ جا 14 جلد ۽ پورچوگيز ادب جا 6 جلد انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. هو سنڌ ۾ گهڻو رهيو ۽ سنڌ جي قومن جو پختو ۽ شاندار مطالعو ڪيو. هتان جي ٻوليءَ ۽ ادب تي ڪيس عبور حاصل هو. هن سنڌ بابت چار ڪتاب لکيا، جن ۾ ادب، تاريخ، معاشرت، معيشت مطلب تہ هر ڳالهہ بابت وضاحت سان لکيائين. سندس هڪ ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" جو سنڌي ترجمو سن 1971ع ۾ ڇپيو.

برٽن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جون خوبيون بيان ڪندي لکي ٿو: "سنڌي هڪ خاص جدا زبان آهي، جيڪا ڪنهن بہ هندستاني ٻولي مان نڪتل نہ آهي. هي زبان ڪانياواڙ جي حدن ڪان بهاولپور تائين ۽ بروهين جي پهاڙن ڪان هندستان جي اولهہ ريگستان تائين ڳالهائي ويندي آهي. سنڌي ٻولي جي هڪ خصوصيت هي بہ آهي تہ ان ۾ بي انتها ۽ گوناگون لفظ آهن. صوبي ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي، جنهن جي لاءِ ڏيهي زبان ۾ نالو نہ هجي. عام ظاهري

1. سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون. (ترجمو: محمد حنيف صديقي. سنڌي ادبي بورڊ 1971ع)
2. سنڌ، يا ڏکويل ماٿري. (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو روشني پبليڪيشن 2005ع)
3. سنڌو ماٿري ۾ شڪري بازي.
4. ٻيو ڀيرو سنڌ ۾.
5. آتم ڪٿا
6. (الف ليلي 16 جلد.)
7. پورچوگيز ادب جا انگريزيءَ ۾ 6 جلد ترجمو.
8. شاعريءَ جا ٻه جلد ——— اڻڇپيل آهن.

سنڌ بابت هن جا لکيل ڪتاب سنڌي سماج جي اُن دور بابت هڪ اهم اڀياس جي حيثيت رکن ٿا.

---

# جوزف سالبئنڪ

جوزف سالبئنڪ مشهور برطانوي سياح هو. هو ڇائو ۽ نپنو انگلستان ۾ ۽ سنڌ ۾ سن 1619ع ۾ آيو. هن کي شوق ته ايران گهمڻ جو هو ۽ ايران وڃڻ لاءِ هن سنڌ جو رستو اختيار ڪيو. جڏهن هو سنڌ ۾ آيو، تڏهن هن سنڌ کي واپار، صنعت ۽ زراعت جي لحاظ کان خوشحال ڏٺو ۽ انهن شين جو هن نهايت تفصيل سان ذڪر ڪيو. سندس مواد گهڻو تڏو ته گم ٿيل آهي باقي ٿورو گهڻو بمبئي رڪارڊ جي پرچار نمبر ٽئين ۾ آهي. سندس احوال ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ۽ ڊاڪٽر ڇبلاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ ڏنو آهي.

جوزف سالبئنڪ سنڌ جي واپاري ۽ صنعتي شين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "سنڌ ۾ جيڪي شيون گهڻي انداز ۾ ۽ سستين اگهن تي ملن ٿيون. انهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جو اوڇو سوٽي ڪپڙو، عاليشان پٽراٽيون، غاليچا ۽ ريشم جو ٻيو سامان آهي. بئنٽر ۽ ماليوڪس ۾، انهن شين مان، ڪيترن جو نهايت سٺو واپار هلي سگهي ٿو. انهيءَ کان سواءِ، هت آفيم جا به وڏا ذخيرا آهن ۽ بئنٽر ۽ ٻين حصن ۾، ان جي تمام گهڻي طلب آهي. اسان جي ملڪ لاءِ، هتي نهندڙ ٻيون ڪيتريون ئي ڪارائتيون دوائون ملڻ ٿيون." جوزف سنڌ کي سوٽي ڪپڙي جو گهر سڏيو آهي. هن هت نهندڙ ڪيترن ئي قسمن جي سوٽي ڪپڙن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته: "هت سوٽي ڪپڙو ڪيترن ئي قسمن جو نهي ٿو. جن مان هرڪ، سادو ڇريل، سنهو ٿلهو بافتو، عاليشان ڇيٽون، ململون، سوسيون، لونگيون، گيگمر، حلواڻ، ڪيس، چَنيون، تسر، سوڙيون، پٽراٽيون، اجرڪ ۽ ٻيو سادو ڪپڙو نهندو آهي. انهيءَ صنعت ڪري ڪپهه جي پيدائش به پوري ڪانهه پوندي هئي، ان ڪري ئي، گهڻي انداز ۾ ڪپهه ڪڇ ۽ نگنا مان به گهرائي ويندي هئي." ان زماني ۾ سنڌ جو هر ڳوٺ، هر واهڻ، هر وستي ۽ هر شهر صنعت ۽ حرفت جو مرڪز هو. سنڌ جو عوام بيڪار ۽ واندو نه ويهندو هو. پر هر فرد پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو

مرد هجي يا عورت پوڙهو هجي يا جوان ڪنهن نه ڪنهن ڪرت يا ڌنڌي ۾ رڌل رهندو هو. جوزف لکي ٿو ته: "سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾، ڪنهن نه ڪنهن صنعت جي مرڪزيت هئي ڪيترا اهڙا شهر به هئا، جيڪي ڪنهن خاص قسم يا ماپ جي ڪپڙي، تلوارن، چمڙي جي سامان وغيره ٺاهڻ ۾ خصوصي طرح رڌل هئا. سکر ۾ چمڙي جا ڪاريگر ۽ ڪوري هوندا هئا. اهي گهڻو ڪري رنگريزي جو ڌنڌو ڪندا هئا. حيدرآباد هٿيارن ٺاهڻ ڪان مشهور هو. ٺٽي ۾ لونگين ۽ شالون ٺهنديون هيون." اهڙي طرح سنڌ جا ماڻهو خسيس ۽ بيڪار شين مان به علي ۽ نفيس شيون تيار ڪري مٺا سٺا جو ناڻو ڪمائيندا هئا. ان دور ۾ سنڌ جا ماڻهو شريف ۽ ايماندار هئا. جوزف لکي ٿو: "سنڌ جي ماڻهن جي روش سهڻي اهي ۽ هو واپار ڪرڻ جا خواهشمند آهن. روهڙي شهر جا ماڻهو نير، سوٽي ڪپڙي ۽ ٻين شين جو واپار ڪندا هئا."

ان دور ۾ سنڌ واپار جو مرڪز هئي. ديسي شين کان سواءِ بازارين ۾ ڪابل، قنڌار، اصفهان، تبريز، ڪشمير، لاهور ۽ ملتان جون شيون وڪامنديون هيون. گهڻو ڪري سمورو واپار درياءَ رستي ٿيندر هو، جنهن ۾ ٻيڙيون هلنديون هيون. جوزف لکي ٿو: "سنڌو درياءَ ۾ چاليهه پنجاهه ٽنن جون ٻيڙيون هلن ٿيون. جن جي مدد سان هندستان جي مختلف هنڌن جي پاڻ ۾ اچ وڃ رهي ٿي. اهي ٻيڙيون سنئين ۽ ٽراڪڙي تري سان آهن ۽ منجهن هر هڪ پاسي تي ڪوٺيون ٺهيل آهن. هر هڪ ڪوٺي ۾ رڌڻو ۽ آرام ڪرڻ جي جاءِ آهي. اهي ڪوٺيون مسافرن يا واپارين کي مسواڙ تي ڏنيون وينديون آهن ۽ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڪوٺي ۽ آرامگاهه کي تالي سان بند ڪري سگهي ٿو. جتي جتي به کين مارڪيٽ ملي وئي، اتي نيڪال ڪرڻ لاءِ انهن وٽ مال تيار رکيو هوندو ۽ سڀ ڀيج مون هيڙيون سهولتون ڪڏهن به نه ڏٺيون." ان زماني ۾ سنڌ جو بحري تجارتي رستو محفوظ هو ۽ هت امن امان هو. جوزف لکي ٿو ته: "ملڪ ۾ جيڪو به مال ملي سگهي سو اوهان (ڪمپني وارا) پلي درياءَ رستي سنڌ ڏانهن اماڻيو، جتي اوهان جا جهاز، سلامتي سان هلي سگهن ٿا، جهڙوڪ ٿيمس ندي ۾ هلن ٿا." جوزف سنڌ واري واپار جي امدني ۽ روانگي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "ان زماني ۾ سنڌ مان، ڪافي انداز ۾ ڪيترن ئي قسمن جو ڪپڙو، ريشمي شيون، نير، شورو، ڪلون ۽ چمڙي جو سامان سگهن وارو ڪير

ڏيندڙ چوپايومال ۽ کير مان ٺهندڙ شيون. افيم، اناج، مڇي ۽ ڪنب ٻاهر موڪليا ويندا هئا ۽ موٽ ۾ سنڌ ٻاهران ڌاتو، شيهو ۽ ٽين، لوهه ۽ رڪ، سون ۽ چاندي، آسائشي سامان، ريشمي ڪپڙو ۽ بخمل ۽ قيمتي پٿر، مصالحا، ڪارا مرچ، لونگ، دالچيني ۽ جافر ۽ دستڪاري لاءِ گهربل سامان، ميوا ۽ ڇوهارا گهرائيندي هئي."

اهڙيءَ طرح جوزف جي سنڌ بابت هيءَ ڏنل معلومات تاريخ جو اهم حصو آهي.

# ڪئپٽن. ٽي. پوسٽنس

ٽي. پوسٽنس بمبئي آرمي ۾، ڪئپٽن هو ۽ سرهينري پاٽنجر جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جو، پوليٽيڪل ايجنٽ هو، ان جو اسسٽنٽ هو. سندس ڪتاب جو نالو "پرسنل آبزرويشن آف سنڌ" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ بابت مختلف واقعات، آبهوا، سماجي رسومات، زراعت، آبادي متعلق مفيد معلومات ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب پهريون دفعو سن 1823ع ۾ لنڊن مان ڇپيو ۽ ٻيهر سن 1973ع ۾ ڪراچي مان ڇپيو آهي.

پوسٽنس سنڌ ۾ پوکي راهي جي طريقي بابت لکي ٿو: "سنڌو درياءُ اپريل مئي ۽ جون مهيني ۾ اُتلي هيناهين زمينن کي پاڻي سان پريو ڇڏي ۽ جيئن ئي ٻوڏون ختم ٿين ٿيون تہ زمين تي ريجائتي مٽي جو تُلهو تهہ ڇڏيو وڃي. جنهن کي هاري ماڻهو سکڻ کان اڳ سولائي سان کيڙيو ڇڏين. انهيءَ نموني سان کيڙيءَ ۾ ٻج ڇٽي ڇڏڻ سانْ زمين ناهوڪا فصل پئدا ڪري ٿي." مقامي حاڪمن جا کوٽايل واهہ، گهڻي ڀاڱي آبڪلاڻي واهہ هوندا آهن. جهونو طريقو اهو هو تہ درياءَ جون قدرتي شاخون بہ استعمال ڪيون ويندڀون هيون تہ نوان واهہ بہ کوٽايا ويندا هئا، جتي زمينون هيناهيون آهن. اتي وڏا واهہ سڄي ملڪ ۾ پکڙيل آهن. ساري سنڌ ۾ زمينون وڏن واهن يا سندن واٽر ڪورسن جي نالن سان مُخصوص آهن ۽ انهيءَ ڪري جدا جدا هنڌن تي آبپاشي جي سهوليتن جي موجودگي يا غير موجودگي تي پيداوار جو مدار آهي. واهن جي کوٽائي گهٽو ڪري ونگار رستي ڪئي وڃي ٿي. ڪيترين ئي زرخيز زمينون واهن جي خراب حالت ڪري، غير آباد ۽ ويران بنجي ويون آهن. حاڪمن ڪڏهن ڪڏهن بنا اُجوري ڏيڻ جي مزهورن کي ڪم تي بيگر وهائڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجو ڪوبہ نہ نڪتو. حاڪمن جي لالچ ڪري خود سندن ئي مقصد کي ڌڪ پئي لڳو. هت غير آباد زمين يا جهنگ سان ڍڪيل زمين ۽ شڪارگاهن لاءِ مخصوص زمين جي ڀيٽ ۾ آبادي هيٺ ايندڙ زمين تمام ٿوري آهي. اهڙي ملڪ ۾ جتي سنڌو ندي جهڙي درياءَ جي ڪري زمين جي زرخيزي ۽ آبادي جا

وسيلا ڪليل هجن، متين ڳالهه عام ماڻهن جي نظر کان ڪڏهن به ڪين گسندي."

هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ آبادي ڪرڻ جو هڪ مخصوص طريقو آهي، جنهن کي بوسي چيو ويندو آهي. اهو طريقو اُتر سنڌ ۾، وارياسي چيڪي مٽي واريون جاين تي استعمال ڪيو ويندو هو. جڏهن آبڪلاڻي جي موسم پوري ٿيڻ تي هوندي آهي، تڏهن انهن زمينن ۾ پاڻي ڇڏيو ويندو آهي ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڻي اتي ڪنهن ڍنڍ وانگر بيٺو هوندو آهي. تان جو اهو پاڻي زمين چُوسي ويندي آهي ۽ سڄي پاڻي سان رچي ويندي آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ، ان کي هر ڏيئي ڪيڙيو ويندو آهي پوءِ اها ڏرتي پوک لاءِ تيار ٿي پوندي آهي. ان زمين ۾ ٻن طريقن سان ٻج وڌو ويندو آهي يا ته ڪڻڪ جو ٻج هٿ سان ڇٽڪاريو ويندو آهي يا وري هر ڏيڻ وقت، ڪاٺ جي پوري نڙ سان زمين ۾ اونهو اماڻيو ويندو آهي. پهرئين طريقي کي ڇاٽو ۽ ٻوئين کي ناڙي چيو ويندو آهي.

ٽي.پوسٽنس سنڌ جي فصلن بابت لکي ٿو: "ڏکڻ سنڌ ۾ جانور، ايتري انداز ۾ اُپايا وڃن ٿا جو ان مان ڪافي بچت ٿئي ٿي. اُتر سنڌ ۾ خريف ۽ ربيع جا مکيه فصل جوار ۽ ڪڻڪ هئا. اهي ٻئي فصل گهٽي انداز ۾ پوکبا هئا ۽ اهي اهڙي ته اعليٰ درجي جا هوندا هئا جو مصر جي بهترين قسمن سان مقابلو ڪري ٿي سگهيا." هو اسان کي ٻڌائي ٿو: "جوئر جي ڪانن جي ڊيگهه عام طور چوڏهن کان 16 فوٽن تائين هئي ۽ هڪڙو هڪڙو سنگ ٻارهن کان چوڏهن آئونسن جو هو. سنڌ ۾ ڪڻڪ به بهترين قسم جي پوکي ويندي هئي ۽ جتي جتي اها پوکيل هئي، اتي ميلن جا ميل ملڪ اناج جي حسين ترين ڳهن سان سينگاريل هو. ٻيا فصل هئا باجهري، مگ، جوَ، تر، ايلسي، سرنهن ۽ هيرڻ."
تجارتي فصلن بابت هو لکي ٿو: "ڪپهه سڀ کان اهم فصل هو، جيڪو سنڌ جي وچئين ۽ ڏاکڻي علائقي ۾ وڏي پئماني تي پوکيو ويندو هو. ان جا ٻه قسم هئا، نيري يعني ساليانو ۽ منداٿي يا دائمي، نير ٻيو نمبر مکيه فصل هو، جيڪو سنڌ جي زمين ۽ آبهوا موافق هو. ڪمند، سڻي، ڀنگ ۽ تماڪ به ٿوري انداز ۾ اُپايا ويندا هئا. هو لکي ٿو: "درياءَ جي اوپر طرف روهڙي ۽ حيدرآباد ۾ بهترين قسم جا عاليشان باغ آهن ۽ اونهاري جي موسم شروع ٿيڻ تي، سڄو ملڪ گلن خاص ڪري گلاب جي گلن سان ڍڪجيو وڃي. ملڪ جي هر

لکي ٿو تہ سنڌ ۾ گهوڙن جا مالڪ پنهنجن گهوڙن کي ڪاڏو نهايت سنو ڪارائيندا هئا ۽ شاهوڪار ماڻهو ڏاڍي شوق ۽ اب تاب سان پنهنجن گهوڙن کي سهڻن ۽ قيمتي سنجن سان سينگاريندا هئا. سنڌ ۾ چمڙي جي گهڻائي بابت سندس رايو آهي تہ هتان ڪيترن بندرن ڏانهن کلن جا جهاز ڀرجي ويندا هئا. هت چمڙي کي ڪيترن ئي ڪمن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. جهڙوڪ: گهوڙن ۽ اٺن لاءِ زينون، سنج، پنج سنجي تيار ڪرڻ، ڏلون ۽ زبان، دستانا ۽ بوٽ، پخالون ۽ گيهہ مکڻ لاءِ مرتبان ناهيا ويند اهئا." سنڌ ۾ ڪنڀارڪي ڪم بابت هو لکي ٿو تہ: "هت ڪنڀارڪو ڪم اعلي نموني جو ٿئي ٿو. باٿي جا سهڻا ٽائو ۽ مقبرن ۽ مسجدن کي سينگارڻ لاءِ عاليشان رڱيل ڪاشيءَ جون سرون تيار ٿين ٿيون. ٺٽي جي پرسان نهيل قديم قبن ۽ مقبرن ۾ ڪم آيل سنهين چٽيل سرن کي، سندن بهترين پالش ۽ بناوت جي ڪري هر ڪنهن ساراهيو ۽ واکاڻيو آهي. سندن بناوت، ايتري تہ پختي ۽ مڪمل آهي جو انهن جڳهين جون ڪناريون اڄ بہ اهڙيون ئي سنيون، سنواٽيون ۽ سالم آهن، جهڙيون نهن وقت هيون. جيتوڻيڪ انهن مان ڪيترين جاين کي نهي، اڄ صديون گذري چڪيون آهن."

اهڙي طرح ٽي.پوسٽنس جو هيءُ سنڌ جو سفر. اسان جي تاريخ ۽ ثقافت لاءِ نيڪ فال آهي، جو تہ هن مغربي سياح ان موضوع تي تفصيل سان لکي اسان جي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي.

# ديوارٽ باربوسا

جن مغربي رهاڪن، سنڌ کي شخصي طرح پهريون دفعو ڏٺو سي پورچوگيزي هئا. هي ماڻهو، هندستان جي سامونڊي ڪنارن تائين سفر ڪندڙ هئا. انهن انگريزن کان سٺ سال اڳ سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو. هنن پهرئين سنڌ جي ارغون حڪمران شاهه حسن وٽ نوڪري ڪئي پر سچائي نه ڏيکاريائون. جڏهن عيسيٰ خان کين ٺٽي ۾ ڇڏي، بکر ويو. تڏهن پورچوگيزن ٺٽي ۾ تباهي ڪري ڇڏي. اهڙي طرح هو گجرات ۽ گوا تي اڳ قابض هئا ۽ هاڻي سنڌ ۾ سندن قدم مضبوط ٿي چڪا هئا. پورچوگيزن مغلن کان اجازت وٺي، ٺٽي ۾ پنهنجي تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي، جتي سندن ايجنٽ رهندا هئا ۽ تجارتي مال سنڌ جي ننڍن شهرن مان خريد ڪري، ٺٽي ۾ پنهنجي تجارتي مرڪز کي موڪليندا هئا. ان تجارتي ڪوٺي جي ايجنٽ کي فيڪٽر چوندا هئا. هو سنڌ ۾ پورچوگيزي جماعت جي امور جي نظرداري به ڪندو هو ته انهن جي مسئلن کي به حل ڪندو هو. پورچوگيزي حڪومت کين ڪابه پگهار نه ڏيندي هئي پر سندن ماهوار پگهار جو چاليهه سيڪڙو کين مقامي حڪومت ڏيندي هئي باقي اهي پورچوگيزي رهاڪو ڏيندا هئا جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا. مقامي حڪومت کي پورچوگيزن جي تجارت مان ساليانو هڪ لک روپيا فائدو ٿيندو هو، ان ڪري هو هنن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو پورچوگيز هتان جي حڪومت کي هر وقت ڌمڪي ڏيندا رهند اهئا ته اسان پنهنجي بحري ٻيڙي کي گهرائي، بندرگاهه کي تباهه ڪري ڇڏينداسون. هو هينئن به ڪندا هئا ته مختلف بهانا بنائي، ڪسٽم ڊيوٽي بچائي، پنهنجو مال ڪليل مارڪيٽ ۾ آڻي مقامي واپارين کي نقصان پهچائيندا هئا.

اهوئي زمانو هو، جڏهن پورچوگيزي سياح سنڌ ۾ آيا. سندن سفرناما اسان تائين، سندن ٻولي جي ڪري گهٽ پهتا آهن. پورچوگيزي سياح جيڪي تاجر هئا انهن سنڌ جو تجارتي لحاظ کان جائزو ورتو آهي ۽ ملڪ جي پئداواري شين، تجارتي رستن، ڪسٽم ڊيوٽي ۽ انهن جون مشڪلاتون ۽

طريقهٔ ڪار جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙن پورچوگيزي سياحن مان باربوسا بہ هڪ هو.

ڊيوارٽ باربوسا سن 1516ع ۾ هرمز ڪاڻي ڪان گجرات تائين، سمنڊ رستي مسافري ڪئي. جڏهن پورچوگيزن ٺٽي ۾ تجارتي ڪوٺي کولي، تڏهن باربوسا، لاهري بندر تي پهتو ۽ اتان تي سنڌ ۾ ايو. هو ٺٽي ۾ تمام گهڻو رهيو ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ آيو. هن گهڻو سفر درياءَ رستي ڪيو ۽ ان تي ٻڌل شهرن ۽ آباد ۽ وسيل شهرن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

باربوسا لکي ٿو: ”سنڌ ملڪ جي وچان، هڪ درياءَ، سمنڊ ڏانهن وڃي ٿو ۽ انهيءَ درياءَ جي پاسن تي ڪيترائي آسودا ۽ خوشحال شهر آباد آهن. زمين پلي ۽ زرخيز آهي. منجهس ڪڻڪ، جَوَ ۽ گوشت جا عظيم ذخيرا موجود آهن. منجهس کاڌ خوراڪ جهجهي آهي.“ سنڌ جي وڻج واپار جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ: ”هندستان جي باقي حصن ۽ ٻين ملڪن سان، سنڌ جو گهڻو واپار هلي ٿو. خاص ڪري، هٿ ڪپڙو ايترو تہ تيار ٿيندو هو جو واپار لاءِ، جيڪي بہ جهاز ايندا هئا، انهن کي پُر ڪرڻ لاءِ اهو ڪافي هو. انهن شين تي جيڪو محصول پوندو هو، سو بہ هڪ لک رپيا هوندو هو ۽ ان وقت جي لحاظ کان اهو لک روپيا هڪ وڏي رقم هئي“.

سنڌ جي گهوڙن جو ذڪر ڪندي باربوسا لکي ٿو تہ: ”سنڌ جا ماڻهو گهوڙن پالڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. انهن جا مالڪ پنهنجن گهوڙن کي ڪاڏو نهايت سنو ڪارائيندا هئا ۽ شاهوڪار ماڻهو، ڏاڍي شوق ۽ آب تاب سان، پنهنجن گهوڙن کي، سهڻن ۽ قيمتي سنجن سان سينگاريندا هئا. سنڌي گهوڙا جيتوڻيڪ سنها ۽ هڏاوان ٿين ٿا، پر ڏاڍا مضبوط، تيز رفتار ۽ غير معمولي طاقتور ٿين ٿا. سنڌ ۾ مڇي جي پيداوار جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ: ”سنڌ ۾ مڇي وڏي مقدار ۾ ماري ويندي هئي. ايتري قدر جو مقامي کاپي کان ڪافي مقدار ۾ بچي پوندي هئي، جنهن کي لوڻي، دونهاٽي، سڪائي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو. ۽ ان مان ماڻهن کي ڪافي آمدني ۽ نفعو ٿيندو هو. مڇي مان تيل بہ ڪڍيو ويندو هو، جو ٻيڙين ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو هو. مڇي جو گهڻي مقدار جو مثال هي ڪافي آهي تہ سنڌ جا ماڻهو گهوڙن کي بہ سڪل مڇي کارائيندا هئا.“ باربوسا جيئن تہ گهڻو عرصو سنڌ جي شهر ٺٽي ۾

رهيو اُن ڪري نئي جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو، تہ هي هڪ وڏي آبادي وارو شهر آهي، جنهن ۾ اٽڪل ڏيڍ لک گهر آهن. هڪ ئي گهر ۾ ڪيترائي ڪٽنب گڏ رهن ٿا ۽ جيڪڏهن هندستان ۾. ماڻهو پورچوگيزن وانگر رهن تہ شهر جي زمين ڪان پنجوڻي زمين بہ هوند پوري نہ پوي. هي شهر مغلن جي هٿ هيٺ آهي. خاص طور سندس بندر ڪيس، هندستان جي سموري پيدائش مثال سون، چاندي ۽ موتي وغيره مهيا ڪري ٿو.

جيڪو اصل سن 1518ع ۾ لکيو ويو ۽ سن 1865ع ۾ پهريون ڀيرو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ويو. ۽ ٻيو ڀيرو 21-1918ع ۾ لنڊن مان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڏنل ملڪن جون ساموندي حدن بابت ذڪر ڪيل آهي.

اهڙي طرح باربوسا جا سنڌ بابت هي تاثرات. سنڌ جي تاريخ جو عظيم سرمايو آهن، جن مان ان دور جي سنڌ جي معاشي حالتن جي مڪمل خبر پئجي سگهي ٿي.

# رابرٽ ارسڪن

سترهين صدي عيسويءَ ۾ قدرت جن عظيم نعمتن سان سنڌ کي نوازيو هو، تن مان قلمي شورو بہ هڪ هو. سنڌ جي زمين ۾، خاص ڪري دو- آبو واري حصي ۾ ان زماني ۾ قلمي شورو تمام گهڻو ٿيندو هو. ڪن ضلعن ۾ زمين جي سطح تي هڪ ٿلهو ڪلرانو تهہ چڙهي ويندو هو. انهيءَ تهہ کي ڪرڙي، ٿوري محنت سان، ان مان قلمي شورو تيار ڪيو ويندو هو. انگلنڊ ۾، شوري جي طلب تمام گهڻي هئي ڇو تہ اهو بارود ناهڻ، شيشي جي سامان ۽ ڪپڙي جي صنعت ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. ان ڪري، سنڌ ۾ ڪمپني جي ايجنٽن کي حڪم مليو تہ اوهان جي پرڳڻن ۾ جيترو بہ گهڻو قلمي شورو ملي سگهي اهو مهيا ڪريو. سن 1758ع ۾، سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ قلمي شوري جي هڪ هٽي حاصل ڪرڻ جي خاص مقصد لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني، سنڌ ۾ بہ ڪوٺي بہ جاري ڪئي ۽ شاهي فرمان جاري ڪري هڪ هٽي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. انهيءَ قلمي شوري جي صنعت کي وڌائڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو تہ، هڪ سول سرونٽ جي حيثيت ۾، پر هن سنڌ جي عام سياسي سماجي ۽ تجارتي حالتن بابت جيڪو، ان وقت بمبئي جي مرڪزي سرڪار کي لکيو. ان ڪيس سنڌ جو سياح بنائي ڇڏيو. بمبئي جي ڪمپني رڪارڊ ۾ پيل سنڌس رپورٽون سنڌ جي تاريخ جو املهہ خزانو آهن.

ايسٽ انڊيا ڪمپني سن 1758ع ۾، سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي کان، اجازت وٺي سنڌ ۾، تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي، ان وقت سنڌن سامهون قلمي شوري جي تجارت هئي. پهريائين انگريز، پنهنجي هندو دلال روپچند جي معرفت ميمڻ کان قسي شورو خريد ڪرڻ لڳا، پر جڏهن ان جي طلب وڌي ويئي تڏهن هنن سنڌ ۾، قلمي شوري ناهڻ جو ڪارخانو کولڻ چاهيو ۽ ان جي اجازت وٺڻ لاءِ ڪمپني جي ڊائريڪٽر رابرٽ ارسڪن کي سنڌ موڪليو. هن دربار ۾ پهچڻ سان، ميان غلام شاهہ کي هڪ اشرفي، هڪڙو بخمل جو ٿانوَ ۽ ڪجهہ آرسيون ڪمپني طرفان سوکڙي طور ڏنيون. ميان

جواب ۾ ڪيس هڪ ڪيمخواب جو چوغو، هڪڙي شال، هڪ پٽڪو، هڪ خنجر هڪ سون سان مڙهيل تلوار، چاندي جي سنجن سان آراسته هڪ ايراني گهوڙو ڏنو. ان وقت مسٽر رابرٽ ارسڪن غلام شاهه کان پروانو حاصل ڪيو، جنهن موجب انگريزن کان سواءِ ٻي ڪنهن به قوم کي سنڌ ۾ قلمي شوري خريدڻ جي اجازت نه هوندي ۽ ان جو ڪو به جهاز ٻڏي وڃي يا مال کي نقصان پهچي ته سرڪاري ماڻهو جهاز ڪڍڻ ۾ مدد ڪن ۽ رواج مطابق پنهنجو اجورو وٺي مال يا جهاز انگريزن جي حوالي ڪن. ساڳئي پرواني ۾، رابرٽ ارسڪن کي شاهبندر تي ڪارخاني کولڻ جي جاءِ نهرائڻ جي به اجازت ڏني ويئي ۽ انگريزي جهازن تان محصول معاف ڪيو ويو." اهڙي طرح رابرٽ ارسڪن سنڌ جي حاڪم کان ڪارخاني کولڻ جي اجازت وٺي، هڪ خاص جهاز ۾، قلمي شوري صاف ڪرڻ جا ڪڙاهه آندا ۽ ڪارخاني ۾ ساليانو ڏهه هزار من قلمي شورو صاف ٿيڻ لڳو ۽ اهڙي طرح مسٽر ڪرد جي لفظن ۾ انگريزي ڪوٺي وارن، شاهبندر تي قلمي شوري کي صاف ڪرڻ ۽ ڪاڙهي قلمي صورت ۾ آڻڻ لاءِ وڏي پئماني تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ڪمپني کي سن 1764ع ۾ هن واپار مان پندرنهن هزار اٺ سو چوراسي (15884) رپيا نفعو مليو، جيڪو ان زماني ۾ وڏي ۾ وڏو نفعو هو.

اُن زماني ۾ رابرٽ ارسڪن سنڌ ۾ ڪمپني جو ريزيڊنٽ هو. هن جيڪا ڪمپني کي رپورٽ موڪلي تنهن بابت ڊاڪٽر سارلي لکي ٿو: "اها سنڌ جي تجارتي ۽ اقتصادي حالتن تي شاندار رپورٽ هئي. ان ۾ ڪمپني جي خاص تجارتي شين، ڪمپني جي تجارت کي تحفظ ڏيڻ ۽ بحري فوج قائم ڪرڻ جو ذڪر تفصيل سان مِلي ٿو. هت انهيءَ رپورٽ جون چند ڳالهيون پيش ڪجن ٿيون، جن مان ان دور جي سنڌ جي خبر پوي ٿي. هو لکي ٿو: "سنڌ چڱي ۽ امن پرور حڪومت جي هٿ هيٺ آهي. هتي اناج ۽ زندگي جي ٻين گهٽين ئي شين جي گهڻائي هميشه رهي آهي. هت ذهين ۽ تجربيڪار مزدور گهٽ آهن. شاهبندر جي آبهوا غير صحتمند آهي، جنهن ڪري ڪمپني جي اسٽاف جا ماڻهو بيمار رهن ٿا. هنن لاءِ ٺٽي کان وٺي شاهبندر تائين مناسب سفري سهوليتون ڪين هيون. ان زماني ۾ سنڌ ۾ بحري جهازن کي ڦريو ويندو هو." ان ڪري هو لکي ٿو: "ڪمپني کي گهرجي ته پنهنجن جهازن کي مسلح ڪري

۽ سنڌ ۾ شوري جي ڪارخانن لاءِ بوائلر موڪلي ڇو ته سنڌ ۾ اهڙو ڪاريگر ڪونهي جيڪو بوائلر ناهي سگهي."

رابرٽ ارسڪن غلام شاهه جي دربار جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "مان جڏهن سنڌ جي حاڪم جي دربار ۾ پهتس تڏهن سهڻي طرح منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. سندس دربار سهڻي نموني سينگاريل هئي، حڪمرانن وٽ هاٿي تمام گهڻا هئا ۽ هڪ هاٿي جي مستيءَ ڪري جائداد کي ڪافي نقصان پهتو." هو لکي ٿو: "ٺٽي ۾ هولي جو ڏڻ هندو ڏاڍي شاياڻ شان نموني ملهائيندا هئا."

مطلب ته، رابرٽ ارسڪن، سنڌ بابت جيڪا مختصر معلومات ڏني آهي. تنهن مان ان وقت جي سنڌ جي خوشحالي جي مڪمل خبر پوي ٿي ته هي سرزمين ماضيءَ ۾ ڪيڏي نه زرخيز هئي ۽ هيءُ ملڪ وڏي اُپت وارو هو.

# فري سباسٽن منريق

فري سباسٽن منريق، پورچوگيزي شهر 'وپوٽو، جو رهواسي هو. سندس تعلق هگلي جي آڪسٽينشن مشن سان هو. سن 1640ع ۾ هن هت مشنري جا اهم امور طئي ڪرڻ لاءِ، گُوا ڪان سفر شروع ڪيو. هو ڪٽر قسم جو، ڪيٿولڪ فرقي جو عيسائي هو، جيڪو مسلمانن کي پسند نه ڪندو هو. آخري عمر ۾، سندس هڪ ملازم سن 1694ع ۾ کيس قتل ڪري وڌو.

منريق 1640ع ۾، مغلن جي شروعاتي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ته جيئن سنڌ ۾ قائم ٿيل پورچوگيزي چرچ جي مرمت ڪرائي سگهي، جيڪو لاهري بندر تي هو. جنهن کي سنڌي ماڻهن ساڙي ناس ڪري ڇڏيو. هو سنڌ ۾ شهزادي آصف جو فرمان به کڻي آيو هو، ته جيئن هو هت سيني چوڪين تان آزادي سان اچي وڃي سگهي ۽ ڪانئس ڪابه پڇ ڳاڇا نه ٿئي. هو سنڌ ۾ چار مهينا رهيو، ننڍي ۾ مشن جي ماڻهن سان مليو ۽ پوءِ واپس هندستان موٽي ويو. سندس سفرنامو سن 1643ع ۾ ٻن جلدن ۾ ڇپيو.

منريق سنڌ ۾ گهڻو سفر درياءَ رستي ڪيو. هو لکي ٿو: "اسان نهايت سڪون سان دريائي سفر شروع ڪيو. رات جو اسان کي البت احتياط ڪرڻو پوندو هو. اسان جتي به رهندا هئاسون، اتي اسان کي سڀ ضروري شيون، سستي اگهه ۾ ملي ويندي هيون. ڪن جاين تي، جتي پاڻي گهٽ هوندو هو، تي مهاڻا اسان کي مڇي ڏيندا هئا. اسان نائين ڏيهن بکر پهتاسون. هي وسندڙ ۽ آباد شهر هو. هت باغ ۽ گهاٽا وڻ هئا. هي علائقو سرسبز ۽ زرخيز هو. حقيقت ۾ بکر، سکر ۽ روهڙي واري ٽڪري کي سنڌ جو چمن ڪري ڪوٺيندا آهن. بازارون شين سان ڍڪيون پيون هيون ۽ اتي ڪنهن به شيءِ جي ڪمي نه هئي. ڪسٽر جي مرحلن ۾ ڪابه دقت پيش نه آئي. هت اسان اُٺن جون وڏيون قطارون ڏٺيون جيڪي هر سال ايران، خراسان ۽ ٻين علائقن ڏانهن تجارتي سامان کنيو پئي ويا. اسان جو سفر تمام سهڻي نموني ٿيئي ٿيو." بکر کان پوءِ هو سيوهڻ آيو. جتي سندس ٻيڙي تي ڌاڙيلن حملو ڪيو پر منريق جي

ماڻهن کين ٻرندڙ ٻمن سان پچائي ڪڍيو. سيوهڻ کان هو چئن ڏينهن جي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ٺٽي پهتو. ڪسٽم کان پوءِ، ڪيس شهر ۾ گهمڻ جي اجازت ڏني ويئي. هو پوءِ، شهر ۾ مغلن طرفان قائم ٿيل گورنر سان مليو ۽ ڪيس شاهي فرمان ڏنائين. گورنر فرمان کي اکين تي رکيو ۽ منريق کي ڪسٽم واري رقم واپس ڏياري. هو ٺٽي ۾ هڪ مهينو رهيو. هو لکي ٿو: ”ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ۽ هڪ وڏو صنعتي مرڪز ۽ مکيه بندر آهي جنهن ۾ هميشه جهازن جون قطارون بيٺيون هونديون آهن. اهي جهاز هر ڪنهن قسم جو سامان کڻي پورچوگال جي مختلف حصن ڏانهن ويندا هئا. ٺٽو سرڪاري آفيسرن سان ڀريل هو. جتي سرڪاري آفيسون به هيون. منجهس فرنگي آبادي گهٽي هئي. ٺٽي ۾ ڪورين جا اٽڪل ٽي هزار ڪٽنب آباد آهن. هتي تمام گهٽي ڪپهه اچي گڏ ٿي ٿئي، جنهن کي اٽڪل ٻن هزار اڏاڻن تي اُٽي، ڪيترن ئي قسمن جو عاليشان ڪپڙو تيار ڪيو وڃي ٿو، جيڪو پوءِ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۽ پورچوگال ڏانهن اماڻيو وڃي ٿو.

سنڌ جي مجموعي خوشحالي جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو: ”سيوهڻ کان مٿي ملڪ جي ٿوري حصي کان سواءِ سمورو ملڪ زرعي طرح نهايت آباد ۽ آدمشماري جي لحاظ کان نهايت وسيل هو. ٻکر کان اسان سفر شروع ڪيو ۽ جتان جتان لنگهيا سون، اتي وسيل ڳوٺ ۽ آباد ڪنارا نظر آيا. سيوهڻ وٽ محصول جي گهُر کان سواءِ ڪنهن به تڪليف جي لنگهي، اسان پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ هر وقت هر جاءِ تي اسان کي ماڻهن ۽ پوکن سان وسيل ۽ آباد زمينون نظر آيون. اهڙي طرح اسان ٺٽي کان ستين ڏينهن عمرڪوٽ پهتاسون.“

هو لکي ٿو: ”سنڌ ۾ چوپايو مال، خاص ڪري مينهون تمام گهڻي انداز ۾ موجود هيون. مکڻ گهڻو ٿئي ٿو، جيڪو مسقط ڏانهن موڪليو ويندو هو. سنڌ جا ماڻهو عاليشان قسم جو چمڙو تيار ڪن ٿا جيڪو اونهاري ۾ ميزپوشن، بسترن جي چادرن ۽ ڪرسين جي گاديلن ناهڻ ۾ ڪم ايندو هو. سنڌ ۾ مڇي تمام گهڻي ٿيندي هئي ۽ مڇي جو بهترين قسم سستو ملي سگهندو هو. سنڌ جا ماڻهو، گهڻو ڪري ڪکائين ڇتين سان مٽي مان نهيل، جهوپڙين ۾ رهن ٿا ۽ پنهنجن گهرن کي نهايت صاف سٿرو رکن ٿا ۽ هر ٿوري وقت کان پوءِ، پٽ ۽ ڀتين کي ڇڻبي گڏيل مٽي جو ليپو ڏيندا رهندا هئا.“

هو هڪ عجيب ڳالهه لکي ٿو: "درياءَ ۾ سفر دوران، اسان کي هندن جا لاش مليا، جن کي مذهبي رسمون پوريون ڪري. درياءَ جي حوالي ڪيو ويو هو. ان ڪانسواءِ هو لکي ٿو: "سنڌ جي وڏن شهرن ۾ بيپڪيدار ۽ سوڙها ڪپڙا پائي رنڊيون ۽ ڪڃريون، عام بازارن ۾ گهمن ڦرن ۽ کلي عام فحش حرڪتون ڪنديون رهن ٿيون."

فري سباسٽن منريق، جيڪو مذهبي مقصد سان سنڌ ۾ آيو هو. لاهري بندر ۾ ڪنيسا جي مرمت ڪرائي لاهور وڃڻ پئي چاهيو پر دريائي سفر جي تڪليف ڪري، هو جيلسمير جي رستي سان اُٺن تي چڙهي، واپس هندستان ويو. اهڙي طرح هن جو سفرنامو. مغلن جي دؤر واري سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي تاريخ جو مجموعو آهي ۽ ان ڏس ۾ جامع مواد فراهم ڪري ٿو.

منريق جو سفر نامو "فري سباسٽن منريق جو سفر" نالي حمليات سوسائٽي طرفان بن جلدن ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس طرفان سال 1926ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

# ڊبليو.ايڇ مورلينڊ

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾، جو مغلن ۽ اوائلي ڪنهوڙن جو دور هو. سنڌ کي واپاري دنيا ۾، هڪ اهم مقام حاصل هو. سنڌ هڪ ترقي يافته زراعت ۽ بارهن عروج يافته صنعتن کي سنڀالي رهي هئي ۽ اها نه رڳو پنهنجي اناج ۽ کير جي پيدائش جي فراواني ڪان مشهور هئي پر سندس ڪپڙي، نير، شوري چمڙي جي سامان ۽ بين نادر چيزن جي نفاست ۽ سهڻائي جي چڱي ناموس هئي. سنڌ جا محنتي ۽ جفاڪش ماڻهو نه رڳو هندستان جي مکيه مرڪزن ملتان ۽ لاهور، آگري ۽ احمد آباد سان جهجهو واپار هلائيندا هئا، بلڪ عربستان، افغانستان ۽ خراسان، ايران ۽ ترڪي، ميسوپوٽيما ۽ ايشيا مائنر ألهندي يورپ ۽ چين سان پڻ سندن واپار هلندو هو. ايراني نار ۽ مالابار ساحل جي بندرن سان سندن ساحلي واپار به ڪافي هوندو هو. ان وقت سنڌ کي پنهنجي هڪ متوازن معيشت هئي، صنعت ۽ واپار ۾ مشغول ماڻهن جو تعداد ڪافي هو. ساڳئي وقت سنڌ پنهنجي ضروريات کان وڌيڪ مال پئدا ڪندي هئي ۽ پنهنجي زرعي ۽ صنعتي مال جي زائد پئداوار خشڪي، درياءَ ۽ سمنڊ رستي ڏورانهن ديسن ڏانهن برآمد ڪندي هئي، جتي انهن شين جي بهترين مارڪيٽ هوندي هئي. اهڙي طرح سنڌ جو واپاري توازن هميشه نفعي بخش رهيو. جنهن ڪري ملڪ ۾ سون ۽ چاندي جي مسلسل درآمد ٿيندي رهي ۽ اهوئي زمانو هو جڏهن مورلينڊ، ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ وڏي عهدي تي فائز هو. هو هند ۾ مغلن جي دور ۾ آيو ۽ برصغير جي تاريخ جو گهرو مطالعو ڪيو. ان ڪري هن ان تي ڪتاب "انڊيا ائٽ دي ڊيٿ آف اڪبر" (1920ع) "فرام اڪبر ٽو اورنگزيب" (1923ع) ۽ ٽيون ڪتاب "اگرئين سسٽم ان انڊيا" (1929ع) ۾ لکيا. انهن ٽنهي ڪتابن ۾ هن سنڌ جي زراعت تجارت ۽ معيشت جو ذڪر ڪيو آهي.

ڊبليو.ايڇ. مورلينڊ (W.H..Moreland) پهريون مغربي سياح آهي جنهن سنڌ جي زراعت، زرعي پيداوار ۾ واڌ، زرعي لاڙن ۾ ترقي ۽ زرعي اوزارن تي بحث

# وليئم فرمليئن

هندستان ۾ انگريز مغلن جي زماني ۾ آيا ۽ هنن پهرئين تجارتي ڪوٺي سن 1618ع ۾ سورت ۾ قائم ڪئي، جيڪا پوءِ سندن هيڊ ڪوارٽر بڻجي ويئي. انگريزن جي هي ڪوشش رهي ته اهي هندستان ۾ هڙن شهرن ۾ تجارتي ڪوٺيون کولين جتي کين سنو ۽ سستو مال ملي سگهي. ان زماني ۾ جيئن ته ساري هندستان تي مغلن جي حڪومت هئي، ان ڪري هنن مغلن سان ناتا وڌائڻ لاءِ پنهنجا سفير سندن دربار ۾ موڪليا، مختلف شهرن ۾ تجارتي ڪوٺين کولڻ جي اجازت گهري.

انهن ڏينهن ۾ سنڌ به هڪ آباد، سرسبز ۽ زرخيز علائقو هو. خاص ڪري ٺٽو واپار جو مرڪز هو ۽ لاهري بندر مشهور بندرگاهه جنهن جي رستي واپار خليج فارس، گوا، گجرات، عدن ۽ آفريقا سان هلندو هو. ان ڪري انگريزن سنڌ سان تجارتي ناتا رکڻ لاءِ لهه وچڙ شروع ڪئي ۽ هت ڪيترائي انگريز سياحن جو روپ ڌاري، جاسوسي ڪرڻ آيا. سن 1612ع ۾ جڏهن ائنٿي سٽارڪي هت پهتو ته پورچوگيز پادري ڪيس زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. ان ڪري انگريزن ضروري سمجهيو ته پورچوگيزن سان ناهه ڪجي. آخر ۾ سن 1635ع ۾ ڪمپني جي هندستان واري ڊائريڪٽر وليم ميٿولڊ ۽ پورچوگيزن جي وچ ۾ ناهه ٿيو ۽ اهڙي طرح ڪمپني سر وليم فرمليئن جي سرڪردگيءَ ۾ هڪ وفد ٺٽي موڪليو. وليئم فرمليئن پهرئين سورت ۾ ڪمپني جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هو. جيڪو ٺٽي ۾ پنهنجن ٻن سائين جان سيلر ۽ رچرڊ موئلي سان گڏ، ڊسڪوري جهاز رستي لاهري بندر تي پهتا. جيئن ته وٽن مغل دربار جو شاهي پروانو هو، ان ڪري ٺٽي جي عملدارن سندس خير مقدم ڪيو ۽ سندن رهائش لاءِ شهر ۾ هڪڙي جاءِ جو به انتظام ڪيو. وليئم فرمليئن سنڌ ۾ پهرئين تجارتي ڪوٺي کولي. جنهن جي هيڊ آفيس ٺٽي ۾، شاخون نصرپور ۽ سيوهڻ ۾ هيون. وليئم فرمليئن ڪمپني جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو جنهن جي پگهار ٻه سوءِ پائونڊ هئي. هن ڪمپني هائوس به ٺٽي ۾ تيار ڪرايو. وٽن هڪڙو سرڪاري ڊاڪٽر به رهندو هو، ڊاڪٽر جي غير حاضري ۾ وقت به وقت ديسي حڪيم به

پئداوار عرب ملڪن ۾ ويندي هئي ۽ باقي پورچوگال. هتان جي سينين کي جيئن تہ جهازراني جو گهڻ شوق آهي، ان ڪري گهڻو سامان پورچوگيزي جهاز کڻن تا. جنهن کي فريگيٽس چيو ويندو هو. ان وقت پورچوگيز علائقي جا خودمختيار حاڪم هئا ۽ مغلن سان سندن گهرا ناتا هئا."

هو وڌيڪ لکي ٿو: "سنڌ ۾ صنعت جا خاص مرڪز ٺٽو ۽ نصرپور هئا. خاص ڪري ٺٽو مشهور هو. قلمي شورو سنڌ جي روانگي واري مال ۾ اهم حيثيت رکندڙ هو. ان وقت قلمي شورو، انسانن ۽ جانورن ۾ ڪچي مال جي حيثيت رکندو هو. سنڌي واپارين جون جتي ڪٿي پنهنجون ڪوٺيون قائم هيون ۽ سندن مرڪزي آفيسون پرڳڻي اندر قائم ٿيل هيون ۽ هو پنهنجي مرڪزي آفيسن جي هدايتن ماتحت دنيا جي مختلف حصن سان واپار ڪندا رهن تا. انهن واپارين ۾ گهڻو حصو، شڪارپور جي واپارين جو آهي ۽ انهن جو مکيہ ڌنڌو هنڊين تي پئسا ڏيڻ ۽ ڏيتي ليتي ڪرڻ آهي. ۽ اهو ڌنڌو پيڙهين ڪان هلندو اچي. ان وقت جا واپاري ڏيتي ليتي ۽ واپاري ساک ۽ ديانتداري ۾ نهايت بلند درجي تي پهتل هئا." ان وقت جي مزدورن جي مزدوري بابت هو ٻڌائي ٿو: "ڪارخاني جي مزوري جو پگهار اٽڪل ٻہ (2) رپيا ماهوار هوندو هو. اڪبر ۽ جهانگير جي ڏينهن ۾ هڪ بي هنر پورهيت کي چاليهن ڏينهن جي مهيني لاءِ، ٽن کان چار رپيا ملند اهئا ۽ هنرمند پورهيت کي روزانو 5 کان 6 ٽڪا ملندا هئا. اهڙي طرح هو پاڻ کي، ايڏو بلند ۽ طاقتور سمجهندو هو جو نوڪري جي آڇ ٺيندي هيس تہ ٺڏي ڇڏيندو هو. ڇاڪاڻ تہ هن وٽ پنهنجو سيڪي جهجهو هو، جنهن مان پاڻ ڪجهہ بچت ٺيندي هيس."

سنڌ ۾ آدمشماري جي طرفين جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ آدمشماري جو تخمينو ٻن وسيلن سان ڪيو وجي ٿو. پهريون زراعت جي گهاٽائي ٻيو فوج جو تعداد." ان مان خبر پوي ٿي تہ هن ملڪ جي آدم شماري ڪيتري آهي.

مطلب تہ مورليند جو هي احوال، اسان جي تاريخ جو املهہ خزانو آهي جنهن مان ان وقت جي سنڌ جو تفصيلي احوال معلوم ٿئي ٿو.

دستي جي سفر ڪندڙ قافلا عام طور ڌاڙيلن کان ڦرجي ويندا هئا. هن علائقي جا ماڻهو عام طرح، مغل گورنر جي خلاف هئا، جنهن ڪري وچ سنڌ ۾ امن امان جي حالت بنهه خراب هئي." سنڌ جي ٻيڙين بابت هو لکي ٿو: "سنڌ ۾ ٽهراڪڙي تري واريون ٻيڙيون هلنديون هيون، جن جو وزن، هڪ هزار کان ٻن هزار مڻن تائين هوندو هو. اچ وڃ لاءِ، ڪتب ايندڙ انهن ٻيڙين جو ڪرايو، ٺٽي کان لاهور تائين ڪرائي تي هلندڙ ٻيڙين کي ادائي سؤ رپيا ڏيڻا پوندا هئا. ٺٽي جا واپاري لاهور مان سٽ خريد ڪري، دربيلو مان ننڍيون ننڍيون جوڙيون ٺهرائيندا هئا، جيڪي ديگهه ۾ نصرپور جي جوڙين جيڏيون هيون."

واپاري وليم فرمليئن جنهن تجارتي لحاظ کان هت جيڪي ڏٺو سو لکيو ۽ آگري کان ٺٽي تائين سفر ٻه ڀيرو ڪيو ۽ پنهنجا مشاهدا قلمبند ڪري اهي ڪمپني کي موڪليا. سي اسان جي تاريخ جو اهم حصو آهن.

---

## مددي ڪتاب (انگريزي)


1. Agrarian System of Mughal India Cambridge -1929.
2. Ain-i-Akbari: A base line for the economic history of India Ind: Jour: Eco. Vol I (1926).
3. The Development of land Revanue System of Mughal Empire. 1923.
4. From Akber to Aurangzeb: a Study in Indian econiong history 1923.
5. India at the death of Akber.
   1st: edi: 1920.
   2nd: edi: 1962.
6. Price and wages under Akber 1917.
7. The Shah Bandar in the eastern Sea. 1920.
8. The Value of Money at the court of Akber. 1918.
9. 'Geography of Sindh'. Manik Pithawala.
10. Encyclopedia of Encarta.
11. Encyclopedia of Britinica.
12. Travels in Sindh and Africa - Ib Batuta.
13. The Travels and adventures of Turkish Admiral Sidi Ali Reis.
14. Encyclopedia of Islam.
15. Choronoligical Dictionary of Sindh. By: M.H Panhwar
16. "Personal Observation on Sindh" by Captain T.Postan.
17. "Source Material on Sindh" by M.H.Panwhar.

18. مهراڻ 1/1975ع
19. سنڌ جا سياح - مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
20. سنڌ جو سفر - قادر بخش نظاماڻي
21. سنڌ ۽ وسنڌڙ قومون - رچرڊ برٽن
22. سنڌ - هڪ عام جائزو - لئمبرڪ
23. سلامي انسائيڪلو پيڊيا - (شاهڪار پبليڪشنز)
24. "عرب و هند کي تعلقات". از: سيد سليمان ندوي.
25. "سنڌ جو سفر". از: لطف الله. مترجم: قادر بخش نظاماڻي
26. "سنڌو ماٿريءَ ۾ وسنڌڙ قومون". از: رچرڊ برٽن.
27. "سنڌ جا سياح". از: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.
28. "اسلامي دنيا دسوين عيسوي مين". از: بشاري مقدسي مترجم: خورشيد احمد فاروقي 1982ع دهلي.
29. "آئينہ قديم سنڌ". از: شمس الدين قريشي.
30. "نئين مصر جا پراڻا ورق". از: ايسٽوڪ. سنڌي
31. ڪتاب "عجائب الهند". از: بزرگ بن شهريار.
32. سنڌ جو ماضيءَ ۾ تجارتي عروج. از: ڊاڪٽر گل حسن لغاري.
33. "سنڌ عرب مورخن ۽ سياحن جي نظر ۾". از: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، رسالو مهراڻ 1/1980ع سنڌي ادبي بورڊ.
34. "ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ". از: ڊاڪٽر غلام محمد لاکو. رسالو مهراڻ 4/1983ع، سنڌي ادبي بورڊ.

# دادا سنڌي:ادب جو سگھارو نانءُ

دادا سنڌي، سنڌي ادب ۾ ڪو نئون نالو نہ آهي، جنهن جي



سڃاڻپ ڪرائڻ ضروري هجي. دادا سنڌي پنهنجي سُڃاڻپ پاڻ آهي. هو ادب جو هڪ سگھارو نانءُ آهي. جنهن سنڌي ٻولي ۾ نهايت معياري ادب تخليق ڪيو. هن مختلف صنفن تي بهتر انداز ۾ ڪم ڪيو. هن تاريخ تي بہ لکيو، اسٽيج ڊراما بہ لکيا، ريڊيو لاءِ بہ معلوماتي فيچر لکيا. پر هن جو پسند جو شعبو تحقيق هو. تحقيق ۾ بہ هن جو لاڙو تاريخ ۽ ادب جي مضمونن ڏانهن هو. هو ڪميٽيڊ اديب هو. هن ڪڏهن بہ لکڻ ۾ مصلحت يا رک رکاءُ نہ ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ هن اديب کي مڃتا ڏيڻ لاءِ سندس تحريرن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپڻ جو اهتمام ڪيو آهي. جنهن جي پهرئين ڪڙي ”سنڌ گھمندڙ سيلاني“ ڪتاب جي روپ ۾ پيش ڪئي پئي وڃي. هن ڪتاب کان پوءِ دادا سنڌيءَ جا ڪتاب : ”سنڌ جا تعليمي محسن“، ”سنڌ جا درسگاھ“ ۽ ٻيا ڇپائيءَ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن. جيڪي جلد ڇپي پڌرا ڪيا ويندا. بورڊ جو فرض آهي تہ اهڙن اديبن جي شاهڪار لکڻين کي ڇپائي پڌرو ڪري.

دادا سنڌيءَ جي هيءَ املهہ سوکڙي پڙهندڙن کي پيش ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.